
شرم ٻوٽي
گوبند مالهي

# شرم ٻوٽي

( اصلوڪو ناول )

ليکڪ : گوبند مالهي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ .
1984ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو پنجونجاهون ڪتاب

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

پهريون ايڊيشن: جون- جولاءِ 1952ع

ڇپائيندڙ: راڻي پبليڪيشن، 545، ڪاوراڻه بلڊنگ
ڏوبي تلاءُ، بمبئي -٢٠

ٻيون ايڊيشن: جولائي 1984ع

چترڪار: واشديو "سنڌو- ڀارتي" (ڄمپور، ڀارت)

قيمت -/12 رپيا

(سڀئي حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

Novel—SHARAM BOOTI— Original—Sindhi Novel by GOBIND MALHI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June-July 1952. Price per copy Rs. 12/-

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ليکڪ جي قلم مان

ساهتي (سنڌ) ۾ ٺارو شاهه ڪان ٿي ڪوهه پري هڪ ڳوٺ هو، ڏيرو. ڏيرو عجيب ڳوٺ هو - درحقيقت ٻه ڳوٺ هئا ساڳئي نالي سان - پراڻو ڏيرو ۽ نئون ڏيرو. هڪ ٻئي جي پاسان ساڳئي نالي وارن ٻن ڳوٺن جي وجود ۾ اچڻ پٺيان ٻه تاريخ هئي. هڪ شاهه پراڻي ڳوٺ مان گهڻن هندن کي لڏايو ۽ ٻئي شاهه هنن مان ڪنکي مفت زمين ڏيئي نئون ڳوٺ ٻڌايو. نئون، سٽيشن جي بلڪل سامهون ٻه ميل پري هو ۽ ٻه وچ ڊرپيلي مائنر (واهه) جي نڪرڻ ڪري سواريون پراڻي ڳوٺ کان ور ڪري وينديون هيون. پيدل ويندڙ ڊرپيلي مائنر جي ڪڇيءَ ٽال تان لنگهي سڌو نئين ڏيري ۾ پهچندا هئا. ڊرپيلي مائنر جي پري سٽيشن طرف هئي بازيگرن جي بستي. پندرنهن ويهه جهوپڙيون ۽ انهي چوڌاري ٻڪرين جو لوڙهو. اهي بازيگر هندو هئا يا مسلمان؟ ڪير پڪ سان چئي نه سگهندو هو. نالا هندن سان ملندڙ جهلندڙ، افعال نه سڌريل هندن جهڙا نه پڙهيل مسلمانن جهڙا. ڏيري ۽ آسپاس ۾ ڪات لڳندو هو نه الزام اچي بازيگرن تي ايندو هو. بازيگر استريون سڀ سريليون - پنڌ ۾ پيڙ نه لاڏن ڳانڍ ۾ لاثاني.

گهڻا ورهيه اڳـــ...

جڏهن مان اڃا ٻار هوس (انهين نه ڪي ڳالهين ۾ اچ نه

إنسان ٿي گڏ رهيا آهن، اهڙا موجود آهن. سنڌي مسلمانن ۽ هندن (پوءِ اهي سنڌ ۾ هجن يا هند ۾) جي بهتر زندگيءَ لاءِ سنڌين ۾ به اهڙن إنسانن جو پيدا ٿيڻ هڪ طرف لازمي آهي ته ٻئي طرف اَسياويڪ نه آهي. ياد رهي ته سماجوادي حقيقت نگاري هوائي نه آهي، انهي عمارت موجوده سماجي حالتن، آرٿڪ اِستٿتي، إنساني امنگن ۽ اُلجهن جي بنياد تي اُڏيل ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري هن ناول ۾ سنڌي ڳوٺاڻي جيوت، انهي خاصين خصلتن، سماجي تضادن ۽ ڪردارن جي اندروني ڪشمڪش جي چٽو چٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

مونکي اميد آهي ته هيءَ ناول ساهت پريمين ۽ نقادن کي پسند ايندو.

ڪانديولي، **گوبند مالهي.**

١٢ جولاءِ ١٩٥٦ع.

رام ، پورن ٻن سالن بعد ، پنهنجي
جنم ڀوميءَ جي ننڍيءَ سٽيشن جي
پليٽفارم تي قدم رکيو ته حيرت ؛
خوشيءَ جي مليل جهليل احساس
وچان ڪانئس بي اختيار نڪري ويو ،
” توهان ! ... توهان هاڻ سٽيشن تي
اچڻ جي ...؟ “
هن اماڻڪ رام کي ڀاڪر ۾ ڪنهي
ورتو ؛ رام پنهنجو جملو پورو ڪري
نه سگهيو .
هن رام کي ڀاڪر ۾ تي گاڏيءَ
ڪان پريرو ڇڪي ويندي چيو ،
” ڪهڙي گناهه جي سزا طور تو مونکي
توهان ڪري سڏيو ؟ “
رام چيو ” پاتوءَ لکيو هو ته هاڻ
سيداسه جي گادي توهان ... “
” وري توهان ! سيداسه جي
گادي نشين ٿيڻ سان ڇا مان عمر
۾ توکان وڏي ويس ؟ “
” عمر ۾ نه سهين ، مرتبي ۾
بي شڪ ... “
شاهه ڪجهه چوي ته هن کان اڳ
شاهه جي خاص خيليءَ ٻنهي دوستن

جي ويجهو اچي چيو، ”شاهه سائين سامان لهي ويو...“

رام شاهه جي پاڪر مان نڪري چيو، ”عثمان تون! منهنجو نه توڏانهن ڌيان ئي نه ويو ...“

شاهه کلي چيو، ”وڏي ماڻهوءَ تيڻ جا اهي اهڃاڻ آهن.“

رام چيو، ”وڏي ماڻهو ٿيڻ جو سوال ناهي، توهانکي سٽيشن تي آيو ڏسي منهنجي حيرت جي حد نه رهي ...“

شاهه چيو، ”ايڏي سمجهاڻي ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. تون سامان سنڀال. گارڊ وسل هڻي آهي.“

رام ان وچ ۾ سامان جي ويجهو وڃي ويو هو. سامان جا نگ ڳڻيندي چيائين، ”هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج... سڀ آهن. عثمان سفر لاءِ ڪمبل نڪر جي گهرج لاهڻ ٻه نه پليو آهي.“

شاهه کلي چيو ”انصاف ٿنهنجا ٻه نه وساريا. گهڻي ٻه سال اڳ زور ڪري مون توکي ٻڌائي هئي. ان کي سانڍي سلامت کڻي آيو آهين ...“

عثمان ادب سان چيو ”قبلا، سامان علوءَ جي بگيءَ ۾ رکايان يا ٽيڪسيءَ جي ۾؟ ٻنهي مان ڪنهنکي ٻه سواري ملي نٿي ڏسجي ...“

شاهه چيو، ”علوءَ جي ٽانگي ۾ رکاءِ. ڇيهس نه گهوڙي کي گهنگهرو ٻڌي ...“

گاڏي آخري وسل هڻندي چٽي. آهستي آهستي گاڏي پليٽ فارم ڇڏڻ لڳي. شروعات ۾ انين ئي پاسيو

نه ٻئي دوست به گويا گاڏيءَ سان قدم ملائيندا ڪمٽ ڏانهن لي وڌيا پر ليو انهن جو گاڏي پليٽ فارم ڇڏي ۽ هئيءَ اڃا ڪمٽ ڪان پري هئا!

رام چيو، "اڄ صبح جو نئي ايتري گرمي ٿي آهي يا روز هوندي آهي؟"

شاهه ڪلي چيو، "اون واقعي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين."

رام ابوجهانيءَ وچان چيو، "مون اوهانجو مطلب نه سمجهيو."

"ٻن سالن جي اندر اندر وطن جي آبهوا نه وسري وئي اٿيئي. هيءَ جولاء جو مهينو آهي ۽ هتي چوويهه ئي ڪلاڪ گرميءَ جو راڄ رهندو آهي."

شاهه ڪيس ڪو طعنو نه ڏنيو هو، اها رام کي ٻڌويءَ جاڻ هئي ۽ پوءِ به هن جي دماغ ۾ هٿوڙو لڳو، "ٻن سالن جي اندر اندر..."

شاهه هنڪي زياده ويچار ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو، ريلوي ويٽر جي ستال وٽ پهچي پڇيائين، "ٿاڌل پيئندين يا آريبج؟"

"نه ٿاڌل، نه آريبج."

"يعني؟"

"مونکي پيگ جو گلاس کپي." رام جي چپن تي مرڪ ڊوڙي آئي.

شاهه ويٽر کي چيو، "ڪرمون، ٻه ٿاڌل جا گلاس."

پوءِ رام ڏانهن نهاري مرڪي چيائين، "پيگ نه اوطاق

لي پيٺي ٿي. اول تون ڪرمونءَ جي ٽاڏل جو ذائقو وٺي ڏس، ڪرمونءَ جي ٽاڏل ۽ پنهنجي اُلي سان آهي. ڪٽن ڪرمون ..."

ڪرمونءَ ٽاڪيءَ سان ٻرف ڪٽيندي چيو، " انهن پاڻ قدر دان آهيو ... "

رام پڇيو، " ڪرمون، مونکي سڃاڻين ٿو ؟ "

ڪرمونءَ ٻرف گلاس ۾ وجهندي چيو، " سائين، ڏسو ۽ ڇوي چانو؟ ماستر رسول بخش سامهون سا ڳيءَ بينچ تي ويهندا هئاسين. ديوان، مونکي اهو ۽ ياد آهي ته مان گهران حساب ڪري نه ايندو هوس. تون گهنڊ لڳڻ کان اڳ مونکي حساب ڪري ڏيندو هئين ۽ مان ماستر جي مار کان بچي ويندو هوس ..."

رام ٽهڪ ڏيئي چيو، " رسول بخش جي مار ۽ مار هوندي هئي ..."

شاهه ڪرمونءَ کان ٽاڏل جو گلاس وٺي رام ڏانهن وڌائيندي چيو، " مونکي ان مار جو ڪو آزمودو نه مليو."

رام چيو، " سيداڻي ٻار تي هٿ هلائڻ جي رسول بخش کي ڪڏهن همت ٿي نه ٿي." پوءِ ٽاڏل جا ۽ ٽي ٻه ڍڪ ڀري چيائين، " ٽاڏل واهه جي آهي."

شاهه مرڪي چيو، " رسول بخش جي مار، ڪرمونءَ جي ٽاڏل ... ٻن ناميارن چيزن مان هڪ جو ذائقو مون توکان وڌيڪ چکيو آهي."

رام پليٽ فارم جي جهنگلي مان ٻاهر نهاري چيو،

”هتان جي نہ رونق ئي ڦري ويئي آهي.“

شاهہ چيو، ”هو سامهون دڪانن جي قطار ڏسين ٿو، ڪوهہ جي ساڄي پاسي اهي دڪان پر سال مون جوڙايا هئا فيضوء جي صلاح ئي...“

”فيضو ڪهڙو؟“

ڪرمونء هڪ پورنر ڪي پاڻيء جو گلاس ڏيندي چيو، ”ديوان، توهان نہ غضب ٿو ڪريو. فيض محمد پنهنجو ڪلاسي نہ هوندو هو. هن سال وڪالت پاس ڪئي اٿس.“

ڪرمونء جو طعنو رام جي دل اندر چڀي ويو. پشيماني ظاهر ڪندي چيائين، ”ننڍپڻ ۾ ئي دوست وڇڙي وياسين. توهان سڪول ڇڏي ناناڻن ۾ حيدراباد هليو ويئين. فيضو ڪنڊياري تعليم ورتي؛ مون ٿاروشاهہ ۾. ڪاليج ۾ فيضوء ۽ مون جدا جدا وسايا. مان ڪراچيء ۾ پڙهيس ۽ هو شڪارپور ۾. ٻہ سال اڳي، نہ مان سنڌ جا وڻ ئي ڇڏي ويس.“

شاهہ چيو، ”ائين ٿيندو آهي.“ ائين چئي هو ڪرمونء کي خالي گلاس ڏيئي پليٽ فارم جي گيٽ ڏانهن وڌڻ لڳو.

رام خالي گلاس موٽائيندي چيو، ”پيسا...“

ڪرمونء وات تي آڱر رکي چيو، ”ش ش... شاهہ صاحب ٻڌندو. توهان ڪانسواءِ جهوني ڪلاسيء جي ڪجهہ مهماني ڪرڻ جو موڪي ٻہ نہ حق آهي.“

شاهه پري کان ڇيو، ”اڄ نه. ڳالهين ڪرڻ لاءِ زندگي پيئي اٿو.“

رام ڇيو، ”وري گڏ ٿاسين.“ ۽ هو شاهه ڏانهن وڌي ويو.

شاهه ۽ رام سٽيشن کان ٻاهر نڪتا ته هڪ پير مرد اچي شاهه کي پيرين پيو.

شاهه پڇيو، ”پيرو، ڪر خبر.“

پيرو ۽ هڪ قدم پٺتي هٽي ادب سان ڇيو، ”مان سائينجن جي اوطاق تي ويو هوس ڏس مليو سائينءَ نيشن ...“

شاهه پڇيو، ”خير ته آهي.“ شاهه رام جو هٿ پڪڙي ٽانگن جي سٽينڊ ڏانهن وڌيو. پيرو ۽ پنيان ايندي ڇيو، ”سائين خير ناهي. جمعدار جانمحمد شيرو ۽ کي ناحق لاڪپ ۾ ڪٺي بند ڪيو آهي.“

شاهه علوءَ کان گهوڙي جون رنڊون وٺندي ڇيو، ”ناحق نه چؤ ميان. پراڻي ڳوٺ ۾ ڪالهه جيڪو ڪاٺ لڳو آهي تنهن ۾ شيرو ۽ جو هٿ هوندو ني ...“

پيرو ۽ نماڻائيءَ سان ڇيو، ”قبلا، شيرو ڪالهه رات مخرا ٻپور ويو هو، وڏيري جمالدين جي فرجند جو نڪاح هو...“

شاهه کلي ڇيو، ”تنهنجي معنيٰ گهر نه هو نه. پوليس وٽ هيڪاري ثبوت وڌيو.“

شاهه رام کي ٽانگي جي اڳين خاني ۾ چڙهڻ جو اشارو ڪيو.

پيروءَ چيو، ”سائين، اوهان جي رعيت آهيون ...“

رام جي ٽانگي، تي چڙهڻ بعد شاهه گهوڙي جون رنڊون جهلي ٽانگي جي اڳئين خاني ۾ چڙهي ويٺو. علوءَ کان بيد جو اڪڙ وٺي چيائين، ”ان جو اهو مطلب ته ناهي، اوهان ڏوهه ڪندا رهو ۽ مان توهانکي ڇڏائيندو رهان.“

پير مرد جي اکين ۾ آنسو پرجي آيا هئا. هن اشڪبار اکين سان چيو، ”مرشد، شيرو بيگناهه آهي...“

شاهه چيو، ”بيگناهه آهي ته ڇٽي ايندو. ميان، هر ڀيرو بادشاهه ڳڙدي ڪا نه آهي.“

پيروءَ ڪلهي تي پيل انگوڇي سان اکيون اُگهندي چيو، ”سائين جن جمعدار جانمحمد جي طبع مان واقف آهن. هو شيروءَ تي اهڙي مار وجهندو جو وڏيڪ مار کان ڇٽڻ لاءِ هو ڏوهه سر تي کڻندو...“

شاهه چيو، ”ڪورٽ ۾ ڦري سگهيٿو. پوليس ۾ ڏنل زبانيءَ جي ڪورٽ ۾ ڪا قيمت ڪانهي.“

پيروءَ نهايت عاجزيءَ سان چيو، ”حاڪم، رهڻو ته هن تو ۾ آهي...“

پنئين خاني ۾ ويٺل علوءَ چيو، ”شيروءَ جو نهال جي دڪان کي لڳل ڪاٽ ۾ هٿ ناهي. قبلا، ايترو مان به ڇٽي سگهان ٿو.“

شاهه مرڪي چيو، ”چورن جا پاڙ ڳنڍ ڇوڙ.“ پوءِ عثمان، جو اڃا تائين همت ٻڌيو هو، کي چيائين، ”تون به چڙهه.“

عثمان پنهنجي ماڻهن کي چڙهڻ لڳو.

پيروءَ ٻاڏايو، ”سائين، اوهان وٽ ئي جمعدار کي...“ هڪڙو ڳلو وري پرچي آيو.

شاهه چيو، ”مان وٽ ئي عثمان کي لاهي جانمحمد کي اوطاق ۾ گهرايان ٿو. شيروءَ خلاف ونش ثابتي هوندي ته مان ڪجهه نه ڪندس.“

پيروءَ ٽانگي جي ويجهو اچي، شاهه جي پيرن ۾ هٿ رکي چيو، ”قبلا، اوهان جو بخت بالا رهي.“ پوءِ هٿ چاليءَ سان لانيدي پري ٿي بيٺو.

رام آهستي شاهه کي چيو، ”هن ويچاري کي به چاڙهي هلو.“

شاهه چيو، ”انهن هلڻي ته سيديءَ جي ڀڄاٽي اچي وڃي.“ پوءِ پيروءَ ڏانهن نهاري چيائين، ”ميان، تون به پنهنجي چڙهه.“

علوءَ سوڙهو ٿي پيروءَ کي جاءِ ڏيندي چيو، ”اهو اسانجو سيد اٿيئي. هالاڻيءَ وارو سيد هوند بيٺو به نه سهيئي.“

پيروءَ وهندي چيو، ”ابا، ٻڌهن ته اسين به هن سائينءَ جو در جهلي بيٺا آهيون.“

شاهه رنڊن کي چڀي ڏني. گهوڙو ڇوت ڏانهن وڌڻ لڳو. گاڏيءَ جا ڦيٿا، گهوڙي جا سنب ۽ هڪڙي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنگهرو تال ۾ تال ملائي عجيب موسيقي پيدا ڪري رهيا هئا. پنهنجي پڇندڙ وڻ ۽ ڪيت فضا کي تهائين

رنگين ڪري رهيا هئا. رام جي دل مچلجي ويئي.
هو گنگنائڻ لڳو:

خاص ڪٿوري پانيان وطن جي واري
مٺي منڙي ملڪ جي مشڪان موچاري...

شاهه ڪلي ڇيو، "نديي هوندي وارا اهي بيمه....
اَڃا ياد اٿيئي؟"

رام وراڻيو، "گاهه ۽ گلزاري، ٻئي باغيچو پانيان...
هي ئي بيمه ۽ وسرڻ جا آهن." ڪجهه دير ڪان پوءِ چيائين،
"هاڻ نه هت ٻئي واقعي باغيچا ٿي ويا آهن، اوهانجي
ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ سان."

شاهه ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، "منهنجي ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ
سان! لوڪي ڪنهن گمراهه ڪيو آهي؟"

"پاڻو وقت بوقت ڳوٺ جو واءُ سواءُ چنبين ۾ لکندو
هو. هن لکيو، "سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي
ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ سان ڳوٺ جي رونق ئي ٻي
ٿيندي پيئي وڃي..." هن شاهه جي سچي نالي لي خاص
انداز ۾ زور ڏنو.

شاهه چيو، "سيد علي اڪبر شاهه صاحب... مون ۾
صاحب ٻڌجي وڃڻ جو ڪو ڪرو ڏسڻ ۾ اچيئي ٿو؟..."

رام ڪلي چيو، "پنڌين خاني ۾ ويندل پير مرد ان جو
زنده ثبوت آهي. ڳوٺ ۾ اڃا چوريون ۽ ڪات هليا پيا
اَچن! مون سمجهيو هو نه توهان جي راڄ ۾ انهن جو اِنت
اچي ويو هوندو."

هئي.“ ٿاڻي ڏانهن ڏسندي چيائين، ”جمعدار پاڻ پيو اچي.“

شاهه گاڏيءَ مان هيٺ لٿو. هن ڪان اڳ علو ۽ پيرو به گاڏيءَ مان لهي پيا هئا. شاهه علوءَ کي چيو، ”تون ديوان کي گهر ڇڏ. پيسا ڏيئي نه وڃائينس.“ پوءِ هو رام ڏانهن ڏسڻ ڌاران ٿاڻي طرف وڌي ويو.

پيروءَ پڇيو، ”قبلا، مان ترسان؟“

شاهه رعب مان چيو، ”تون گهر وڃي آرامي ٿيءُ.“

پيرو پير پير ۾ پائي شاهه جي پنيان وڃڻ لڳو.

علو پنهنجين کاني ۾ وٺي گهوڙي کي چهبي ڏني. رام چيو، ”ترس، شاهه صاحب جي واپس ورڻ تائين ترس.“

علوءَ رنئون ٻه ٻيون ڪري ڇڏيون.

رام ان وچ ۾ پليءَ پٺ سمجهي ويو هو ته سندس ننڍپڻ جي ’دوست علي اڪبر‘، ’سيد علي اڪبر شاهه صاحب‘ سان گڏ ’مرشد‘، ’قبلو‘ ۽ ’حاڪم‘ ٿيڻ بعد ننڍپڻ جو سياءُ ۽ خصلتن ۽ خامين سهت – جهڙن جو تهڙن برقرار رکيو هو.

اوچتو علوءَ پڇيو، ”ديوان، اوهان ڪاڪتي ۾ پڙهندا هئا نه؟“

رام سنجيدگيءَ سان وراڻيو، ”شانتينيڪيتن ۾.“

پوءِ چيائين، ”اهو ڪاڪتي جي پرسان ئي آهي.“

ڪجهه وقت جي خاموشيءَ بعد علوءَ چيو، ”اوهان کي ضرور وڏي نوڪري ملندي...“

رام هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”مان ٻا ماستر ني سکڻائڻو يا ڪلارڪ.“

علوءَ ڪي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ۽ چيائين، قاضي غلام محمد جو فرزند فيض محمد شڪارپور ڪانپوءِ ڪراچيءَ پڙهڻ ويو ته هاڻ ڪنديارو جي شاهمحمد وڪيل سان گڏ وڪالت شروع ڪئي اٿس، اوهان اهڙو پري پڙهڻ ويا...“

رام گمبيرتا سان چيو، ”مان وڏيڪ ڪمائڻ لاءِ قابل نه جي ارادي سان شانتيڪيتن نه ويو هوس.“

علوءَ جو دماغ ٽهائين منجهي ويو. ’وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون،‘ ائين سوچي چپ ٿي ويو. پوءِ ٿوري ڏانهن نهاري چيائين، ”شاهه صاحب اچا ته جمعدار سان ڳالهيون پيو ڪري.“

رام پڇيو، ”مان جيڪڏهن وڏيءَ عمر وارن لاءِ هڪ سڪول کوليان ته اوهان ماڻهو جيڪر پڙهڻ اچو.“

علوءَ خشڪ آواز ۾ چيو، ”ديوان، اسين پڙهڻ لي وقت وڃايون ته ڪانون ڪتان؟“

”ڏينهن جو گذر لاءِ ڪمايو، رات جو مونوت پڙهڻ اچو.“ رام هڏجي منهن ۾ لڪيندو رهيو.

”ائين چؤ نه،“ علوءَ ألساهه وڃان چمو، ”پوءِ ته نئين ۽ پراڻي ڳوٺ جي ماڻهن ڪان سواءِ آس پاس جا هاري ناري به هوند اچن.“

رام ڪجهه چوي ٿي چوي تنهن کان اڳ، علوءَ

وري نراسائيءَ سان ڀريل نوع ۾ چيو، "ڏينهن جو خون پسينو هڪ ڪرڻ بعد رات جو ننڊ کان جند ڇڏائڻ مشڪل آهي، ديوان!"

رام جي اُساهه جو گلو مروٽجي ويو.

علو چوندو رهيو، "رات جو اوجاڳو ڪجي ته ڏينهن اکين ٽي نه پٽجي. تنهن کانسواءِ تون سڪول ته ڪنهن مقرر وقت تي هلائيندين، اسان ماڻهن کي ان وقت فرصت هوندي به يا نه... باقي واڻيا تو وٽ پڙهي سگهن ٿا."

رام کي ڪو جواب نه ڏيندو ڏسي چيائين، "تون به نه ديوان ڪنهن نه ڪنهن نوڪريءَ کي لڳندين. پيمن نه چوندو آهي..."

رام اُتاولائيءَ سان پڇيو، "بابو ڇا چوندو آهي؟"

رام جي ان سوال پڇڻ جو ڍنگ اهڙو هو جو علو ڏڪجي ويو. چيائين، "ٻالڪي کا خاص خبر ڪانهي. پاڻ سالن کان گهوڙي لاءِ داڻو پيمن کان وٺندا آهيون، کي شاهه صاحب جي ڪري کي ننڍپڻ کان پيمن سان خوش خير و عافيت جي وات آهي، تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهي، 'مهنجو ننڍو ڀاءُ ڪلڪتي مان پڙهي ايندو ته وڏو عهدو هنجا پير چمندو.'"

رام جي دماغ ۾ پڙاڏو ٿيو، 'پورين مغز ماري بابوءَ سان ڪرڻي پوندي.' پنهنجي دلي ارادي کي دريٽا ڏيڻ لاءِ ٻاهران چيائين، "ٻالڪي ماستري ڪرڻ جو ارادو آهي، ٽئين قسم جي ماستري." پوين لفظن تي هن

خاص زور ڏنو.

پر پيان شاهه جو آواز آيو، ”تون وڃين ڪو نه؟“

رام ورائيو، ”توهان ... نه، تنهنجي لاءِ ترسي پيس.“

شاهه ٽانگي جي ويجهو اچي ڪلي چيو، ”نيٺ تو پنهنجي منهنجي صحيح حيثيت سڃاڻي ورتي.“

شاهه ٽانگي جي اڳئين خاني ۾ چڙهي علوءَ کان گهوڙي جون رسيون ورتيون. عثمان پٺئين خاني ۾ چڙهي ويٺو. پيرو شايد ٽانگي تي ئي ترسي پيو هو.

شاهه گهوڙي کي چهبڪ ڏني. علوءَ عثمان کان آهستي پڇيو، ”شيروءَ جو ڇا ٿيو؟“

جواب شاهه ڏنو، ”شيروءَ کي ته جمعدار ڇڏيندو. پيروءَ جو پلو ٿي ويو، آخر پنهنجي مٿان اچي ويئي.“

رام شاهه ڏانهن نهاري پڇيو، ”يعني؟“

”شاهه صاحب، مان هميشه اوهانجي اوطاق تان پيو اچان.“

ٽانگو پراڻي ڳوٺ جي ٻاهر واري ڍوري جي تلاءَ جي ڪناري تان هلي رهيو هو. شاهه ٽانگو روڪي ڇڏيو.

رام ڏٺو ته تلوار ڪٽ مڇين سان هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ جوان شخص ٽانگي ڏانهن وڌي آيو. رام کي لڳو اهو شخص مون اڳ ڏٺو ناهي.

پر هن شخص ٽانگي وٽ پهچي پڇيو، ”هيءُ رام آهي نه؟“

رام وائڙو ٿي ويو. شاهه چيو، ”حياتيءَ ۾ اڄ تو

پهريون پيرو ٿي ڇڏيم ته ڪو هميو آهي." پوءِ رام ڏانهن نهاري پڇيائين، "تو سڃاتس؟"

رام ذهن تي زور ڏيندو رهيو.

شاهه چيو، "مکي ٻولو مل جو ٻيون نمبر پٽ آهي شيوڪ." شيوڪ ڏانهن نهاري چيائين، "صبوح صبوح جو ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

شيوڪ کلي چيو، "اول اوهانجي اوطاق تي آيس ته هڪ ٻه شطرنج جي بازي ٿي وڃي. اوهان نه مليا ته ٻه گهڙيون جانمحمد سان ڏاڙ ٻٽاڪ هڻڻ ٿو وڃان. ڪلاڪن ۾ واپس اوهان جي اوطاق تي پهچي وڃبو."

شاهه رئس کي چڪ ڏيندي چيو، "ٻلي اڄ شطرنج کيلبي، اهڙي پڪ نٿو ڏيانءِ."

ٽانگو ٿورو اڳيرو هليو ته شاهه چيو، "واندا مل، ڇي پالهو مل ٿو سڏيئي."

رام چيو، "هاڻي ته ٿيو پيو آهي، ننڍي هوندي ڇوڪرن جو ٻلو پيو چڪاڙيندو هو. ڪيڏو چاهي؟ ..."

شاهه چيو، "شاهوڪاري بار ڇڙيو يا ... ايف. اي. به پاس ڪري نه سگهيو. هاڻ هٿ هٿ جوکائيءَ جا چڪر پيو لڳائي."

ٽانگو پراڻي ڳوٺ اندر پهچي چڪو هو. هندن مسلمانن "شاهه صاحب نياز ٿئي،" "مرشد جو خير رهي" جي رٽ لڳائي ڏني.

شاهه خوش خير و عافيت جي اوت موت ڪرڻ

جي وچ ۾ رام کان پڇيو ، ”گهڻا ڏينهن ڳوٺ ۾ رهندين؟...“

رام کلي چيو ، ”عمر ڀر.“

شاهه گمڀيرتا سان پڇيو ، ”مطلب؟“ پوءِ چيائين، ”ايمن ۽ چيو ٿي ڪليڪٽريءَ جو امتحان ڏياريندو سانس.“

”اِف وشز ور هارسز بيگرس وڊ رائيڊ (خواهشون گهوڙا هجن ته هونـد فقير مٿن سواري ڪن). پاڻ جيوت جو مقصد چونڊي ڇڏيو آهي.“

”ڇا ڪرڻ جو ارادو ، اٿيئي ؟“

علوءَ عثمان کي چيو ، ”هيءَ ديوان اسان وڏيءَ عمر وارن کي رات رات جو پاڙهڻ ٿو گهري.“

شاهه کلي چيو ، ”عاليشان مقصد آهي پر...“

رام چيو، ”لوڪي مهنجي مدد ڪرڻي پوندي.“

”مان مدد ڪندس ني. پر گذر لاءِ ٻيو ڪجهه...“

شاهه پاڻ گهري سوچ ويچار ۾ پئجي ويو.

رام دريـ نـوع ۾ چيو ، ”آجيوڪا جو ڪو نہ ڪو طريقو نڪري ايندو.“

”ايمن رضامند ئي نہ ٿيندو.“

”اُن کي ڏنـو ويندو. تو پاڻ ئي تہ اڳهڻو چيو جيستائين بک ۽ بي عامي زور آهي تيستائين چور پون ۽ ڪات گهٽبائي ڪو نہ. ان ڏس ۾ ڪجهه نہ ڪرڻو پوندو.“

ٽانگو پراڻو ڳوٺ پار ڪري نئين ڳوٺ ڏانهن ويندڙ سڙڪ تان هلي رهيو هو.

شاهه چيو، ”فيضو خوش ٿيندو. هو اڳيئي وڪالت

ڪان وڏيڪ وقت هماري ڪاميٽيون برپا ڪري ڪي ڏيندو رهيٿو."

رام پڇيو، "توکي خوشي نٿي ٿئي؟"

"مان ڪجهه به نيڪ نٿو سگهان. مان اميد ڪجي پنهنجي دوستن کي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان. پر مونکي پرون ٿا پون ته هي اٽانگي راهه تان قدم وڌائيندا پنهنجي لاءِ مصيبت پنيان مصيبت ، گهمندا رهندا..."

رام پڇيو، "فيض محمد اڄ و وت ايندو؟"

"اڄ ايندو يا مهدي ڪان پوءِ. مدار هنکي فرصت ملڻ تي آهي. ايندو ته گهوڙي تي چڙهي ايندو. تنهنجي اچڻ جو نيا پو پاڻو ڏيري سند ، گهر اڄ ئي موڪليندس."

ٻئي دوست چپ ٿي ويا. ٿانگو هلندو رهيو. اهو ننڍين ڳوٺ جي ٻاهرين جڳهين لائين اچي پهتو.

ڪاپي پاسي واري سڪل تلاءَ ڏانهن نهاريندي هن پڇيو، "هيءُ تلاءُ..."

رام نهاريندي چيو، "هيءُ تلاءُ ته ڪو وسري جو آهي. هزارن ڪوهن جي دوريءَ تي به هيءُ تلاءُ ۽ اُن سان ٻڌل يادگيريون جان سان جڙيون رهنديون هيون. اُجا هت 'ڪيتي ڪيتي' ٿئي؟"

"هڪڙا وڏا اُي هن تلاءَ کي ڇڏي وڃي، پيا انهنجي جڳهه والا رهي. تلاءُ ڳوٺ جي لاءِ راند ۽ وندر جو مرڪز بڻيو رهي."

يڪا يڪ رام جي ڪن تي هڪ ڪورس راڳ، جو آواز پيو:-

ٻه پيري جا واٽيا – سيد لڏايا ....

رام آواز جي ٽوهه لئي اکين کي ڦيرايو :-

چار پنج بازيگر - استريون هڪ گهر جي ٻاهران پڙهندي ڳائي رهيون هيون:

ڪڪڙا ڪڇن ۾ – هنڌڙا هٿن ۾ ...

رام دلي چيو، ”اڃا هيءَ مدي خارج گيت هلي پيو. اوهانجي راڄ هوندي ...“

شاهه گهوڙي کي چهڪي ٻهار ڏيندي چيو، ”توکي جيڪڏهن پاڙهڻو آهي ته اول انهن بازيگرن کي پاڙهه ...“

رام ٽهڪ ڏيئي چيو، ”جنن ڪانئن اهو راڳ وسري وڃي ...“ رام ٽانگي تان هيٺ لهي پيو.

شاهه ٽانگي مان لهندي چيو، ”مان ڏاڏي مرحوم جي غلطيءَ تي شرمندو آهيان، پر هنکي پاڙهڻ جي پلاڻ ان لاءِ نٿو ڪريان.“

علوءَ ٽانگي جون ونڊون وٺندي چيو، ”ڏينهن جو پڌن رام جو ڏاڙا هٽن، بازيگرن جو پيو کهڙو ڏنڊو آهي؟“

رام جو ڀاءُ دڪان تان لهي ٽانگي جي ويجهو وڌي آيو هو. رام ڀاءُ ڏانهن وڌيو. پهرين ڀاءُ مان پيرين پوڻ جي اميد رکي هئي، پر هنکي هٿ وڌائيندو ڏسي، منجهي پيو. پوءِ هن ڀاءُ جو هٿ پڪڙي ورتو.

ماءُ اڌ پڪيل منهن سان گهر جي چانئٺ تي بيٺي

پٽ جو انتظار ڪري رهي هئي.

شاهه گهر جي دڪيءَ کان ٻرٻرو ٻيهي چيو، ”اَمڙ، منهنجي ڪري لوڪي رام لاءِ ڪافي اوسيڙو ڪڍڻو پيو.“

رام ماءُ منهن لهائين پڪي چيو، ”اوهانجو ٻه پياءُ آهي، اوهانجو ٻه مٿس حق آهي.“

رام ماءُ اڳيان ٻهڙي هٿ جوڙي بيٺو. ماءُ فورن هنجا هٿ پڪڙي ورتا ۽ هنکي گهر جي ڏيوڍيءَ اندر چڪي ڪٺي چاليءَ سان لاتو.

(٢)

ماءُ کٽ جي ايس لي پاٽيءَ جو گلاس رکيو ۽ پوءِ کٽ جي ٻرسان هيٺ رکيل منجيءَ لي ويهي رهي. پٽ جي منهن ڏي اکيون اڪائي ماءُ چيو، ”پٽ، هڪ ڳالهه پڇان؟“

پيمن حيرت وچان ماءُ ڏانهن نهاريو، پوءِ وات وارو گره ڳڙو چباڙي نڙيءَ ۾ لنگهائي چيائين، ”ڇو اَمان... اڄ ٿو مون کان ائين ڇو پڇيو؟“ هو ڳالهيءَ ۾ ناهيل ڳڻي هٿ ۾ جهلي ماءُ ڏانهن نهاريندو رهيو.

ماءُ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”ڳالهه ٿي اهڙي آهي... مونکي ناحق ڪٺيءَ ڪنيو جو پرسي ماءُ جي گهر لاڏن لي ويس... لون ڪاءُ ٿ! هٿ جهلي ڇو بيٺو آهين؟“

ماءُ منجيءَ تان اُٿي پٽ جي ٻرسان کٽ لي ويهي رهي.

پيمن گره وات ۾ وجهي چيو، ”نيمت ٻه ڳالهه چاهي؟“

ماءُ چيو، ”باجيگر ڇوريءَ، مان ڇوڇي ڏيان مٿيءَ

ڪي. گلو سريلو اٿس ۽ پاڻ لائين اٿس... مان رنوڻيءَ جي سونهن کي ڏوڻي پيئنديس..."

ييمن خفي ٿي چيو، "ڳالهه ڇا هئي، سا ته ٻڌائين نٿي؟"

ييمن زال، جا ٻيءَ ڪمت لي پنهنجي ننڍي پٽ کي ٿڦڪيون هڻي سمهارڻ رهي هئي، چيو، "ننڍڙي ماءُ لاڏن لي بازيگرن جي بستيءَ مان پريميءَ کي گهرايو هو. اميرءَ هن جا لاڏا ٻڌندي چيو، 'ڇوريءَ جو گلو ڏاڍو سريلو آهي' شاميءَ چيو، 'جيجي، پريمي اڳي پوءِ لهنجي ننهن مٺي، پوءِ ته هر روز هنجي سريلي گلي جو...'"

ييمن ماءُ چڙ مان چيو، "مان ٻاهر ڏيانس. شامي نٿي مڃيءَ ڪي پاڇاڻي ڪري گهر ۾ وهاري. هرني لاءِ پاڻ ته ڪا بي سني ڇوڪري ملندن."

ييمن زال ان وچ ۾ ڪمت کان اٿي مڇيءَ لي اچي ويٺي هئي. هن مڙس ڏانهن نهاريندي چيو، "ڏيرم جي سچ پچ پريميءَ سان دل آهي؟"

ييمن هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، "مونکي ڪهڙي خبر؟ مونکي صرف اها خبر آهي ته رام روز بازيگرن کي پاڙهه ويندو آهي." پوءِ ماءُ ڏانهن نهاري مرڪي چيائين، "امان، پريمي سوُ سک ڏيندءِ. اهڙي مضبوط ۽ هڏ ڳڻي ننهن ڪمت لي وهاري ڪارائيندءِ. هن ننهن وانگر سڄو وقت لڳن جي سور جي رت ڪا نه لڳائيندي."

ماءُ جي اکين ۾ آب اچي ويو هو. رني جي ڪنڌ

ڪري رهيو هو.

ماءُ ٺڪ آواز ۾ وراڻيو، ”هن جي پڙهائيءَ لاءِ پيسا نه هيمءَ جي گهوٽ تي خرچيا...“

”امان، تون سمجهين نٿي. پيسا جيوٽداس خرچيا يا مون خرچيا. مان ڪٿي ٿو چوان مون خرچيا؟ پيسا نه هُئا نه؟ نوڪري نٿو ڪري؟ آدم ڪانسواءِ ڇا نوڪري وٽس پاڻ کان پاڻهي هلي ايندي؟ چاهي نه مختيارڪار ٿي سگهيٿو، نه نه ته هيڊ منشگيري نه. هڪدم هٿ ڪري سگهيٿو.“

”تون شاهه کي چوءِ، ٿو چئين؟ هن جو رام تي اثر آهي...“

پيمن نهُرڪ پنهنجي لهجي ۾ چيو، ”پرائو پٽ ڪو ڏٺي ۾ ڪارجي. شاهه نه هڪڙي هٿ وٺي ڪاريو آهي...“ پڪا يڪ پيمن کي ڍپ ٿيو ته ڪٿي پاسي واري ڪڏ لي ڪنهن پڌي نه ورتو. هن جي سو ڀنا ڌير ڇپائين، ”شاهه ويچارو ۾ ڇا ڪري؟ رام هن اڳيان ٿوريءَ گهڙيءَ لي لمبي تقرير وٺي ٿو شروع ڪري. ڪلڪتي مان رام بس تقرير بازي ئي سکي آيو آهي. ميهن پنهنجي ڪارنهن نه ڏسي گانءِ کي چوي، هل پيچ ڪاري. رام سمجهي ٿو دنيا جي سڀني مسئلن جو حل پاڻ ئي جاڻي.“

نهن سس اڳيان ڪاڏي جي ٿالهي آڻي رکي. سس چيو، ”مونکي اڄ بک ڪانهي.“

نهن سس کي چيو، ”ڪالو نه. مدجهند جو به هڪ پورو مس ڪاڌو.“ پوءِ مڙس ڏانهن نهاري چپائين،

”اوهان کي ڪيترا دفعا چيو اٿم تہ ڏيرم ہا ٻنھ امين ۾ اڳيان ڪجھ نہ چئو...؟“

پيمن چيو، ”ڳالھ ہہ ٻاڻ شروع ڪيائين.“ پوءِ ماءُ کي چيائين، ”امان، ڪاءُ نہ! مان رام جو دشمن ڪو نہ آهيان. مان صرف چاهيانٿو تہ هيءُ خواھ مخواھ ولاڻ ٻنھ چڙي زندگيءَ ۾ ٿانئيڪو ٿئي.“

اوڏي مھل پاسي واري ڪڏ ٽان ٻنيءَ جڳوءَ ڏاڏيءَ چيو، ”رام ماءُ، ٻڙي! اَچا هاڻ ٿي ڪانين: اَج چلم جو آسرو ڪونھي؟“

پيمن ڙال چيو، ”اَچو. مان قل پري ٿي اچان.“

پيمن ماءُ گھر جي ڳالھ کي گھر جي چؤديواريءَ کان ٻاهر وڃڻ کان روڪڻ لاءِ چپ چاپ چانورن ۾ سائي ٻاجي ملائي ڪاڻڻ ويئي.

جڳوءَ ڏاڏيءَ ٻدهجي ڪڏ ٽان ئي چيو، ”تون قل ٻري اچ. مان ليتر هينان مھڙ واري در جي نگھ ڪري اچان.“

جڳوءَ ڏاڏي پوءِ ہہ اولي جي سھاري ٻيٺي رهي. هن طرف ڪان ڪو ہہ وارلا لاپ نہ ٿيندو ڏسي هوءَ غائب ٿي ويئي. پيمن ڙال ہہ هيٺ قل ۾ ٽانڊا وجھڻ هلي ويئي.

پيمن، ماءُ کي چيو، ”امان، مان رام جو مٺ گھر و نہ آهيان. نوڪري هٿ ڪري تہ مان سندس شادي رچائي وڏي ٻاءُ جو فرض ٻجا آڻيان.“

ماءُ گرهه گرهه سان ڀريل واڪ سان چيو، "پٽ، مان
هر ويڙهو واپاڻي ڪا نه آهيان. مان به سڀڪجهه سمجهان ٿي."
ڪجهه وقت بعد چيائين، "رام جو مڱڻو ڪري ڇڏ.
پاڻ ڀونڊس نه جوابداري سمجهندو. هيئنءَ هڪ گهر
لڳيو هو نه."

پيمن ڪلي چيو، "ان ڀوري هيمي ۽ جيوٽڻداس
هڪ راءِ جا نه آهن. جيوٽڻداس جو خيال آهي نه بدليل
زماني سان بدلجي هلڻ کپي. رام جي مرضيءَ بنا ڪٿي
مانڱي نه ڪرڻ کپي..."

ماءُ بلند آواز ۾ چيو، "رام ڀوريميءَ سان پرڻجڻ
چاهيندو نه اسانکي اهو مجبور ڪرڻو پوندو؟ زمانو بدليو
جت ٿي؟"

پيمن هلڪو ٽهڪ ڏئي چيو، "رام هر ويڙهو اهڙو
ڪجهو ڪم ڪونه ڪندو. شاهه ۽ فيض محمد وڪيل ٽون
خيالن جا حامي سڏائيندي به ان ڪلڻ هاب ڪم ڪان
نه رو روڪيندس..."

"پڌانئي نه شاهه کان وڌيڪ ان وڪيل ءِ ئي رام لي
برا انهر وڏا آهن؟"

"امان، لون ڀورڙي آهن. ماٺهوءَ جو پنهنجو من
مضبوط هجي نه سڙ خراب دوستن جا اثر ڪين جهٽيندو.
فيض محمد اهڙو ويل به ڪونهي."

ماءُ ليلائيندي چيو، "لون ڀاءُ ڪي ڇئي ڏس. ڪڙائيءَ
سان نه، پابوهه سان ڳالهائيندس. من سمجهي وڃي..."

”نه بابا، مان نه ڳالهه ڇو ٻڌ وسانس،“ پيمن کٽ تان اٿندي چيو، ”ٿهن ڏينهن ڪٿي، چيومانس، 'نوڪريءَ جي درخواست ڇو نه ٿو ڪرين؟' ته نهايت بي اديءَ واري نموني ۾ ڇڙڪ جواب ڏنائين، 'مان پنهنجو ڀلو ٻرو چڱيءَ ريت سمجهي سگهان ٿو.' مون پنهنجا ڪن پڪڙي ڇڏيا. اهو ڏينهن ۽ هيءُ ڏينهن، مون سائنس ٻڙڪ نه ٻولي آهي.“

جڳوءَ ڏاڏي اولو ٿي هن ٻر ٿيندي چيو، ”اڄ جي ٿهرن کان رام ٻچائي. دٺلسي، جڳوءَ کي سمهارڻ لاءِ هن سان گڏ ليٽي ته اٺيٺي ٿڌ کهي ويٺي اٿس. نه گهر جي ڳڻتي، نه ور جي چنتا. مان ته مڙهي ٻيس چلهه ۾.“

ان وقت پيمن زال هڪ هٿ ۾ چلم ۽ ٻڙ ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽانڊن وارو ٺل کڻي آئي.

جڳوءَ ڏاڏيءَ چيو، ”هيءُ ٻه نهر آهن نه ساڳيو. آهي هيءَ ٻه ڳهوراڙي. ٻوءِ ٻه ڪيڏي نٿي سس ۽ گهوٽ جي شيوا ڪري.“

پيمن زال ٺل کوءِ لي رکي ٻڙ لي ٽورو ٻاٺي وجهي، اهو چلم لي ٺهڪائي جڳوءَ ڏاڏيءَ ڏانهن وڌايو. جڳوءَ ڏاڏي منجهيءَ لي ٿهي جڙي وٺهي وٺي هٿي.

پيمن ماءُ گرڙي ڪري اچي جڳوءَ ڏاڏيءَ ٻرسان ويٺي ته جڳوءَ ڏاڏيءَ ٻه چار لڪڙيون ڦوڪون ٻري ڪنگهندي ٻڙ هن ڏانهن وڌايو.

پيمن ماءُ ٻڙ ورلو ۽ جڳوءَ ماءُ نـڙي صفا ڪندي

چيو، ”ٻڙي ڏنڌ، ٻرسي ماءُ الڏن ليءِ ڪهڙا پتا ڪهر وڌايا. ٻالسي ۽ ٻي سوادي. مون ته چٽو نه چکيو. ان ٿالي ڪرڻ جو ڪهڙو سٺو ٻيو هوس...“

جڳوءَ ماءُ جڳ، جي لالي چاني ڪري ٻڌهڃي ڪڏ لي موٽي وئي. ٻيمن، جوءِ ۽ ٽيڏڙي ٻت سمت چوت لي آرامي ٿيو. ماءُ ڄانورن ۽ ٻاڇيءَ جا ديگڙا اڳيان رکي رام جو انتظار ڪندي رهي. رام هونءَ ٻه ڏيڍ سان گهر ايندو هو پر اڄ ته ٽهائين اڌ رات ڪري چڏي هئائين. ماءُ ڪڏهن ٻڙ ٻڙ ڪڏهن دل تي دل ٻر شاهه، وڪيل، بازيگرن ۽ زماني ڪي جيءَ ٻري گاريون تي ڏنيون. آلمي رام کي ٻ، ٿي سخن ٻتيائين ته الٽي رام جي دشمن جي خير لاءِ ٿي دعا ٻڌائين.

رام جي ڪڙي ڪڙڪائڻ لي جلهن ماءُ وڃي هن کي ڪڙو لاٿو تڏهن رام گهر اندر ٻيهڻ شرط چيو، ”مان شاهه جي اوطاق لي کاڌي آيو آهيان.“

ماءُ ٻت جي ٻئيان ايندي چيو، ”روج روج گهر ٻه هيءَ جيان توکي سنو ٿو لڳي؟“

رام چيو، ”مان ڇا ڪريان اماں، شاهه ڪارائڻ کانسواءِ ڇڏي نٿو.“

”تون ايترو ديرسان ڇولو اچين؟“ آواز جي ڏلهي، ماءُ، جملي پوري ڪرڻ بعد محسوس ڪئي.

رام ڏاڪڻ لي لهڻي ٻنيان ماءُ ڏانهن نهاري چيو، ”توکي تڪليف ٿو ڏيان نه؟ سڀاڻي کان مان ٻاهران

ڪلف لڳائي ويندس. مان نه اچي سگهندس ته شاهه جو خاصخيلي نائين ساڻي نائين ڪلف پاڻ ايندو."

"تون سويل ڇو نه ٿو اچين؟"

رام ڪو جواب نه ڏيئي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو. ماءُ به هن جي پٺيان چڙهندي رهي.

پنهنجي کٽ تي ويهي رام چيو، "مان ڏيڍ سان ڇوٿو اچان؟ جن کي مان پاڙهيندو آهيان سي واندائي ڏيڍ سان ٿيندا آهن."

ماءُ کٽ ڀرسان بيهي پڇيو، "ڪجهه مليئي؟"

"دنيا ۾ سڀ ڪجهه ڇا پيسي لاءِ ڪبو آهي، امان!"

"پٽ، پئسو دنيا ۾ وڏي وٿ آهي،" ماءُ کٽ جي پيرانديءَ کان وهندي پنهنجو پر ٻوڏ جاري رکيو، "پيءُ وارو جهائي ويو. ماءُ هلڻ هاري. ڀاءُ ڪٿي پنهنجو رت آهي. ڀاڄائي ته پرائي جائي آهي. پٽ، پنهنجو رت به پئسي بنا سچي عمر ته نه پڇندو. تون ته پڙهيل ڳڙهيل آهين. توکي مان ڇا سمجهايان؟"

رام کي گهڙي ٻون سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. پوءِ پڇيائين، "ڀائوءَ توکي ڪجهه چيو آهي ڇا؟"

ماءُ اماڪ چيو، "نه پٽ، ٿوري جيتڻ لاءِ مان ڪوڙ ڪا نه ڳالهائيندس. ڪنوار به ڪجهه نه چيو آهي. پرائي جائيءَ تي ناحق الجام نه ڏرينديس. مان به ته آخر پنهنجي جائيءَ واري آهيان. مان پاڻ ٿي توکي چوان. تون ٻين وانگر رهه..."

باجيگر چوري ڪئي!“

رام ڪلي چيو، ”بازيگر به انسان آهن.“

ماءُ ڪلي آواز ۾ چيو، ”فقير، چور ۽ ڌاڙيل!...“

رام سوچڻ لڳو، ’هنگي ڪيئن سمجھايان ته جيڪڏهن بازيگرن جي جهاليت دور ڪئي وڃي ۽ کين ايمانداريءَ جو پورهيو ميسر ڪري ڏنو وڃي ته اهي به انسان بڻجي وڃن... شايد، ڪافي بهتر انسان...‘

ماءُ هنجي خاموشيءَ جو ٻيو مطلب سمجھيو. نهايت نااميديءَ واري لهجي ۾ چيائين، ”باجيگر چوري منهنجي ٻچي اندر ايندي ته مان وڪ کائي مري ويندس. ماڻهو هاڻي ئي طعنا ڏيا ڏيڻ.“ پوءِ ٻن جملن پوءِ گلي سان چيو.

رام دلير چيو، ”ماڻهن جي طعنن جي مونکي پرواهه ڪانهي. رهيو هنجو تنهنجي ٻچي اندر اچڻ جو سوال. تنهنجو به ڀلو ئي سکيمتو.“

ماءُ اکين ۾ آب اولي چيو، ”تون چپ چو آهين؟ چا سچ پچ...؟“ ماءُ اچي رنڻ ۾ چڙهڪي.

ماءُ جي رنڻ پٽ جي دل کي پگھاريو يا نه، نيڪ نئو چئي سگھجي. هن ماءُ کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي.

رام چيو، ”امان، سچ ته اهو آهي ته مون ڪڏهن شاديءَ بابت سوچيو ڪونه آهي. مونکي حال في الحال شادي ڪرڻ جو ويچار ڪونه آهي. تون وڃي آرامي ئيءُ. رات ڪافي گذري چڪي آهي.“

ماءُ ڀرواڻ جي پلؤ سان ڳوڙها اُگهندي چيو، "تو منهنجي هڪ به ڳالهه نه مڃي."

رام ڪتٽ ني سڏو ٿي ليٽيندي چيو، "ڪمائڻ جو ڪو نه ڪو وسيلو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندس. باقي شادي! ڪرڻ کان اڳ لوڪي ٻڌائيندس ضرور. هاڻ تون وڃي سمهه. گهڻي چنتا نقصانڪار آهي."

ماءُ ڪمرت ٽان اُٿندي چيو، "ماءُ جي دل آهي چنبي. چنتا ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿي."

رام پاسو بدلائي ڇڏيو.

ماءُ پنهنجي ڪمرت ۾ ليٽندي هٿ جوڙي چيو، "نشگي، منهنجو ننڊ لوڻي آهي. ايريءَ ۾ ڪو نڪو نه لائنج. لڄ پت سان رهائج..."

ماءُ پٽ ٻئي ڪافي دير تائين جاڳيا. ٻنهي اڳيان اڪ پڪ سا ڳيا مسئلا هئا. پر هنن جي سوچ ويچار جون ڌارائون لنبائيءَ، طرف ۽ روانيءَ ۾ هڪ ٻئي جي بلڪل مختلف هيون. سا ڳيو رت، سا ڳيو اکڙ، سا ڳيو آسمان- پوءِ به پيدائي ۽ جوانيءَ ۾ ڪيڏو نه انتر هو! پراڻا ۽ نوان خيال- ممتا ۽ مروت جي جذبن کان ٻي همت ٿي نڪرڻ کان ڪناري ڪشي ڪري ويا. پوءِ به پنهنجي پنهنجي مورچي تي مضڪم بيٺا هئا!

( ٣ )

جڏهن رام شاهه جي اوطاق تي پهتو تڏهن شاهه، مکي ٻولو مل جي ٻئين نمبر پٽ شيوڪ سان شطرنج

ڪيل رهيو هو. رام اوطاق جي صفحي ۾ قدم رکندي چيو، "اڄ صبوح صبوح جو راند کي جنبي ويا آهيو!"
شاهه چيو، "اڄ" پوءِ پنهنجي هاليءَ کي شيوڪ جي بادشاهه سامهون آڻي چيائين، "شهه اٿيئي!"
شيوڪ پنهنجي بادشاهه کي پير واري ڪاري خاني تي ٿي آندو ته شاهه چيو، "اونهون، اهي نئو اڃا سکهين. منهنجو اڃ پيٺو آهي."
شيوڪ سوچ ۾ مگهن ٿي ويو. شاهه رام ڏانهن نهاري چيو، "ويهه نه. پيٺو ڇو آهين؟"
رام پيٺي ٿي چيو، "مان وڃان ٿو. لون هن راند مان جند ڇڏائي منهنجي ڳالهه ئي نه ٻڌندين."
شاهه شيوڪ کي چيو، "راند کي جتي جو لٽن ڪٽي ٿا رکي ڇڏيون. پوءِ الان ئي شروع ڪنداسين..."
شيوڪ پنهنجي گهوڙي کي اڳاڙي قدم پٺتي هٽائي بادشاهه اڳيان اَڏ ڪري رکندي چيو، "ڇيڪ ڇٽي نه؟"
شاهه دهرايو، "راند کي اتي ٿا ڇڏيون. پوءِ الان شروع ڪنداسين."
شيوڪ چڙ مان چيو، "شاهه صاحب اوهانجون اهي ڳالهيون پاٽڪي نه وڻنديون. هاڻي چلو چال ته سائينجن جي خبر پوي."
رام چيو، "چڱو شاهه سائين! مان وڃان ٿو."
شاهه چيو، "ويهه نه." وري شيوڪ کي چيائين، "هيئڙو پنهنجو دماغ ڪم ئي نه ڪندو." پوءِ شيوڪ

جي ڀرسان گوڏن ڀر ويندل عثمان کي چيائين، ”عثمان، بورڊ کي ڇڏ جو لٽن سنڀالي رک.“

شيوڪ راند بگاڙي اٿي کڙو ٿيو. چيائين، ”مان پراڻي ڪپوت کان سيڙي راند ڪرڻ ٿو اچان. اوهان وٽ قدر اجهو اهو آهي...“

شاهه هن جي ٻانهن جهلي چيو، ”ٻڌڻ نه. ويهه... عثمان اندران لسي نه آڻ. ديوان گرم ٿي ويو آهي.“

شيوڪ ٻانهن ڇڏائي چيو، ”مان هت لسي پيئڻ نٿو اچان...“

شاهه ٿو پليءَ ڏانهن ويندڙ عثمان کي چيو، ”عثمان، اندران کير کڻي اچ. پوءِ شامونءَ کان برف وٺي اچ. ديوان کي ٿڌي ملڪ روز جي ضرورت آهي...“

شيوڪ تلخ آواز ۾ چيو، ”ملڪ روز انهن کي پياريو جن کي گهر ۾ نسي ملي سگهندو هجي. اوهانجي چوڻ تي هت ۾ گهريون واندر ڪرڻ اچبو آهي نه ته جمعدار جانمحمد ۽ انجنير راءِ سنگهاڻيءَ وٽ پنهنجو من بهليو وهندو آهي...“ ائين چئي شيوڪ هاڻ لڳو.

شاهه چيو، ”وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ ويهي ٿا ذرا داڙ ٻڌاڪ...“

شيوڪ دروازي وٽ بيهي چيو، ”اوهان رام جي هوندي مونسان کهڙي داڙ ٻڌاڪ هڻندا. پاڻ وچونتا.“

شيوڪ هليو ويو ۽ شاهه جي چهري تي زوريءَ آندل ڦڪي مرڪ ٻوڙي آئي.

رام موڙي ٿي وڃندي چيو، ”شاهه صاحب، تون به ڳڌهن کي ڪو گهٽ ٿو ڀانئين. اهي گهڻ پاڻان ڳڌهه پنهنجي بي عزتي نه ڪندا ٿي رهن ٿا. وقت ٿي تنهنجي حيثيت ۽ مرتبي جي شناس به ڪوهي ٿا وڃن.“

شاهه ڊڪو ٿورڪ ڏيئي چيو، ”ڪوڙي حيثيت ۽ ڪوڙي مرتبي جي ڪهڙي شناس؟“ پوءِ نهايت نراسائيءَ واري نوع ۾ چيائين، ”جن اڳيان ان حيثيت ۽ مرتبي کي پاڻ ٿي ٿنگ، ڪجن، انهن مان ان جي شناس جي اميد رکڻ ئي نادانِي آهي.“

”مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو.“

”تون پنهنجوئي ڪٽي مثال وٺ. جيڪڏهن مان توهان اها اميد رکان نه تون مون سان تو جهي هندن مسلمانن جيان ادب ۽ عزت پريو ورتاءُ ڪندين نه اها نادانِي نه ٿيندي؟“

رام کلي چيو ”ڳالهه کي وڌ ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪر. مان توکي تنهنجيءَ چوڻ تي ’تون‘ ڪري سڏيندو آهيان. باقي ٻيءَ طرح ڪڏهن به مون اڪيلائيءَ ۾ ٻا ٻين اڳيان اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي جنهن کي بي ادبي چئجي. جيڪو بي ادبي نٿو ڪري سگهي سو بي عزتي ڪرڻ جي جرئت ڪٿي ڪندو؟ در اصل ڳالهه ٻي آهي...“

عثمان شطرنج جون سارئون سهيڙيءَ وراڻدي ۾ نوار جي کٽ چڪي رهيو هو.

شاهه هنکي سڏي چيو، ”عثمان، تون کٽ کي لڳي

وئين. تڏهن ملڪ روز پيڻ لاءِ رڳو مکيءَ جو پٽ ئي لائق آهي ڇا؟ پيءُ چڱا مڙس، شاهوڻءَ کان ٻرف جو پوڻ ڏيڍ وٺي اچ."

عثمان چيو، "سائين، محرابپور واري گاڏي ڪٿي آئي آهي؟ رستي ۾ شاهوڻءَ وٽ ٻرف ڪانه هئي ته هيئنر ڪٿان هوندس؟"

شاهه چيو، "پراڻي ڳوٺ ۾ نيين وٽ ته ضرور هوندي. نه ته ۾ سٽيشن تي ڪرموڻءَ وٽ ته ٻرف جا گاڏا هوندا. ميان، تو ڪان ۾ وڃڻ پڇي نٿو شايد..."

عثمان جتي پائڻ لڳو.

رام چيو، "مونکي ڳهر شايد ملڪ روز ملي نه سگهي. انجو اهو مطلب نه آهي ته مونکي ڪٿي ۾ ملڪ روز ضرور پيڻ کپي."

شاهه کلي چيو، "انکي ڇڏيو آهي ۾ عزلي. مکيءَ جو نکٽو پٽ ڪوڪي ناجائز طعانو هڻي ويو. تنهن جي ڪسر وري تون مونکي طعنو هڻڻ سان پوري ڪرڻ ٿو چاهين. واهه جي ادلي ۾ دلي آهي!"

"شيوڪ کي اها چاڻ نه هوندي ته بازيگرن جي بستيءَ ۾ مونکي جيڪا مني، ڪير جي اسي ملندي آهي تنهن سان سندس ڳهر جا ڏهه ملڪ روز ۾ برميڇي نه سگهندا."

"چڱي ياد ڏيارئي. تون اوڏانهن نه وڃي هن طرف ڪئن هليو آئين؟ تنهنجا شاگرد تنهنجي راهه نهاريندا

هوندا. پريمي نه درياءَ ماٿر جي ڪناري تي انتظار
جي هڪ هڪ گهڙي ورهيه ورهيه ڪري ڪاٽيندي
هوندي." شاهه وڏو ٺهڪ ڏنو.

"امان سمجهي ٿي ته مان پريميءَ سان پيار ٿو
ڪريان، اڳي پوءِ هن سان شادي ڪندس."

"۽ تون امڙ جي انديشي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ
فرض ڪان منهن موڙي مون وٽ هليو آيو آهين..."

"تون منهنجي ڪجهه نه ڪجهه ڪمائڻ جو بندوبست
ڪر ته مان عمر ڪاريه کي جيئبو رهندس."

شاهه پڇيو، "ڀيمن وري تو کي ڪجهه چيو ڇا؟"

"ٻانوءَ مونکي ڪجهه نه چيو آهي. شايد امان کي
اڻ سڌيءَ طرح چيو هجيس. امان رات جو ڪمائڻ لاءِ
همت پير هڻڻ جو رينگٽ ڪندي وئي. ڇي- ٻاءَ
سڄي عمر ته نڪمي ٻاءَ جي سار ڪين لهندو."

"امان صحيح ٿي چوي. پنهنجي ٻيا پرساد هرو ڏئي
ٿي نه همٿ پر."

"تون به ٿو ائين چئين! آدرش پنهنجي ڪان وڌيڪ
اهم آهي، گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ."

"لڏهن لي ڪجهه نه ڪجهه ڪمائڻ جو لولي پوس
سوار ٿيو آهي!" شاهه رام کي طعنو نٿي هڻيو پوءِ به
اهو جملو هنکي طعنو ٿي لڳو.

رام چيو، "توهان سڀ ٻلي ڪلو. پر توهان مان ڪير
به مونکي منهنجي ايپابل راهه تان ٿيڙي نه سگهندو.

ڪري سگھندو آھي...“

ٿيڪ اوڏيمهل مختيارڪار ڊنبلي سميت اوطاق اندر پيهي آيو. ڊنبلي ۾ جمعدار جالمحمد هو، ٻه پوليس وارا هئا، ڪوٽوال هو ۽ مکيءَ جو لکٽو پٽ شيوڪ هو.

شاهه اُٿي ٻيهي مختيارڪار سان هٿ ملايو ۽ چيو، ”ڀلي آيا.“ مختيارڪار سان آيل ڊنبلي مان شيوڪ کان سواءِ ٻين ڪورس آواز ۾ چيو، ”شاهه صاحب جو خير هجي!“

رام وينوٽي رهيو.

شاهه ڪوٽار کي چيو، ”گلن ابا، موڙا ۽ ڪرسيون ته سيري وٺ. عثمان پراڻي ڳوٺ ويو آهي.“ پوءِ مختيارڪار کي چيائين، ”وهو نه! ٻاڻ تڪليف ورتو..“

مختيارڪار موڙي تي وهندي چيو، ”ڪمال جلباڻيءَ بدل نه پياري آهي. هن جا ٽيڙ ڪيڙا آهن. اوهان جو حاضر هجڻ ضروري آهي نه ته اوهان چوندا منهنجي راڄ ۾ منهنجي جاڻ ڌاران دست اندازي ٿا ڪريو.“

ٽپيدار منهيءَ لي ويهي چيو ”شاهه سائين، مان ٽن مهنن کان پولڪندو تو اچان. ٻه ٽي لڳا ته اوهانکي ٻه دانهن ڏني هيم.“

شاهه چيو، ”ٺوري مهلت ڏيوس. پور وڪڻي ڊل ڀري ڏيندو.“

مختيارڪار چيو، ”اوهان ضامن ٿيو. اسين هتان لي ٿا واپس ورون.“

شاهہ چيو، ”مان ضامن ڪونہ پوندس. هلي ٿـا سمجهايو انس. هفتو ڏہ ڏينهن تحمل کان ڪم ورتو نہ چڱو.“

رام آهستي شاهہ کي چيو، ”مان وڃانٿو. رات جو وري ايندس.“

شاهہ بہ آهستي وراڻيو، ”عثمان آيو ڪي آيو...“

پر رام اٿي هلڻ لڳو. دروازي وٽ هـو جو پهتو ان شيوڪ جو آواز ڪن پيس، ”پاڻي ملڪ روز نہ پئي وڃ.“

رام جو منهن ڪاٺي هٽي ويـو پر هو ڪن لاڻار ڪري ٻاهر نڪري ويو.

مختيارڪار پڇيو، ”ڪير هو؟“

جواب جانمحمد ڏنو، ”پيمن آهي نہ، جنهن کي ٽئين ڳوٺ لاءِ ٺڪاڪ ۽ پنگ جو ليسن مليل آهي. هـيءُ هنجو ياءُ آهي.“

شيوڪ بوڪ چڙيو، ”شانتيدڪيتن مان بي. اي. پاس ڪري آيو آهي.“

مختيارڪار رائـزني ڪئي، ”تـڏهن تہ مڇهس فضيلت جي ڪمي آهي.“

شاهہ دل جو سور دلہ ۾ پي ڳالهہ بدلائڻ جي لحاظ کان چيو، ”ڪمال وٽ بقايا ڪيتري آهي؟“

لپيدار چيو، ”هڪ سؤ ايڪنيهہ روپيہ نو آنا.“

”اها رقم نہ ان ۾ ڳڻي مان وصول ٿي سگهيٿي،“ شاهہ چيو، ”ڪمال وٽ بہ ڏاند ۽ ٻہ ڳائيون آهن. ٺهيڪانسواءِ هڪ اُٺ بہ اٿس. اوهان ناحق ڪٺي دل لاٿي آهي.“

مختيارڪار چيو، ”اوهان ذمو ڪٿو. اسان ڪمال سان ڳالهائيندا-سين ۽ ڪونه.“

شاهه چيو، ”سرزمين لي هلي تا فيصلو ڪريون. ڪجهه وقت هت سفر جو تڪ پيو.“ پوءِ ان وچ آيل نديءَ پار کي مخاطب ٿي چيائين، ”فتح علي شاهه، اندر ڇهرا ٻه ويا لي ڇڙائي وٺ. ڪرپال جي گهران ڏهي ۽ گهراڻي وٺ.“

ڪا ڪ ليپدار للومل چيو، ”ڪمال ٻاڪ پيو اچي.“

جمعدار جانمحمد آکيو، ”قاضي فيض محمد به ساڻ اٿس.“

مختيارڪار آهستي چيو، ”ان جي هر ڳالهه ۾ ٽنگ اڙي پيئي آهي.“ پوءِ ڏانهس چيائين، ”اچو قاضي صاحب، اڄ ڪيس ڪو نه اٿو ڇا؟“

قاضي فيض محمد کلي چيو، ”ڪنهن ياري ۾ ريز يڊنٽ ماجسٽريٽ وٽ شاهمحمد ا ٽيهي ڪيس هلائيندو. پاڻ کي نه اڄ هت اوهان اڳيان وڪالت ڪرڻي آهي.“

شاهه رام واري موڙي ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”ويهه نه.“ پوءِ پيرين پوندڙ ڪمال کي چيائين، ”تو سرڪاري ٻيل رهائي ڇو ڇڏي آهي؟“

فيض محمد موڙي تي ويهي کلي چيو، ”تون سرشتيداري پوءِ به ڪري تو سگهين. اول پاڻ کي ڪجهه ڪاراءِ پيار نه سهين.“

شاهه چيو، ”ڪجهه دير دم جهل، سڀڪجهه ملندءِ...“

مختيارڪار چيو، ”قاضي صاحب، سچ چوان؟ لوهاڻن جي آبادگارن کي مٽي چاڙهي ڇڏيو آهي.“

تپيدار چيو، ”هنن جي چرچ لئي هرڪو تسيدگ تي پيو آهي.“

ڪمال جلباڻيءَ لڪي آواز ۾ چيو، ”اوهان نه چاهيو ٿا اوهان ظلم جي گهوڙي کي ڇوٽ ڇڏي بي انصافيءَ جا ليڪا لنگهي وڃو ۽ آبادگار غريب اُف به نه ڪن.“

مختيارڪار تلخ آواز ۾ چيو، ”هڪ طرف سرڪاري پئل روڪي وينو آهين ٻئي طرف ايڏي آڪڙ تو ڏيکارين؟“

فيض محمد چيو، ”هن جي آڪڙ حقي آهي. پئل بستگيءَ ۾ غلطي هنجي آهي يا اوهانجي تپيدار جي؟ هن ٻه سال لاڳي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته تپيدار هن سال جونئر جي فصل کي وڍڻ جو فصل ٻڌائي ڇڏيو...“

تپيدار چڙ مان چيو، ”اهو غلط آهي... سپروائيزر سر زمين تي چڪاس ڪئي هئي.“

مختيارڪار چيو، ”اوهان قاعديدان آهيو. اهڙي سنگين الزام لڳائڻ کان اڳ ۾ اڳ پوءِ جاچي ڏسڻ کپي. اوهان سپروائيزر ۽ تپيدار جهڙن جوابدار سرڪاري ملازمن تي اعتبار نه ڪري هن ڪميٽي تي ٿا وشواس ڪريو.“

فيض محمد بلند آواز ۾ چيو، ”هن کي ڪميٽو سڏڻ جو اڌڪار لوهاڻن کي ڪهڙي قاعدي هيٺ مليو آهي؟ اهي هاري جن پوک ڪئي ۽ اهي هاري جن انهيءَ

لاڙي ۾ مدد ڪئي، مان انهن سڀني کي ڪوڙو سمجهي ٻن واسطيدار عملدارن کي سچو سمجهڻ لاءِ تيار نه آهيان. اوهان اڄ ڪهڙي قاعدي پٽاندڙ ڪمال جا ٻهڙ ضبط ڪرڻ آيا آهيو؟ ٻهڙن ضبط ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي اختياري کهي. آهي اوهان وٽ اُها اختياري؟ اوهانکي اها ڄاڻ آهي ته ڪالهه مان پاڻ ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ ڪمال پاران ٻيل بستگيءَ لي وري ويچار ڪرڻ لاءِ عرضي وجهي آيو آهيان؟ توهان کي اها سڌ آهي ته اوهان ان عرضيءَ جي نبيڪال تائين ڪمال جو ڪجهه به بگاڙي نٿا سگهو؟"

اوطاق ۾ سانُو ڇانئجي ويو. مختيارڪار، جمعدار ۽ تپيدار جا چهرا ٻڌو ڇڏي ويا. مختيارڪار پنهنجي طاقت جمع ڪري چيو، "اوهان وٽ ان درخواست جي رسيد آهي؟"

فيض محمد ٿنواڻيءَ پري لهجي ۾ چيو، "اهڙو قاعديدان مان ضرور آهيان. درخواست ڪجي ته رسيد ضرور وٺجي. اوهانکي رسيد ڏسڻي آهي؟ منهنجي زبان لي اعتبار نه آهي؟ مان به تر جو جوابدار فرد آهيان. وڪالت پاس ڪئي اٿم، ۽ چار نمبر به منهنجي نالي ۾ آهن."

ڪنهن وٽان جواب نه ملندو ڏسي فيض محمد ڪلي چيو، "ڪمال، جناب مختيارڪار صاحب کي رسيد ڏيکار. قاعدو قاعدو آهي، ميان!"

ڪمال پٽڪي مان رسيد ڇوڙي مختيارڪار اڳيان

وڌائي. مختيارڪار پيلي ڇهري ۽ ڪڙهندڙ هرڊي سان رسيد ورلي. اُها ڏني، پڙهي ۽ موٽائي ڏني. پوءِ ٿڪي مرڪ مرڪي شاهه کي چيائين، "شاهه صاحب، ڇهون ڏيو ڏين ڊير ڪئي؟" شاهه، جو دل ئي دل ۾ فيض محمد جي، برد باري ۽ جرئت تي فخر محسوس ڪري رهيو هو، چيو، "فتح علي شاهه شايد وڏي ڪنراڙ کي وڃي، لڳو آهي. هنکي فيضوءَ جي اچڻ جي ڏڙڪ پئجي ويئي ته ڏ سڃي."

مختيارڪار فيض محمد ڏانهن منهن ڪري چيو، "اوهان کي خاطري آهي ته ڊپٽي صاحب ڪمال جي حق ۾ فيصلو ڪندو؟"

فيض محمد سنجيدگيءَ سان وراڻيو، "مان بخوبيءَ ڄاڻان ٿو ته عملدار شاهيءَ جي وقار برقرار رکڻ لاءِ ڊپٽي ڪليڪٽر مختيارڪار جو ۽ ڪليڪٽر ڊپٽي ڪليڪٽر جو فيصلو مٽي ڪندو آهي، ڪمال جي ڪيس ۾ به شايد ائين ئي ٿئي. مونکي صرف هڪ خاطري آهي. مون انصاف جو طرف پڪڙيو آهي ۽... ۽ انصاف لاءِ لڙڻ، آءٌ، تورو کي ڳهڻو سکي ئي ويو آهيان."

اوڏي مهل عثمان کي برف سان اوطاق جي صفحي اندر گهڙندو ڏسي، شاهه چيو، "ميان، ڏاڍي اوير ڪيئي. هاڻي سيگهه ڪر. ان کي بوري ۾ ويڙهي رک، ۽ اندر وڃي اول ڇهرا ڏيو ويا آڻ."

ان بعد ڪمال جي پيل ۽ درخواست بابت ڪا خاص

ڳالهه ٻولهه نہ ٿي. البت شاهه جي اوطاق ڇڏڻ کان اڳ، مختيارڪار شاهہ کي پاسيرو وٺي ڪجهہ وقت گفتگو ڪئي.

مختيارڪار جي اتان جي ڪوچ ڪرڻ بعد ڪمال ۽ فيض محمد ۽ شاهہ کان موڪلائي هليو ويو.

شاهہ فيض محمد کي چيو، "توهانجي جگر کي شاباس آهي. هڪ تون ئي آهين جو هنن عملدارن جو نڪ مان ور لاهي سگهين ٿو."

فيض محمد کلي چيو، "رڳو عملدارن جو ڇو؟ اوهان زميندار بہ منهنجي اک ۾ آهيو."

"مونکي ڳڻتي ڪانهي،" شاهہ چيو، "مان اول ئي هر ڳالهه توهانجي صلاح پٽاندر ڪرڻ لي هري ويو آهيان. خبر اٿيئي مختيارڪار ڇا چيو؟ چي، فيض محمد توهانجو دوست آهي. مونکي توهانجو خيال ٿو پوي نہ تہ ڪمال کان اڳ فيض محمد کي سؤ ڏهين قلم ۾ جهلا نڻ..."

فيض محمد شاهہ کي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو. کلي چيائين، "زميندارن کان مون خلاف شڪايت ڪرائڻ آسان آهي، پر ان شڪايت تي عمل ڪندي مون خلاف ڪارروائي ڪرڻ ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور آهي. مان تہ چاهيانٿو، مون خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. اُها هارين ۾ وڏيڪ سجاڳي آڻيندي..."

شاهہ چيو، "وري چوڻ لڳو، 'تون فيض محمد تي زور ٻار آڻ ۽ ڪيس درخواست واپس وٺڻ لاءِ مڃاءِ نہ تہ...'"

"نہ تہ ڇا؟ منهنجي ٻدران لوڪن ڀڪ ۾ ورجها ٿيندو؟"

”اها جرئت ڪليڪٽر ۾ به نه آهي. اڃا الھه بخش
جي مسٽري زنده آهي. تنهن کان سواءِ تو جهڙو دلاور
به منهنجو دوست آهي. هن مونکي ڀل جي معافيءَ ۾
سختي ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو آهي.“

”شاهه صاحب، اهو نه ابتدائي عشق آهي. مون سان
دوستي نباهيندي گهڻو ڪي سهڻو پوندءِ.“

”مان هر طرح تيار آهيان،“ شاهه محڪم ارادي سان
چيو، ”تون پنهنجي راهه تي ثابت قدم رهه. مان ٻيو نه
ته به اخلاقي مدد کان نه ويندس.“ پوءِ عثمان کي چيائين،
”ٻه ٿڌي لسيءَ جا گلاس ته ناهي وٺ. ملڪ روز
پياس اجهائڻ عيوض خشڪي وڌائي آهي.“

فيض محمد چيو، ”رام جو ڪهڙو حال آهي؟ بازيگرن
۽ ڳوٺ جي وڏن کي پاڙهيندو اچي يا سندس اُلساهه
ڀلو پٽجي ويو؟“

”پاڙهيندو ته اچي ٿو پر هن اڳيان هڪ ٻيو مسئلو
منهن ڪڍي بيٺو آهي. هو ڪجهه نه ڪجهه ڪمائي پاءِ جي
دست اندازيءَ کان آجو ٿيڻ ٿو چاهي.“

”خيال نيڪ آهي. مون سان ڊسٽرڪٽ هاري
ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪري ته ڪاڏي پيٽي جي چنتا کان
آجو ٿي سگهيتو.“

”چئين ته هيڊٽر ٽي ماڻهو منجهي گهرائي وٺانس.“

”هيڊٽر نه،“ فيض محمد چيو، ”هيڊٽر مونکي
نوشهري وڃڻو آهي، پير قربان عليءَ سان ڪچهري وارن

هارين جي مطالبن لاءِ پهتو اٿم. مان اڄ رات جو ٺ. ڪ سياڻي رات جو هت موٽي ايندس. پوءِ رام سان دل کولي ڳالهائيندس. هن جي ڪم کي رٿا ۽ مقصد هجڻ کپي. صرف آدرش پسنديءَ سان وڏيڪ وقت ڪم نه هلندو. بازيگرن ۽ ٻين وڏيءَ عمر وارن کي پڙهائڻ ڪانسواءِ، هو مون سان هاري ڪاميٽيءَ جي ڪم ۾ تعاون ڪري ته ڪهڙو نه سٺو ٿي پوي."

عثمان لسيءَ جا ٻه گلاس کڻي آيو.

فيض محمد هڪ گلاس وٺي آهستي پيئڻ لڳو. گلاس خالي ڪري عثمان کي ڏنائين. پوءِ اُٿي کڙو ٿيو. شاهه به دروازي تائين سندس پٺيان آيو.

فيض محمد پنهنجي سائيڪل جي پئڊل تي پير رکندي چيو، "وري گڏباسين." ۽ لانگ واري سائيڪل تي چڙهي ويو. سائيڪل اڳتي وڌي ويئي.

شاهه اوطاق اندر موٽندي دل ۾ دليو چيو، "دوست، منهنجون دعائون توسان آهن. شل تون پنهنجي شاندار مقصد ۾ ڪامياب ٿين!"

(۴)

پرڀي دربيلي مانيٽر جي ڪچهريءَ پل تي ويهي نڪون لڙڪائي واقعي رام جو انتظار ڪري رهي هئي...

رام کي ايندو ڏسي هوءَ اُٿي کڙي ٿي ۽ چيائين، "ڏاڍي دير ڪيئهِ...!"

رام خاموش پل تان اڳتي وڌي ويو ۽ پٺيان نهارڻ

ڏاران چيائين، ”اَڇ...“

پريميءَ ڪجهه وقت چپ ليئي رهي، پوءِ هـرڻيءَ جيان چال ماري پل ٽان ٽڪري اڪري هيٺ لٿي ۽ بازيگرن جي بستيءَ ڏانهن ويندڙ ڪچي پيچري ٽي پهچي رام جو اڳـــ جهلي چيائين، ”اول تون ٻڌاءِ، تون پريشان ڇو آهين؟“

رام جڏهن رهت آواز ۾ چيو، ”پري تيءَ ۰ هو منهنجو انتظار ڪندا هوندا.“

پريميءَ ٻانوليءَ وانگر ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ”هو تنهنجو انتظار ڪندا هـوندا! تون اڃي گلي پيو آهين، نه نه اسان مان پڙهڻ جو اونو ڪنهن کي به ڪونهي.“

رام انتظاريءَ مان پڇيو، ”توکي به نه؟“

پريميءَ رام جي رڪاوٽ نه ٻڌي رام سان گڏ هلندي چيو، ”مان گلاب دادا جيان لکڻ پڙهڻ کي شيطان جي سکيا نٿي سڏيان. باقي لکڻ پڙهڻ لاءِ چاهه مونـکي به ڪونهي.“

”پوءِ تون منهنجو انتظار ڇو ڪندي آهين؟“

پـريميءَ هن جو هٿ پڪڙي، هن کي ٻيهاري، هن جي اکين ۾ اکيون وجهي مرڪي پڇيو، ”تون ٿي ٻڌاءِ، مان تنهنجو انتظار ڇو ڪندي آهيان؟“

رام اکيون جهڪائـي، هٿ ڇڏائي، اڳتي وڌندي چيو، ”اماں خبر آهي، ڇا ٿي سمجهين؟“

پريميءَ وري هن جو هٿ پڪڙي چيو، ”ڇا ٿي سمجهين؟

بڌاءِ نہ ..."

رام هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هن سان گڏ هڪ ئي وقت وانر ڪورس ٿيندي چيائين، " اول هلي پڙهه. موٽندي بڌائيندو سانءِ."

ٻڌيءَ مومل وانر ڪورس جي هن پير ڪپڙا سنڀيندي وٺي لي چڙهي طوطنيءَ جي ٿاڙ ۾ لڳل گلاب کي چيو، " مٺو ماستر آيو اٿيئي..."

گلاب هڪ ٿاري پڇي رام جي اکيان ڦٽي ڪندي چيو، "پاڻ ماڻهو هن شيطان جي پڇ کان ٻري آهيون."

پريميءَ چيو، " بڌ ءِ؟"

رام ٻارڙيڪرن جي بستيءَ جي ڪُڙهه لاهيندي چيو، "جنهن ماڻهوءَ چاشني چکي نہ آهي تنهنکي چاشنيءَ جي چمڪي جي ڪهڙي خبر؟"

بستيءَ مان مولي اٿي وڏي آيو. چيائين، "سائين، دير سان آيا آهيو. مان ڪڏهن ڏاڻ سليٽ پين ڪڻي وٺو آهيان."

رام آهستگيءَ سان پريميءَ کي چيو، "گلاب کي بہ سواد آيو نہ موليءَ جيان سليٽ ڪڻي پيو ڦرندو. سوال آهي، هن بہ سواد جو ساھ ڪٿان پيدا ڪيو؟"

چنبيلي پريميءَ ڏانهن ڊوڙي آئي ۽ هن جي ڪن وٽ منهن رکي ڏاڍيان چيائين، "ماستر کي گهران ڪڙي ولي آنيءَ، ڪٿان؟"

پريميءَ کلي چيو، "گهران نہ، سونهينءَ (دو ٻيلي ماڻر)

جي ڪنني لاءِ. هو هن طرف نه اچي پراڻي ڳوٺ ڏانهن ئي پهچي ويو؟"

رام پريميءَ ڏانهن نهاري سنجيدگيءَ سان چيو، "ڪوڙ ڇرڇي ۾ به نه ڳالهائڻ کپي." وري چنبيليءَ کي چيائين، "سليٽ قلم ته کڻي اچ."

چنبيليءَ چڙهلنتا سان چيو، "مان ڪا نه اينديس. گهمو چويٿو، 'ماستر وٽ جادو آهي. لون به پريميءَ جيان سندس پٺيان پيئي ڦرنديون.'"

موليءَ چيو، "گهمي کي چئينس دلجاءِ ڪري. ماستر جو جادو ڪنوارين لي ئي هلندو آهي."

پريميءَ چيو، "مون هڪ ئي هن کي لنگ ڪيو آهي. ماڻهو هوندو نه بيءَ لي جادو نه هلائيندو."

ماستر کي آيو ڏسي ڇوڪرن ڇوڪرين جو ميڙاڪو مڙي ويو هو. رام هنن کي چيو، "اچو بارو! اڳيئي اوير ٿي ويئي آهي." هو پريميءَ جي جهوپڙيءَ ڏانهن وڌيو.

بن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ رام بازيگرن جي بستيءَ مان نڪري دربيلي مائيمر ڏانهن ٿي وڌيو ته پريميءَ هن جو هٿ پڪڙي پٺيان ڇڪيندي چيو، "هل نه ٽيشن لي هلون."

رام پڇيو، "سٽيشن لي ڇاهي؟"

"ٽيشن جي هن پاسي هلي ٿا بدر چونڊيون."

"توکي پيرڻ وڇڙو ناهي؟"

"مون پيرڻ ڇڏي ڏنو آهي..."

"ڪڏهن کان؟"

"ٽيو ڏينهن کان."

"ڇو؟"

"ماڻهو تنهنجو نالو وٺي طعنا ٿا هڻن."

رام سٽيشن طرف وڌندي چيو، "صرف طعنن کان ڊڄي لاءِ پڙهڻ ڇڏي ڏنءِ؟"

پريميءَ آهستي چيو، "هاڻ مونکي پڙهڻ سٺو نٿو لڳي."

ٻڍيءَ مومل وانرڪوس ۾ لڙڪندي ويچارا ڪندي چيو، "پڙهڻ سٺو نٿو لڳي... مٽي ماستر سان رلڻ پڙهڻ، پير چونڊڻ سٺو ٿو لڳيئي؟"

پريميءَ لڪي آواز ۾ چيو، "ٻڍي ٻانڀ، چپ ڪر نہ وانرڪوس ۾ بوڙي نہ ماريانءِ.." هوءَ رام سان گڏ اڳتي وڌي ويئي.

رام هن جي همٿ کي زور ڏيندي چيو، "ايڏو غصو ٺيڪ نہ آهي. ڪاوڙ ڇڏ نہ ته مان توسان ملڻ ڇڏي ڏيندس."

پريميءَ آواز کي نرم ڪندي چيو، "مٽيءَ مونکي توسان گهمڻ ڦرڻ جو طعنو ڇو ڏنو؟"

"چوندڙن کي ڪا جهل؟"

ڪجهه وقت چپ چاپ رام سان گڏ هلڻ بعد پريميءَ ڌيمي آواز ۾ پڇيو، "تو وٽ سچ پچ جادو آهي؟"

رام مرڪي چيو، "توکي ۽ چنبيليءَ جي مڙس گهڻي

جي چوڻ جو اثر پيو ڇا؟"

پر ٻمي ۽ چيو، "مان گهڻي ئي جي چوڻ تي وسهڻ واري ڪا نه آهيان. مان پنهنجي آزمتي (آزمودي) مان تي چوان ته تو وٽ مڙيوئي ڪو جادو آهي."

"ثابتي؟"

"ثابتي اِها ته مان سچ پچ پنهنجي پنيان ڇپلي تي قران تي. تون زوري ۽ سونهين ۽ جي هن پر ويندو آهين ته مان هتن پٽن ۾ پنهنجي لاءِ ويڳاڻي تي ڦرندي آهيان. اها ئي ثابتي آهي ته تو مون تي ڪامڻ وڌا آهن."

"چري، جادو هٿ جي چالاڪي آهي ۽ ڪامڻ فقط من جو ڀرم آهي..."

"پوءِ ڀلا مونکي سچو ڏيهن پنهنجي لٽوار ڇو آهي؟"

"چاڪاڻ ته مان به هروقت توکي ساريندو آهيان."

"تون مونکي ڇو ساريندو آهين؟"

رام گهڙي ڪن خاموش رهڻ بعد چيو، "مان توکي ساريندو آهيان چاڪاڻ ته تون سٺي آهين."

پر ٻمي ۽ وڏو ٽهڪ ڏئي چيو، "سڻي! اُبو چوندو آهي ته مون تو جهڙي ڪني ڇوڪري ڪانه ڏٺي آهي. امان مونکي چهڙ ٻاٽي سڏيندي آهي. تون به مونکي اڳـــ ممري گدلي سمجهندو هئين."

"هاڻ ته تون روز وهنجندي آهين، ڏولـل ڪپڙا پائيندي آهين."

"تـون مونکي روز وهنجڻ ۽ ڏوٽل ڪپڙن پـائڻ

ڪري ياد ڪندو آهين؟"

رام کي جواب ڏئي تنهن کان اڳ، پريان ڪرمونءَ جو آواز آيو، "رام يار، منهنجي ٽاڏل ٿي سڏيئي."

رام ڪرمونءَ کان نظرون ڦيرائي سانگي ٿي پرميءَ کي سٽيشن جي گمٽ وٽان نه، پليٽ فارم جي ڇيڙي وٽان ريل جي پٽڙي ڏانهن ويندي ڏٺو. ڪرمونءَ جو آواز ٻڌي ٻيهي رهيو ۽ پرميءَ کان پڇيائين، "ٽاڏل پيئندينءَ؟"

"هن مٽي جي ٽاڏل ڏاڍي سٺي ٿيندي آهي."

رام ڪرمونءَ جي اسٽال ڏانهن وڌندي چيو، "تنهنجي معدي لوڪي پيتي آهي."

"تون پيئندينءَ نه مان به پيئندس." هوءَ رام سان گڏ هلڻ لڳي.

رام هنجو هٿ ڇڏي ڏنو. پرميءَ ڏکي آواز ۾ چيو، "هن مٽي کان ڊڄين ٿو؟"

رام نه جواب ڏنو، نه هنجو هٿ پڪڙيو. ٻئي ڪرمونءَ جي سٽال ڏانهن وڌندا هليا.

ڪرمونءَ چيو، "اِڏانهن لڪي ڪيڏانهن ٿي وئين؟"

ڪرمونءَ جي سٽال تي پوليس وارو محمد بخش بيٺو هو. هن شرارتي نگاهون پرميءَ تي کڻندي چيو، "پرميءَ کي ڪنهن نه پڪي هنڌ تي وٺي وڃڻ کو نٿو پاڻ پاڙهيندو هوندو."

محمد بخش وري رام ڏانهن نهاريو. هن جي منهن ۾ گهڻو پيل ڏسي، محمد بخش کي علي اڪبر شاهه جو ڏپ وڪوڙي ويو. مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، "ڏيوان، مون نه چرچو ٿي ڪيو." رام جي منهن ۾ گهڻو بيقرار ڏسي هو ٿاڌل جو گلاس هڪ ڀيٽ سان پي ٻڪنگ آفيس ڏانهن وڌي ويو.

ڪرمونءَ ٿاڌل جو هڪ گلاس ٺاهي، رام ڏانهن وڌائي چيو، "تون روز بازيگرن جي بستيءَ تائين لـ ايندو رهين ٿو. ڪڏهن ڪڏهن سڏ پڌ ڪري هت ۾ ايندو ڪر. تنهنجا لنگوٽيا يار آهيون..."

رام گلاس وٺي پريميءَ ڏانهن وڌايو.

ڪرمونءَ چيو، "اهو نه مون تو لاءِ ٺاهيو هو..."

پريميءَ پڙيءَ جي ور مان ٻيائي ڪڍي ڪرمونءَ اڳيان ڦٽي ڪري چيو، "ٻيو ٻه ٺاهه. شربت جاسٽي وجهج. هيءَ ڦڪو آهي. هن ۾ ٻه ٿورو شربت وجهه."

رام جي دل فخر وچان ٻيڻي ٿي وئي. ڪرمون ڏڪ ساٿائي نه سگهيو. چيائين، "اڄ ڪلهه بازيگرن جي ڪمائي وڌيل ٿي ڏسجي..."

پورنر سومن چيو، "روز روز جو ڪاٽ ڪاٽ ٿا لڳن سو چوريءَ جو مال بازيگرن جي بستيءَ ۾ ئي نه جمع ٿيندو ٿو وڃي نه."

پريميءَ ڪڙي آواز ۾ چيو، "تنهنجي گهر ڪسي نه ڪاٽ نه هنيو اٿوَن؟"

پورڻ چيو، ”مون غريب وٽ آهي ڇا؟ به وٽا، نين ٽڏي. مونکي ڪاٽ هٽڻ مان ڇا ملندو؟“

پريميءَ اڃا به ٽڪي آواز ۾ چيو، ”ته پوءِ ايڏي ٻڙ ٻڙ ڇو ٿو ڪرين؟“

پورڻ چپ ٿي ويو. ڪرمونءَ چيو، ”جت پڙهيو، الله اڙيو. رام، تون جنم نه ڪن پنيان ٿو وڃائين؟“

جواب پريميءَ ڏنو، ”تون ڇو ٿو سڙين؟“ پوءِ رام جي هٿ مان خالي گلاس وٺي ٽختي تي ٿڪو ڪري رام جو هٿ پڪڙي چيائين، ”هل!“

رام پريميءَ پنيان ڇڪبو ويو.

ٻئي سٽيشن جي پرئين ڇيڙي ڏانهن وڌندا ويا.

پنيان پورڻ سومن جو آواز آيو، ”ڪڏهن نه ڪڏهن ڏينهن اها بازيگر ٻاٽلي ڇوڪري پيمن جي پاڃاڻي ٻڌجي ويندي، ڪٿن ڪرمون، مان سچ ٿو چوان نه؟“

ڪرمونءَ وراٽيو، ”تون به زوراور آهين. ٻڙهيل ڳڙهيل جو عشق ٽهل ۾ د بالڪل ٽائين. ڇوري لوڙ ٽائين نصيب ٿيندي ته مون جهڙن حريفن کي، جن جو ’زر قيدڪ لماشا ديک‘ ڇوٽيءَ ۾ پروسو آهي. باقي شادي ته هن سان نه ڪلڪتي مان دکهري وٺي آيل رام ڪندو، نه مان ڪندس. نه وري هيءَ ان جي ڇڙيا شاديءَ جي جهنجهٽ ۾ ڦاسڻ واري آهي.“

رام جو منهن ڳاڙهن مرچن ۽ پريميءَ جو چهرو چمونءَ جهڙو ٻٽڪي ويو. ڳاڙهن مرچن جي ڪڙاڻ سفيد پوش

ذهنيت ۾ دبيل رهي، باقي جمون رنگ پڙڪي اٿيو. پريميءَ نهايت نفرت انگيز لهجي ۾ چيو، ”مٺا، پنهنجي ڪا پيڙ پاڄاڻي اٿوَ؟ مان اڪيلي هجان، پوءِ زبان هلا يو. اها زبان نه پٽي ڪڍانو نه منهنجو نالو مٺائي ڇڏجو...“

رام پنهنجي نفرت ۽ غصي جي جذبن تي مڪمل قبضو ڪري ورتو هو. پريميءَ کي ٺارڻ جي لحاظ کان چيائين، ”ڪهڙو نالو رکيئن؟“

پريميءَ ڦڙڪندڙ چڙن سان چيو، ”مٺن کي لنهنجي هوندي ايڏي همت ٿي. نہ، نہ ڪو بازيگر ڇوريءَ سان چرچو ڪري ۽ هنجي چماٽ نه کڪي؟“

رام جي زبان تي آيو، ”چرچي تي لاشڪ بازيگر ڇوري چماٽ هڻندي پر ناٽي جي چمڪ لئي سڀ ڪجھ...“ اليئي زبان تي آيس، ”ان بازيگر ڇوريءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟ ڏوهه نه هنجي غريبيءَ، جهاليت ۽ ناٽي جي ملھ جو آهي نہ...؟“

”تون ناراض ٿي وئين؟“ پريميءَ هنجي ٻانهن کي ٻنهي هٿن سان ڏونڌاڙيندي چيو.

”چا لاءِ؟“

پريميءَ هنجي هٿ ۾ هٿ وجهي هنکي اڳتي وٺي ويندي چيو، ”مون لنهنجي واٽين کي گارين ڏنيون.“

رام مرڪي چيو، ”تو نہ دل جو بخار هلڪو ڪيو. هڪ ڪري چڱوني ڪيئہ. دماغ ڪجلا ٺڻ کان زبان هلا ٺڻ

بهتر آهي.“ وري ڪلي چيائين، ”راڌا منهنجي ماءُ ڇا چيو؟ ٻڌايائين؟“

”ٻڌاءِ. تو اڳهرون چيو، پوءِ ٻڌائيندوسانءِ.“

”امان سمجهي ٿي ته مان توسان شادي ڪندس.“

”سچ!“ پريميءَ جو چهرو ٻهڪي اٿيو. اليڪي گهنگهور گهٽائن هنجي چهري کي سسائي ڇڏيو. چيائين، ”بازيگرن جي بستيءَ کان ٻاهر وهاڻءَ ڪرڻ جي ڳالهه ڪريان ته ابو اقت ماري وجهي. گلاب دادا، گهمو، شامون ۽ ٻيا مڙسالو نونشن سان منهنجو ميچالو چٽي ڇڏين...“

رام سوچي رهيو هو، ”تنهنجو ابو، گلاب دادا، ۽ گهمو وغيره پيسي جي لالچ ۽ شاهه جي دڙڪي تاب لي مڃي ني ويندا. منهنجو پاءُ ۽ منهنجي ماءُ... هو نه منهنجي دلي امنگن جي پرواهه ڪندا نه منهنجي ويچارن لي ويچائيندا. هنن کي ته بس ڪل جي عزت جوئي اونو پيارو آهي...“

پريميءَ رام جي چپ جو ٻيو ڪارڻ ني سمجهيو. چيائين، ”مان توڙ تائين توسان سچي رهنديس. بستيءَ وارن جون مارون کائينديس، نئين ۽ پراڻي ڳوٺ وارن جا ويڻ سهنديس، مان توسان بي وفائي نه ڪنديس.“

رام ڪلي چيو، ”شادي، خبر اٿيئي، ڇا کي چئبو آهي؟“

”ڪير پيئندڙ ڪڪڙي آهيان نه، جو خبر ڪا نه هونديمر! شادين لي لاڏا ڪا نه ڳائيندي آهيان؟ چمبيلي

۽ گهڻي جي پاڙ ۾ شادي ڪيل ڪالهي؟... ڇڇٻلي گهڻي جي مار سهندي آهي، مان ڪا نه سهنديسانءِ... پر تون مونکي مار ڏيندين ئي ڪونه. اها مونکي سورنهن آنا پڪ آهي."

"مان ڇو ڪونه مار ڏيندس توکي؟"

"تون پڙهيل ڳڙهيل آهين، تنهن کانسواءِ گهڻو دارونءَ جا ڍڪ ليئاني پنهنجو هوش وڃائي ويٺو آهي."

رام پٺيان نهاريندي رڙ ڪئي، "ٻيرن جا وڻ پٺتي ڇڏي آياسون. هل ته موٽي هلون." رام پوئتي موٽڻ لڳو.

پريميءَ هنکي اڳتي ڇڪي چيو، "پٺتي قدم رکڻ ڪم گانڊن جو آهي. تون مان گانڊو ٿوروئي آهيون."

رام جي دماغ ۾ ڦڙاڏو ٿيو، پٺتي قدم رکڻ ڪم گانڊن جو آهي... مونکي هن سان گڏ اڳتي وڌڻو ئي پوندو؟ بابو، امان ۽ ڀيڻ جي پراڻن ويچارن جو مقابلو ڪرڻو ئي پوندو؟...'

پريميءَ پاڻ سان گڏ رام کي اڳتي وٺي ويندي چيو، "ٻيرٻون ٻچي ڪونه ويندا ٻون. سپاهي نه ته پرينهن، پرينهن نه ته اربهن وري ايندا سين..."

"اڄ ڪيڏانهن هلون؟"

"ملڪ مولا جو وڏو پيو آهي..."

"کائڻ پيئڻ جو کهڙو بندوبست ٿيندو؟" رام گويا اڄ ئي پريميءَ کي جيون پٿ جو همراهي بڻائي رهيو هو. پريميءَ ان اهڙي نوع ۾ وراڻيو، "منهنجي هوندي

توکي ڪاڏي پيتي جي کهڙي ڳڻتي؟ بازيگر چوري پڻ سگهندي آهي، چوري ڪري سگهندي آهي...“
رام هنگي اڌ ۾ ڪٽي چيو، ”لوکي خبر آهي ته مان پنڻ ۽ چوري ڪرڻ- ٻنهي جي خلاف آهيان.“
اوءِ چيائين، ”باقي مان محنت ڪرڻ جي فائدي ۾ آهيان.“
پوءِ نهرن پهه اُلو ڏنو، ”ان ۾ به مان لوکان ڏاڍي آهيان. ياد اٿيئي، تنهن ڏينهن تون اَڌ مڻ جي ٻوري به نه پيو کڻي سگهين...“
”۽ تون منهنجي مڻ واري ٻوري سولائيءَ سان کڻي ويئي هئينءَ،“ رام کلندي هنجو اڌ ورو جملو پورو ڪيو.
”مان نيٺ به بازيگر چوري آهيان...“
”چري، مان اڄ جي ڳالهه تو ڪريان،“ رام گويا ٿيو- ”سنسار مان سڀا ڳُـڻ ٿيندي چيو، اڄ اسين ڇا ڪائيندا سين؟ ڳوٺ ته ڪافي پٺتي رهجي ويو...“
”بوپٽ ۾ ڪين آهيون. سڌ پيئي تي ڪلهوڙن جو ڳوٺ آهي...“
”اُتي ته اسانجو ڪير وارو سليمان ڪلهوڙو به رهندو آهي...“
”اُن مڻي جي منهن لـي نه ڇڙهندا سين. مٺو نٿين پراڻي ڳوٺ ۾ بدنام ڪندو ته ڏر لتيءَ جو...“
”هن پاسي راڇوءَ جو باغ به ته آهي...“
”راڇوءَ جو بيلي رمضو انب به ڏيندو، گجرون به به ڏيندو پر...“ هوءَ يڪا يڪ چپ ٿي ويئي.

رام پڇيو، ”پر ڇا ؟“

پريميءَ گويا ٻاڙ سان ڳالهائيندي چيو، ”مڙو اکيون پڇندو، اشارا ڪندو، گندا چرچا ڪندو. سڀ مرد مٺا بي شرم آهن...“

رام مرڪي پڇيو، ”مان به؟“

پريمي ڪنهن گهري سوچ ويچار ۾ پئجي ويئي هئي. ڪو جواب نه ڏنائين.

رام سوال دهرايو، ”ڇو، مان به بي شرم آهيان؟“

پريميءَ اجا به ڪو اتر نه ڏنو.

رام پڪ پڪ ڪندي چيو، ”شايد. ڪنهن نينگريءَ جو هٿ پڪڙي، دنيا کان ڊڄي، اهو ڇڏي ڏيڻ... اها نه حد بي شرمائي ٿيندي...“

ٽڪا ٽڪ پريميءَ عجيب نهارَ ڏنو ۽ چيو، ”تون منهنجو هٿ ڇڏي به ڏس. چماٽ هڻي ڪيانءِ...“

رام هٿ ڇڏائي چيو، ”هڻ چماٽ... هڻ نه. اڄ ئي آجا ٿي وڃون... هڻ نه...“ رام جي سموري دلي جذبات، ’هڻ نه‘ انهن ٻن لفظن ۾ سميٽجڻ لڳي هئي.

پريميءَ رنڌهارڪي آواز ۾ چيو، ”تو منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو!“ وري اکين ۾ پنهنجي سموري نفرت سهيڙي چيائين، ”گانڊو!“ پوءِ هرڻيءَ وانگر چال ماري سٽيشن طرف ڊوڙي.

رام جا قدم ڌرتيءَ سان ٻجهي ويا. ”گانڊو! گانڊو!..“ لفظ هڏجي ڌهلڙن لي متركن جيان وڃڻ

لڳا. وايو منڊل ۾ ”ڳانڊوا! ڳانڊوا!...“ لفظن جي بارش وسڻ لڳي. رام جا هٿ بي اختيار ڪنن ڏانهن ڪري ويا. ڪنن جي پڪڙڻ بعد به ”ڳانڊوا! ڳانڊوا!“ لفظن جو شور قائم رهيو.

( ٥ )

”چوري چٽائي پڳي تي ڏسجي!“ پوليس واري محمد بخش چيو.

”پڙهيل ڳڙهيل جوان، چوريءَ کي بغل ۾ پڪوڙڻ کان وڌ پڪ خواهش ڪئي تي ڏسجي،“ ڪرومنءَ آکيو.

”ديوان مفت ۾ بهشت جو در کڙڪايو هوندو،“ پورڙو سومن سر ۾ سر ونايو.

”ذرا بچڪي، اڳيان جهاڪو اٿيئي!“ ڳوٺ جي چوڌي ڪندڙ موليڏني ستيشن کان نئين ڳوٺ طرف ايندي رڙ ڪئي.

”هيسيل هرٽي کهڙي شڪاريءَ کي ڳوهي ڏيندي ڍوڙندي تي اچي؟“ شاعر مزاج شڪر ڏرليءَ جو دربيلي مانڊر جي ڪننيءَ تي قدرت جي ڪمال جو لطف ماڻي وڏي واڪي پاڻ کان پڇيو.

”هيءَ اجلي ڪنهن لي ڪڙڪڻ واري آهي؟“ پڪيءَ مومل پنهنجي جهوپڙيءَ ٻاهران ڇڄ کي چنڊ کو ڏيندي چيو.

پريمي پنهنجي سوٽ ۾ ڪانڌ هٿي نه نه هوءَ هڙهڪ ٻه پڪ اُڇليندڙ شان الڳ ۾ سيني جي ڳڏيل

مقابلي سان ٻئي سر پڇڻ لائق هئي. سڄي ڳالهه نه اها هئي نه نه هن جي اکين ڪجهه ڏٺو، نه ڪنن ڪجهه ٻڌو- هن جي ذهن ۾ بس هڪ تلوار هئي، ”تو منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو؟“

پريمي جهول ڪٽ ئي ڪري- پريشان حال ۾ پريشان هردو ڏٺي. يڪايڪ هن جي اکين مان گونگا ڳوڙها وهي هليا.

ماءُ ڏيءَ جي پرسان آئي. ڪجهه وقت چپ چاپ ويٺي ڏسندي رهي. پوءِ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري، ڏاس مان نوڙيون وٽيندڙ مڙس کي چيائين، ”ڪٿي ماستر...“ ڪرهن ئي هٿ هڻي رڙ ڪيائين، ”غضب ٿي ويو!“

پريميءَ جو پيءُ ڏاس ۽ نوڙيءَ جو ويڙهو ڦٽو ڪري ڳجهي اٿيو، ”ماستر جي اها همت... منهنجي لٺ نه ڪٺي وٺ.“

گلاب دادا وڻ هيٺان ڳهي سان ٽپڻ راند ڪري ڪري رهيو هو. هن نفرت مان چيو، ”مان ته اڳ ئي هن کي شيطان سمجهندو هوس،“ پوءِ ٽهڪ ڏيئي چيائين، ”گهڻا پئسا ڏنا ئيدس؟“

پريميءَ جو پيءُ لٺ کڻي بستيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لڳو ته گهٽي چيو، ”شاهه جو خيال رکج. ڪٿي هڏيون نه چور ڪرائي اچين.“

گلاب دادا اٿي کڙو ٿيو. چيائين، ”مان به تو سان گڏيو تو هلان. گهٽ ۾ گهٽ تنهنجو لاش ته سلامت

کڍي ايندس.“

پريميءَ جي پيءُ بستيءَ جي لوڙهي جي ڪُـڙهه لاهيندي چيو، ”بستيءَ جي عجب جو سوال آهي ۽ اوهان چرچا ٿا ڪريو.“

گلاب دادا چيو، ”عجب ٺهڪجي ڇوري وڃائي اچي ۽ شاهه جو گسو ساري بستي سهي ؛ ڇو؟“ هو وري راند ڪرڻ ويهي رهيو.

ٻڍي مومل چنبڪو ڇڏي ويجهو وڌي آئي هئي. چيائين، ”گهڻا ڇوڪرا، ڇمبيايءَ جي چنتا ڪر. هوءَ نه مٿي ماستر سان ڪلي ڳالهائيندي آهي.“

گهڻي ڇڙ مان چيو، ”ٻڍي، وڃي پنهنجو ڪم ڪر. ڪٿي وڌ يڪ ٻڙ ٻڙ ڪندينءَ ته چوٽيءَ کان وٺي واپس (وائرڪورس) ۾ ٻوڙي ڇڏيندو سانءِ.“

مومل ٻڙٻڙايو، ”مان ته ڪبردار ٿي ڪريانءِ. نه ته منهنجو ڇا وڃي؟ استيءَ جون سڀ ڏٺر پيمر مٿي ماستر اڳيان ڏٺي پيٽ ڇاڙهيو.“

گلاب دادا چيو، ”سياڻي ماستر بستيءَ اندر قدم رکي نه سهين. پوءِ ٻان هوندس ۽ منهنجو مهاڏيو وارو ترشول هوندو. شيطان... ڪميڻو!“

پريميءَ جو پيءُ، منگو، بستيءَ جي ڪڙهه ڪليل ڇڏي لٺ هٿ ۾ لوڏيندو وائرڪورس ٺهي لڪڙيون وڪون کڻي دربيلي مائنر طرف وڌڻ لڳو. هو موليڏني چهويءَ

واري کان اڳ، ڪڏي ويو ته موليڏني چمپيءَ واري چيو، ”منگو، ذرا ٻهڪي، اڳيان جهاڪو اٿيئي!“

منگوءَ موٽ ۾ گار ڦهڪائي ڪڍي، ”تنهنجي ته وٺي ڪري...“

موليڏني چمپيءَ واري انگوڇو هڪ ڪلهي تان لاهي ٻئي تي رکيو ۽ ٽڪڙا قدم کڻي منگوءَ پيڙو تي چيو، ”منگو بادشاهه، اڄ بازيگرن پنيان ڪنهن بيهي ڪئي آهي؟ سوال پرامي پريشان حال ۾ ڦڙندي ٿي ويئي، هينئر تون هوا سان ڳالهيون ڪندو ٿو وڃين. اوهان سان سڪ نه آهي؟“

منگوءَ ڦڙڪندڙ چپن سان سوال ڪيو، ”تو ڪلاڪتي مان پڙهي آيل، پيمن جي نگوڙي ياءَ، ڪي ڪٿي ڏٺو؟“

”توهان جي بستيءَ ۾ ناهي ته اس سيدن جي اوطاق تي هوندو. هن جو ٻيو ڪٿي مڙهه مقام آهي؟“

منگوءَ کو جواب نه ڏنو ۽ ٽهائين ٽڪيون وکون وجهڻ لڳو.

موليڏني هن سان قدم ملائيندي هلندي چيو، ”ڇا مهورت جو نيم تو گذراندو وڃي ڪٿي؟ نه ڍهل نه شرنايون! ڳجهه ٿي ڳجهه ۾ لياريون ٿي ويون!! اوهان بازيگر ڪنهن تي ڪامڻ وجهڻ ۾ افلاطون آهيو.“

موليڏني ٽهڪ ڏنو ۽ وري چيو، ”هن لڙ ۾ منهنجي حاضر هجڻ کان سواءِ ڪا شادي بحال نه آهي. شاهه جي شادي هجي يا موچيءَ جي، موليڏني چمپيءَ واري

”تو ته ڪنهن اڳيان زبان هلائي ته زبان ڪپي ڪڍ ندوسانءِ.“

موليڏني هٿ جوڙي چيو، ”قبلا، ائين سمجهو ته آءٌ انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو آهيان.“

شاهه ڪنڌ وهاڻي تي رکي ڇڏيو.

موليڏني آهستي چيو، ”قبلا، پاڻ ماڻهو ٽيهه ٽي ڏينهن بازيگرن جي بستيءَ وٽان لنگهندا آهيون. ڪٿي...“

شاهه غصي مان چيو، ”ڪو تولي هٿ هلائي ته ساري بستي ساڙائي ڇڏيان.“ ڪجهه وقت ڪانپوءِ شاهه کي قدر نرم آواز ۾ چيو، ”رام کي ڪيترو تو سمجهايان. ڪوتلا ته ڪڏهن اُجريا آهن؟ انهن کي هٿ لاءِ ته هٿ ڪارو، پير لاءِ ته پير ڪارو...“ هن پوءِ ته ڪي آواز ۾ پڇيو، ”تو پاڻ ٻريميءَ کي سٽيشن کان گهر ڏانهن ڇو وڙندو ڏٺو؟ پڌي ڳالهه ته نتو ڪرين؟“

موليڏني ڪن پڪڙي چيو، ”نبيءَ جي اولاد سان ڪوڙ ڳالهائي دوزخ جي آگ ۾ جلڻو اٿم؟ ڪوڙ ڳالهائيندو هوندس ته منهنجو نور ويندو، قبلا...“

شاهه چيو، ”تون وڃي رام کي سڏي اچ. ڪيس پڻ ٻئي ڪنهن کي ڪجهه نه چئج.“

موليڏنو بنا آواز ڪئي شاهه جي ڪٽ تان لتوءَ ادب سان هنکي پيرين ٻئي اوطاق کان ٻاهر نڪري ويو.

(٦)

فيض محمد ته ان ڏينهن شاهه جي اوطاق ۾ آيو، نه

ٻئي ڏينهن. هو جهن ڏينهن شام جو شاهه جي اوطاق
ڏي اچي ڏمڪيو لنهن ڏينهن صبح کان وٺي شاهه کي
هن جي اچڻ جي اميد هئي ۽ انتظار پڻ هو.

هن شاهه جي اوطاق ۾ قدم رکندي پڇيو، "رام
ڪٿي آهي؟"

شاهه موٽ ۾ سوال ڪيو، "ڇا ٿيو؟"

فيض محمد موڙي ٿي ويهي پنهنجي عينڪ لاٿي.
کيسي مان رومال ڪڍي منهن اگهيائين ۽ پوءِ ساڳئي
رومال سان عينڪ صاف ڪرڻ لڳو.

شاهه چيو، "اختياريءَ وارن سان هٿ اٽڪائڻ جو
انجام ڏٺئه؟ مختيارڪار کي تو خلاف ڪارروائي ڪرڻ
جي ڪا جرئت ڪا نه ٿي. ڪمال کي قاسائڻ کان ٻه
ڪنارو ڪيائين. هنجي ڪاوڙ جو نزلو ڪريو ته ڪمال
جي نانيءَ، ويچاري ابراهيم تي ڪريو."

فيض محمد عينڪ پائي رومال کيسي ۾ وجهي چيو،
"ابراهيم کي ڇڏائڻ مشڪل نه آهي. آءٌ سر زمين تان،
تحقيقات ڪري، سڀ حقيقتون هٿ ڪري آيو آهيان.
پر مولکي ٻيو انديشو آهي..." هو گويا ڪنهن ڳوڙهي
ويچار ۾ پئجي ويو.

شاهه انتظار وچان هنجو گنڀير چهرو تڪيندو رهيو.
فيض محمد گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، "لڳهن
ته چوانٿو، رام مون سان ٻنهي ٿي ليهي ته هوند سيٺي
شرارتين کي ٽوڻا ڇپائجن..."

شاهہ هنگي اڌ ۾ ڪٺي چيو، ”توکي اهو انديشو آهي تہ ساري قصي کي فرقيوار رنگ ڏنو ويندو؟“

” يقينا!“ فيض محمد چيو، ”زميندار هندو آهي، هنجو ڪمدار بہ هندو آهي. ٻئي طرف، هاري مسلمان آهن ۽ هنن کي ’پڙڪائيندڙ‘ ابراهيم بہ مسلمان آهي. مون ڄاڻي ٻجهي حال ني الحال هندو زميندارن جي هارين جي جماعتبندي ملتوي ڪري ڇڏي آهي. ڪو هندو’ هاري حقدار‘ جو نعرو بلند ڪندڙ ملي وڃي تہ سيني هندو مسلمان ظالمن جا ڏند کٽا ڪجن. تون رام کي سڏائي تہ وٺ.“

” هو منهنجي سڏائڻ تي ايندو ضرور. مگر...“ شاهہ گنڀير نوع ۾ چيو، ”مگر هو تنهنجي حمايت ڪندو، اهڙي خاطري نٿو ڏيان.“

” هنجو آدرش پسنديءَ وارو جوش سوڊا جي بوتل واري جوش جيان تڏو ٿي ويو! مون اول ئي سمجهيو ٿي تہ تنهنجي آدرش پسندي مقصد جي چٽائيءَ جي عدم موجودگيءَ ۾ پنهنجي راهہ وڃائي ٿي ويهندي...“

” هو وڏي عمر جي اڻ پڙهيلن کي هر روز رات جو اچي بہ پاڙهيندو آهي. البت بازيگرن جي بستيءَ ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو اٿس...“

” بازيگرن ڪتن جي بچ ڪرائي هونديس. يا ... يا گلاب غنڊي ساڻس هٿن جي صفائي ڪئي هوندي.“

”اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي. منهنجي هوندي...“شاهہ

جملي پوري ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڪئي.
اليٽي ٺهڪ ڏيئي چيائين، ” توهان هاري حقدارن اچا
شاهن جي شاهيءَ سان همٿ چـراند ڪانہ ڪئي آهي،
شڪر آهي.“

” لـرسو،“ فيض محمد محڪم ارادي سان چيو،
” اهو زمانو پري نہ آهي جڏهن پيرن جي پيري ۽ شاهن
جي شاهي - بين ڪوڙن اڊمبرن ۽ ڍڪاون سان گـڏ
زمين دوز ٿي وينديون.“ وري چيائين، ” تون فڪر نہ
ڪر. تون، پنهنجي شاهيءَ جي وقار کي جمهوريت جي
نذرانو رکڻ جو اول ئي فيصلو ڪري چڪو آهين...“

” اهي ڳلتا بين کي بڌ،“ شاهہ مرڪي چيو، ” مان
جيستائين سڌيءَ ڪي اڻ سڌيءَ طرح اوهـان ماڻهن
جي ڪنب ايندو رهندس، ليستائين سلامت آهيان. ڪم
اٿو ڊکڻ وسريو. پوءِ توهان مون سان بہ اهـائي ڪار
ڪندا جيڪا وڏيري ڪريمڏني يا مولوي صالح الدين
سان ڪئي اٿو...“

” شاهہ صاحب، تون پاڻکي انهن رهزنن جي صف
۾ نہ گڏ. هڪ، زميداري رعب ۽ رلبي سان هـارين
جي جماعتبنديءَ کي ڪچلڻ جو خواهشمند آهي. بيو،
دين جي رهبري ۽ جنت جي ٺيڪيداريءَ جي نالي ۾
غريب هارين کي گمراهہ ڪري رهيو آهي.“ فيض محمد
يڪا يڪ چپ ٿي ويو. پوءِ چيائين، ”اهي بحث مباحثا
ٿيندا رهندا. هاڻ بڌاءِ تہ تون مکي ٻولو مل جي نڪتو

پٽ شيوڪ کي ابراهيم خلاف فرياد واپس وٺڻ لاءِ مڃائي سگھيين ٿو يا نه؟"

"جڏهن سچو قصو مختيارڪار جي چرچ سان ٿيو آهي تڏهن مان نٿو سمجهان ته شيوڪ يا شيوڪ جو پيءُ ڪو منهنجي چوڻ تي فرياد وٺڻ لاءِ رضامند ٿيندو. لون سر زمين تان کهڙيون حقيقتون هٿ ڪري آيو آهين؟"

"جڏهن ٻولو مل جو ڪمدار، ابراهيم واريءَ ٻنيءَ تي پهتو تڏهن ابراهيم اتي موجود ئي ڪونه هو. هيون رڳيون زالون جن گاريون به سٺيون ۽ بي عزتيءَ جا ڏڪا به ٻڌا. هل هنگامي تي آس پاس جا هاري ناري مڙي آيا. جڏهن هنن ڪمدارن کي سمجهايو تڏهن ئي وڃي آپي مان نڪري ويو. هڪ هاريءَ کي مٿي واري لٺ وهائي ڪڍيائين. ان تي ٻئي هاريءَ هن کي سوٽو هڻي ڪڍيو. چوڻتا ته سوٽو هنکي کاٻيءَ ٽنگ ۾ لڳو. هوڏانهن ڪنڊياري اسپتال جي ميڊيڪل آفيسر سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي ته ڪمدار جي منهن مٿي تي ٻٽرن ۽ لوڙهين جا گهرا گهاءَ آهن. ڪمدار تي حملو ڪرڻ لاءِ وري پڪڙيو ويو آهي ابراهيم کي! آءٌ، ـــ مختيارڪار، ڊاڪٽر، زميندار ۽ ڪمدار جي سازش سان پڄڻ لاءِ ڏندين ڏاند آهيان. صرف، فرقيوار فضا ۾ اضافو اچي وڃڻ جو انديشو اٿم. هو چارئي هندو آهن ۽ اسين .. ان سازش خلاف لڙندڙ سڀ مسلمان آهيون. عام هندن کي

مسلمانن خلاف ڀڙڪايو ويندو ۽ مان ھمن کي ڀائرن وچ ۾ ويڇو وڌائڻ جو ھڪ وڌيڪ موقعو ڏيڻ نٿو چاھيان. تون شيوڪ کي فرياد واپس وٺڻ لاءِ ڪٿي مڃاءِ نه." پوئين جملي جي نوع ۾ لاچاري ۽ بيزاريءَ جو سنگم ھو.

"شيوڪ مختيارڪار جي رچيل شطرنج ۾ ايتري حد تائين پيادو ٿي ڪٿب اچڻ بعد فرياد واپس وٺڻ جي ھمت ڪري سگھندو؟"

ڪجھ دير ٻئي دوست چپ ويٺا رھيا. پوءِ شاھ چيو، "سڄي قصي جي چاٻي تنھنجي ھٿ ۾ آھي..."

فيض محمد آھستي چيو، "مان ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ ڪمال طرفان ڪيل درخواست تان دستبردار ٿيان، ائين نه؟" پوءِ آواز کي بلند ڪندي چيائين، "ائين ٿي نه سگھندو. ھڪ ظلم مٽائڻ لاءِ ٻئي ظلم تي چشم پوشي ڪرڻ، ڪو علاج ناھي." ڪجھ وقت سوچ ويچار ڪرڻ ۾ ٻڏل رھڻ بعد فيض محمد تھائين وڌيڪ مرڪ مرادي سان چيو، "شيوڪ کي ڪي به نه چئبو. چڙچاءِ ڪرڻ يا ظلم سان ڪو مجھولو ڪرڻ مسئلي جو صحيح حل ٿي نٿو سگھي. پس پيش جيئن ايمانداريءَ، انصاف ۽ حق جي تي ٿيندي. مان ڪيتري قيمت تي به انھيءَ دامن ڇڏڻ لاءِ تيار ڪين آھيان." پوءِ ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريندي چيائين، "عثمان ڏسڻ ۾ نٿو اچي. مونکي پياس لڳي آھي."

"مان تو پاڻي ڏيانءِ،" شاھ مرڙي تان اٿندي

چيو، ”عثمان کي ڪنڊياري موڪليو اٿم.“

فيض محمد فورن اُٿي کڙو ٿيو ۽ لڪڙو ٻريان رکيل کھڙامنجھيءَ وٽ پهچي چيو، ”تون مونکي پاڻي پياريندين؟ ڪو مومن ڏسي وٺي ته مون مٿان ملامت جو پهاڙ ٽٽي پوي...“

شاهه ٽهڪ ڏنو.

فيض محمد پاڻيءَ جو گلاس پنهنجي موڙي ڏانهن ڪڍي ايندي پڇيو، ”عثمان ڪنڊياري سڪ ۾ ويو آهي؟“

”ڪنڊياري واري اسپتال لوڪل بورڊ جي آهي نه؟“

”۽ تون لوڪل بورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ميڊيڪل آفيسر تي زوربار آڻي ٿو چاهين، ائين نه؟“

پوءِ فيض محمد گلاس موڙي پرسان پٽ تي رکندي چيو، ”وس پڄيئي ته زميداري ۽ شاهي ترڪ ڪري هاري حقدارن سان ڪليو ڪلايو پٽ تي ويهين نه؟“

شاهه اُهو ساهه ڪڍي چيو، ”ڪاش، مون ۾ تو جيتري همت هجي. خير... تون رات هت رهي پئو نه؟ چانڊوڪيون آهن. دريلي ماڻهو جا ڪندا آهن، انهن پرسان لهرائيندڙ ڪيت آهن. انهن ڪوٺ واري سڪل ٿلهه تي اُچا ۽ ونجهوٽي راند ٿيندي آهي، تنهن کان سواءِ بازيگرن جي بستيءَ ۾ دستور موافق هر رات راڳ ۽ ناچ جو شغل ٿيندو رهندو آهي...“

هيڏو ايترو ساهه فيض محمد کنيو ۽ چيو، ”ڏاڍن ۽ ظالمن پنهنجي ڏاڍ ۽ ظلم جو ايڏو ته وڏو ۽ ايڏو تـ

ويڪرو چار پکيڙي ڇڏيو آهي جو قدرت ۽ انسان جي حسن جي مشاهدي ماڻڻ جي فرصت پاڻکي ملي ئي نٿي. سچ ته اهو آهي،" هن بيو ايو ساهه کڻي چيو، "پدهدجو نمڍپڻ وارو ڪو شوق باقي نه رهيو آهي. خير... مان واسس همت رهندس ئي. وامر سان لباد ته خيالات جي سانگي." پوءِ پيچائين، "وامر بازيگرن کي پاڙهڻ جو ڇڏي ڏنو آهي؟"

شاهه سنجيدگيءَ سان وراڻيو، "منگو بازيگر متس الزام ڏريو ته، هن سندس ذيءَ سان همت ڇراند ڪئي آهي."

فيض محمد هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، "ان الزام ۾ سچائي ڪيتري آهي، لو ضرور اها جاچ ڪئي هوندي. مان ته‍هدجي سپاءَ مان واقف آهيان. توکي اهڙي قسم جي تحقيقات ڪرڻ مان خاص لطف ايندو آهي..."

"ڏايڻ ۽ ظالمن جي چار لدهمجي نڊي هوندي واريءَ شرارتي فطرت لي خمر ڪو اثر ڪيو ئو ڏسجي،" شاهه مرڪي چيو، "بازيگرن جي شڪايت لي مان جاچ ڪريان ئي ڪونه. مونکي خبر آهي ته ڪو شخص سچ پچ ڪنهن بازيگر ڇوڪريءَ سان همت ڇراند ڪندو آهي ته نوبت مون وٽ يا ٻئي ڪنهن وٽ شڪايت ڪرڻ تائين نه ايندي آهي. مجرم پيسا ڏيئي جند ڇڏائي ويندو آهي. پيسن نه ملڻ لي بازيگر يا ته هتن جي صفائي ڏيکاريندس يا ته کليو کلايو ٻنهي ڄڻن ۾ بدنام

ڪندس. نين وات هئن لاءِ ٿئي ڪانه..."

فيض محمد اڃا به ڪلندي چيو، "لوڪي پنهنجو شخصي آزمودو ته نه آهي؟" آليءَ گنڀير ٿي چيائين، "رام ڪوڙي الزام لي پنهنجو ڪم ڇڏي ڏنو؟"

"رام دراصل حقيقت ۾ پريمي سان محبت ڪندو هو. هوڙي سنگين الزام جي شروعات، هو سمجهي ٿو، ضرور پريميءَ وٽان ٿي هوندي. هن لنهن ڪري نراس ٿي پريميءَ جي منهن لي چڙهي ٿي ڇڏي ڏنو آهي. اهي عشق جون الٽيون بازيون، ميان! تو جهڙو خشڪ 'هاري حقدار' سمجهي ٿي نه سگهندو." شاهه جي چپن تي مرڪ وري آئي.

فيض محمد گنڀير ٿي چيو، "عشق جون الٽيون بازيون اوهانکي مبارڪ هجن. آءٌ هرچيز جي سلٽيون بازين مان چاٽان. سڌي ڳالهه سوٽي جي ۽ جا چيز منهنجي منزل مقصود جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي ايندي آءٌ ان کي يا نظر انداز ڪندس، يا هٽائيندس يا... يا ان جو مقابلو ڪندس. آءٌ بي ڪا ڪلا بازي نه چاٽان، نه چاٽڻ ٿو چاهيان."

شاهه ٽهڪ ڏنو ۽ فيض محمد گنڀير نوع ۾ پڇيو، "بازيگر ڇوري هن جي محبت جي موت ڏيندي هئي؟"

"بازيگر ڇوري ۽ محبت!" شاهه اڃا به زور سان ٽهڪ ڏنو. آليءَ ڪي قدر گنڀير ٿي چيائين، "پريمي الميت نرالي بازيگر ڇوري آهي. هوءَ رام جي راهه ۾

اڪيون وڃائي وهندي هئي ۽ هنجي دل ۾ رام لاءِ تڙپ..."

فيض محمد شاهه کي اڌ ۾ ڪٽي چيو، "جتي انتظاري ۽ تڙپ آهي اُتي محبت عدم موجود ٿي نٿي سگهي. پوءِ نه رام لاءِ معاملو آسان هو. ميان بيبي راضي ته ڪيا ڪريگا قاضي..."

"چوڻ کي چئي وٺين. مڙهي ماءُ ۽ روايت پرست پاءُ کي مڃائڻ آسان نه آهي. ٻن ڳوٺن جي ماڻهن جا دائمي اشارا ۽ چميگويون سهڻ به سٿرو ڪم نه آهي..."

"باقي پنهنجي فرض ۽ ميدان عمل کان منهن موڙڻ آهي؟ اوهان جي اِها عجيب منطق منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي..."

اوڏيمهل عثمان اندر گهڙي آيو. ٻنهي دوستن جو ڌيان هن ڏانهن ڇڪجي ويو.

عثمان پنهنجي پٽڪي مان پرزو ڇوڙي ادب سان شاهه اڳيان وڌايو.

شاهه چئي وٺندي چيو، "ميان، شمعدان ته ٻاري اچ. اسانکي ڳالهيون ڪندي اونده ۽ سوجهري جي ڪا سمڪ ئي نه رهي."

شاهه پرزي کي اکين ويجهو آڻي، اکين تي زور ڏيئي، اُهو پڙهڻ لڳو. اوچتو هن زوردار ٽهڪ ڏنو.

فيض محمد پڇيو، "ڊاڪٽر ڇا لکيو آهي؟"

شاهه چيو، "پرزو مختيارڪار جو لکيل آهي. عثمان شايد ٽينس ڪورٽ تي ڊاڪٽر سان ڳالهائو ٿيو آهي ۽

مختيارڪار وچ ۾ دخل ڏنو آهي.“

”ڇا لکيو اٿس؟“

”لکيئو: اوهان جهڙي معتبر ۽ معزز زميندار مان اميد ٿي رکي ويئي ته اوهان سرڪاري عملدارن سان ساٿ ڏيندا. اوهان ته اٽلو باغين، غنڊن ۽ خونين جي حمايت ٿا ڪريو. اوهان يا اسان جي مدد ڪريو يا غير طرفدار ٿي مزو ڏسو. ٻي راهه، اڳتي پوءِ، اوهان لاءِ نقصانڪار ٿي سگهيتي.“

فيض محمد گنڀير نوع ۾ پڇيو، ”اِها چٺي مونکي ڏيئي ڇڏيندين؟ مونکي ڪنهن نه ڪنهن وقت ڪم اچي سگهيتي.“

شاهه ڪنهن ٻڌڻ ۾ پوڻ ڏاران چٺي فيض محمد ڏانهن وڌائي.

( ٧ )

رام ياڻ کان پيٽوني جو ڪليل خط ورلو ۽ اليئي دڪان تي گراهڪن جي وهڻ واري کاٽ جي بينچ (اها بينچ محض لڳتو هئي جنهن جي ٻنهي ڇيڙن هيٺان پڪين سرن جون ٿهيون رکيل هيون) تي ويهي اهو خط پڙهڻ لڳو.

پيارا رام،

تون جنهن هنڌان ويو آهين تنهن جا خبر چار نه ڏني اٿيئي. تو مونکي پنهنجي سرگرمين کان بيخبر پئي رکيو آهي ليڪن مان با خبر پئي رهيو آهيان.

مون، توکي، شانتيڪيتن، ڪنهن خاص مقصد سان

تي سگهين ٿو. پوءِ اسيمبلي لاءِ ٽڪيٽ، سمجهه ته
لنهنجي ڪيسي ۾ پيئي آهي. تون اسيمبلي ميمبر چونڊجين،
پوءِ ٿي مان پنهنجا لاڻا سجايا سمجهندس.

سڄاڻن سياسي حالتن ۾ تنهنجو سنڌ جو وزير ٿيڻ
مشڪل نه آهي. تنهنجي وزير ٿيڻ سان تنهنجو مان مرتبو
به وڌندو ٿي. گڏوگڏ سنڌ جي سياست ۾ منهنجي
اهميت به وڌندي. تو جهڙي همٿائتي ڪي مون اهڙي
ڏينهن لاءِ ٿي هٿايو آهي. تون همت اچ. وڌيڪ ڪم
منهنجو آهي.

فيض محمد وڪيل ڪان پري رهڻ. هو هارين کي
گمراهه ڪري ضلع جي سڪ شانتي ٿتائڻ تي ڪمر
ڪشي بيٺو آهي. گردبو ٽنگور طرفان اسٽالن ٿيل سکيا-
گهر ۾ تعليم ورتل جوان کي هارين ۽ ٻوڙهيتن جي مسئلن
جي خاطر خواهه حل لاءِ، گانڌيءَ جي ٽرسٽيشپ ٿيئريءَ
۾ ڏارين وٺان آندل خوشحواهه سڌانتن ڪان وڌيڪ وشواس
هجڻ ڪهي.

ٻيمن مونکي لازي خط ۾ جيڪي لکيو آهي لنهن
تي مونکي هڪ ٿي وقت کل به آئي ته ڏک به گهڻ
نه ٿيو. شانتيڪيتن مان پڙهي آيل هڪ همٿائتو نوجوان
هڪ هاريگر ڇوڪريءَ سان پريم ڪري ائا ڪل جهڙي
ڳالهه نه آهي؟ هن تي ان ڇوڪريءَ سان بداخلاقيءَ
سان پيش اچڻ جو الزام لڳايو ويو، ان ڪان وڌيڪ
ڏک جهڙي بي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهيتي؟ مونکي

پڪ آهي ته اهو الزام بلڪل ئي بنياد هوندو، پر اهو الزام ڪنهن شريف جي ڇريتر تي نه ڏوهه ڏينهڙ داغ ته لڳائي سگهيو. حياتيءَ لاءِ اهڙن داغن کان بچيو رهڻ نهايت لازمي آهي.

هيمنءَ، همت، تنهنجي لاءِ ڇوڪري چونڊي رکي آهي. اچي ڏس. ڏني مڪياري آهين. مان تنهنجي پيءُ کان نرالو آهيان. شاديءَ جي مسئلي ۾ تنهنجي پسندي، مون لاءِ، آخري پسندي آهي. بازيگر ڇوڪري، نه تنهنجي پسند ٿيڻ کري نه منهنجي پسند ٿي ٿي سگهي ٿي.

تون ڪڏهن تو اچين؟...

رام چني پڙهي، اها ويڙهي لفافي ۾ وجهڻ لڳو.

پيمن گراهڪ لاءِ پاءُ ڳڙ جو تور ڪندي پڇيو، ”تون نواب شاهه ڪڏهن تو وڃين؟“

رام ڪو جواب نه ڏنو. هو چٺي لفافي ۾ وجهي، لفافو هٿ ۾ جهلي ويٺو رهيو، سوچيندو رهيو.

پاءُ گراهڪ کي هلائي وري پنهنجو سوال دهرايو، ”تون نواب شاهه ڪڏهن ويندين؟“

رام خشڪ آواز ۾ چيو، ”توهان مونکي رهائڻ مان بيزار ٿي ويا هجو ته مان اڄ ئي توهانجو گهر ڇڏي وڃان؟“

پيمن جو منهن ڪارانجي ويو. ڏڪ سالن ۾ هن کي ڪجهه سمجهه لڳو. پوءِ چيائين، ”مون ڇا چيو جو تو مونکي اهڙو ڪڙو جواب ڏنو؟ تون نواب شاهه وڃين يا هت ويٺو چمار وڃائين، تنهن سان منهنجو ڪهڙو پرپوجن؟

مونکي کٿيءَ ڪيو جو کٽي زبان ڇوريم. مون بس ڪئي بابا! اسانجو پيٽويو ته واندو آهي جو تو ۾ اُميدون رکيون اٿس. ڪنيءَ ۾ ٿي ڪين هوندو ته پاٽ ۾ ڇا پوندو؟"

رام زبان جي غلطيءَ لاءِ اندرئي اندر پشيمان ٿيندو، خاموش ويٺو رهيو.

پيمن وري کولي ڪجهه لکندو رهيو، پڻ پڙهندو رهيو، "علم، جي وڏن جي عزت ڪرڻ نٿو سيکاري، اهو، آدرشي ڪٿي ڇٽيو؟ جو شخص رلڻ پنڪڻ کي پنهنجو ڌندو بڻائي ڇڪو آهي سو شخص وزير ٿيندو؟ جنهنکي گـلا جهڙي جماعت کي سيکاري سمجهائي نه سگهي، تنهن لي چنيءَ جون ٻه چار سٽون ٻه ڪو اثر ڪندـيون؟..."

"پيمن ادا، ڪاري ناس نه ڏج."

پٺسو پيمن اڳيان ڪريو، هن وري رکي ڇڏي ءِ... رام دڪان تان هيٺ لهي ويو.

رام، چؤباز راند ڏسڻ بيهي رهيو پر هو ان ۾ مـن لڳائي نه سگهيو. هو، ڀاءُ جي دڪان وٽان، ڀاءُ ڏانهن نهارڻ ذاران، لنگهي سڌو گهر اندر گهڙي ويو. پنو ءِ فائونٽين پين کڻي پيٽوئي کي خط لکڻ ويٺو.

نويدن نه توهانجو خط مليو. احوال معلوم ٿيو. آئينده پڻ، ڪڏهن ڪڏهن، خط جي عنايت ڪندا رهندا.

توهانجي خط مونکي ڏيري ڇڏڻ لاءِ رضامند ڌ

ڪيو، ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اوهانجي خط جو مون تي ڪو اثر نه ٿيو. اِن، منهنجي پڙهڻ جو ڪنهن حد تائين ختم ڪئي آهي؛ مونکي اُميد آهي ته منهنجي هن خط جي موٽ ۾ اوهان وٽان جيڪو جواب ايندو، سو، مڪمل رهي منهنجي دماغ جي آواره گرديءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو.

مونکي نه اسيمبلي ميمبر ٿيڻ جي لوڙ آهي ۽ نه وزير بڻجڻ جي خواهش. ان جو مطلب اهو ناهي ته مان تمنا رهت آهيان. منهنجي جيون جي آرزو بلڪل ننڍڙي آهي، ۽ اها آهي ته مان غريبن، بي علمن ۽ محتاجن جي تورو ڪي گهڻو ڪتب اچان. مان پنهنجي ان ننڍڙيءَ آرزوءَ جي پورائيءَ جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس ڪرڻ ٿو چاهيان. ۽ پاڪارڻ ته منهنجي اڳيان اهو مقصد صاف آهي، مان ڳوٺ جو محدود دائرو ڇڏڻ نٿو چاهيان. سنڌ جي سياسي حال في الحال اوهانکي مبارڪ هجي.

مونکي خبر نه آهي ته اوهان مونکي شانتيڪيتن اُتلاءِ موڪليو هو ته اُتان مان پاڻ تي ديس شيوڪ هجڻ جي مهر لڳائي هتي لاءِ اسيمبلي ميمبر ٿيڻ جو پروانو حاصل ڪري اچان. شانتيڪيتن جي آدرشيءَ وايو منڊل ۾ 'آدرشي' سکيا پراپت ڪندي مان پنهنجي جيون جي ذڪر ڪيل، ننڍڙي آرزو اوس همٿ ڪري سگهيس جيتوڻيڪ مونکي ڄاڻ آهي ته ڪيترا شخص، شانتيڪيتن

هوءَ منهنجي سانگي سيٺي جا طعنا سهي نه ڪلي سگهندي، ۽ مان؟ مون، شانتيڪيتن جي آزاد وايو منڊل ۾ ٻه سال رهڻ بعد اها جرئت حاصل ڪئي، جو، ماڻهو مونکي ڪي چون تنهن ڪان اڳ ۾، هنجو پڪڙي هٿ ٻه چڙهي ڏنم. هنجي جرئت جي چوٽي اها آهي ته هوءَ مونکي بدنام نه ڪري سگهندي، ۽ اُن بدناميءَ لاءِ پنهنجي چرتر تي داغ نه لڳائي سگهندي...

رام جو قلم بيهي ويو. هن محسوس ڪيو ته پنهنجي پيٽوني کي هڙي قسم جي خط لکڻ لاءِ جيڪا جرئت هجڻ کپي سا منجهس نه هئي.

خط ڇهون ڇيهون تي پٽ تي ڪريو.

ٻڪا ٻڪ رام جي دماغ ۾ هڪ سوال کڙ ڪڻي بيٺو: توکي ڪهڙي ٻڪ آهي ته پريميءَ توکي بدنام ڪيو آهي؟

اهو سوال ٻه ٻون دفعو هيٺئر ڪونه هنجي دماغ ۾ اڀريو هو. اهو سوال اڪيچار دفعا هنجي دماغ ۾ گونجيو هو ۽ پوري پيري سان هن ان جو ڪر انهن جوندي مرونيو، ”هوءَ ڪجهه نه ڪرڻ جي قابل آهي.“

پيٽوني اڳيان پريميءَ جي ڦڙتائيءَ، بي ڊپائي، جرئت ۽ حوصلي کي داد ڏيندي هن دل ئي دل اندر شايد پنهنجي ڪمزوريءَ، ’بزدليءَ‘ تي لعنت وڌي هئي ۽ تنهن ڪري، اڄ، اهو دستوري جواب هنجي دماغ ۾ نه اڀريو.

اڇانڪ هو اٿيو ۽ ته اڏيئر تي ويو جو ڪرسيءَ تان

اُٿي کڙو ٿيو. گهر مان نڪرڻ بعد هن جا قدم در ٻيلي مائنو، لڏ، بازيگرن جي بستيءَ ڏانهن کڄندا ويا.

”ديوان، ذرا ايڪيءَ اڳيان...“

موچي موليڏني جي زبان بي اختيار پنهنجو محبوب ڪلام چوڻ شروع ڪيو پر ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ، دماغ ان جو انجام سوچي ورتو ۽ زبان خاموش ٿي ويئي. رام، موليڏني ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو. موليڏنو ويچارو ويتر پريشان ٿي ويو. هن ڪلپنا ۾، شاه جي زبان کي ڪٽنديءَ مغل هللدو ۽ پنهنجو ڪچونبر نڪرندو محسوس ڪيو. هن جا قدم تيز ٿي ويا.

هن رام جي پٺ ونندي چيو، ”ديوان، زبان چمڙي جي آهي. ادا ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي شناخت نٿي ڪري. هونءَ منهنجي ڇا مجال آهي جو توسان، يا شاه صاحب جي ڪنهن خاص دوست سان يوڳ ڪرڻ جو سمت ساريان؟ پاڻ ماڻهو علاج کان وٺ ڪري ڪرڻ وارا آهيون. ڇڙ، اوکي دلير ته نه ٿيو؟“

رام مرڪي چيو، ”گهبرائج نه. مان شاه وٽ شڪايت نه ڪندس.“

”شل جڙيو رهين جهان ۾! اچ ڇا منگوءَ ماني موڪلائي اٿيئي؟ وري زبان نامراد خطا کاڌي نه! وڃ، يار، وڃ. پاڻ ماڻهو اِتان ٿي تا پهر ڏاهيون. ڪٿي وڃون نه بازنهن جي پاؤ ۾.“

موليڏني جا قدم ٻنتي هٽيا ۽ رام جي چپن تي

مرڪ ڏ وڙي آئي. يڪا يڪ هو گنڀير ٿي ويو ۽ هن جي دماغ ۾ پڙاڏو ٿيو، "ڪهڙو نظام آهي؟ ڪو ڪليءَ دل سان صرف چرچو مسخري به نٿو ڪري سگهي!"

هن ٿورو اڳيرو وڌي دريءَ مان ٻاهر ڏانهن نهاريو. ڪجهه پل لاءِ هن کي ڪجهه به اسٽريٽ نظر آيو.

"شايد چنبيلي ۽ پريمي آهن،" هن سوچيو ۽ هن جي دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي.

هن ٻه چار قدم اڳتي وڌايا ته هن جي ڪنن تي چنبيليءَ جو آواز پيو، "ماسٽر اسانجي طرف ٿو اچي. گهڻو ڏسندو ته ستي لاهي ڇڏيندو. مان ته وڃانءِ ٿي."

رام ڏٺو – پريميءَ، چنبيليءَ کي ٻانهن کان وٺي وهاريو ۽ چيو، "هن گانڌيءَ کي اسان وٽ اچڻ جي همت ئي ڪا نه ٿيندي. هو پاڻ کان پاڻهي ئي واٽ وٺي هليو ويندو."

رام، سچ پچ، ڪن لاءِ، ڇمي بيهي ويو ۽ هيڪي موٽي وڃڻ يا پراڻي گهوٽ طرف وڃڻ جو ويچار آيو. پر هيٺيا قدم پٺتي موٽن يا ساڄي وڃن، تنهن کان اڳ هن پنهنجو ارادو بدلائڻ ڪري ورتو.

هو پل ۾ چڙهڻ لڳو. چنبيلي ان وچ ۾ پريميءَ کان پاڻ ڇڏائي ٻئي پاسي ڏانهن ڊوڙڻ لڳي هئي. پريمي بي پرواهه بڻجي، پنهنجون ٽنگون ٽڪائي لئين ليزيءَ سان لوڏي رهي هئي.

رام ڪجهه وقت بيٺو ۽ پوءِ چنبيليءَ واري جاءِ ڏي

ويٺي رهيو.

پريميءَ ڪنڌ کي لوڏي، پيشانيءَ تي ٺڙي آيل وارن کي مٿي ڪيو ۽ ڳاٽ مٿيرو جهلي پراڻي ڳوٺ طرف ڏسندي رهي.

رام پنهنجي جواب ڏيندڙ طاقت کي جمع ڪيو ۽ ڇهريل آواز ۾ پڇيو، "خوش نه آهين؟..."

پريميءَ اکين ۽ ڪنڌ کي ڦيرائڻ ڏاران پڇيو، "مونکي پرچائڻ آيو آهين؟"

رام سوال جو ڪو جواب نه ڏنو، هن جو هٿ پڪڙي ورتو.

پريميءَ شوخ نگاهن سان رام ڏانهن ڏٺو ۽ خشڪ آواز ۾ چيو، "منهنجو هٿ وري ڇو پڪڙيو اٿيئي؟" هن هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش بلڪل ڪانه ڪئي.

رام پڻ هٿ سان هن جي هٿ تي ٺڪڪيون هڻندي جذباتي آواز ۾ چيو، "مان هاڻ هرگز تنهنجو هٿ نه ڇڏيندس..."

"اڙي، لوڙهه سان مغز ڏاري ڇڏيندءِ،" پريميءَ اکيون ڦرڙائي خشڪ آواز ۾ چيو ۽ پوءِ هڪ عجيب ٽهڪ ڏنو.

رام مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "مونکي پرواهه ناهي."

پريميءَ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو، "پوءِ اِن ڏينهن تو منهنجو هٿ ڇڏي ڇو ڏنو؟"

رام جي دل پڪاريو، ”مان شرمسار آهيان.“ پر هن جي زبان آلاپيو، ”ڪانڊو جو هوس.“ رام جي چپن تي مرڪ ناچ نچڻ لڳي.

پريميءَ پيار ڀري نئولي ڪندي چيو، ”هاڻ تون بهادر ٿي ويو آهين! اُهي جي هڪ لوڙهه جهلي سگهندين؟ ڪلاب دادا جي هڪ مڪ سهي سگهندين؟...“

رام جذباتي نـوع ۾ چيو، ”تون مون سان آهين نه مان تنهنجي ستيءَ ۽ نئين پراڻي ڳوٺ جي ماڻهن جا وڏا ڌڙڪا... سڀ ڪجهه سهڻ جي همت رکان ٿو.“

”ڏاڍو دلاور آهين! مان قربي وڃانءَ نه؟“ پريميءَ ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ پـوءِ هن جي همٿ کي زور ڏيندي چيائين، ”مٺهن نه گهٻراءِ. بازيگر چوري وچن جي پڪي ٿيندي آهي. هاڻي، ڪل به ڪٽي!“

رام مرڪي چيو، ”تون ڏاڍي سٺي آهين.“

پريميءَ ڪلي چيو، ”اڄ مون وهتولي ڪونهي. ڪپڙا به مرض پيا اٿم...“ پوءِ نهايت گمڀير ٿي چيائين، ”مون پڻ به شروع ڪيو آهي... تون جو مونکي ڇڏي وئين.“

پوين لفظن ۽ انهن جي چوڻ جي نوع رام جي ويڪ کي پڪا پڪ بيدار ڪري ڇڏيو. ويڪ ڦٽڪار وجهندي چيو، ”تون ڀ ر پـوڪ هجڻ دانسواءِ هڇارو به آهين. پريميءَ جي ارادن، اُمنگن ۽ مسرتن جو قاتل!...“

پريمي، هن جي گمڀير چهري تي نظرون وجهي، محڪم ارادي سان چيو، ”هاڻ مان وري نه پنديس.

پل اُبو، ۽ اڌ ڪري وڃهي.“

رام جي وويڪ جو آواز رام جي ذهن ۾ بلند ٿيو، ”توکي پنهنجي لاءِ روزگار جو بندوبست ڪرڻ سان گڏ پريميءَ لاءِ ۽ ڪا عزت واري ڪرت ڳولهڻي پوندي...“

اُچانڪ پريمي اُٿي کڙي ٿي ۽ پاڻ سان گڏ رام کي اُٿاريائين. پريميءَ هٿڙي هٿ کي چپي ڏيندي چيو، ”هل، سونهينءَ جو ڪنارو ڏيئي ڏ، منهين ڏانهن تا هلون. هت اُبو يا ٻنيءَ جو پيو ڪو جيئُ اُسي سگهيئو.“

”ڇو چين ٿي؟“

”پنهنجي لاءِ ڏ. منهنجي پٽي شاهد آهي ته مان اڪڻ جهلي سگهندي آهيان. مونکي گُٽتي لنهنجي آهي. تون اُبي جو هڪ اڪڻ ڪاٿي بيهوش ٿي ويندين.“

پريميءَ جو ٽهڪ فضا ۾ گونجيو. هوءَ رام کي ڇڪيندي، در ٻيلي مائٽر جي ڪنڌي ٿي، پراڻي ڳوٺ جي اُبتي پاسي ڇڪيندي وئي.

رام پڇيو، ”منکوءَ توکي ڳهڻي مار ڏني؟“

پريميءَ بي پرواهيءَ سان چيو، ”هن، شاهه هتان جيڪا مار کاڌي، تنهنجو پيڻو ٽيڻو بدلو مون کان چڪائي ورتو. هاڻ، مون ٻي هٿ هلائي ته مان تو وٽ پڄي اچان.“

رام سوچڻ لڳو، ”هيڏي سهن شڪتي، هيڏي معصوميت، هيڏو وشواس...“

پريميءَ اچا به وڌيڪ معصوميت مان پڇيو، ”وڏا، ننڍا ن ڪي به ساھوڪار، گريبن ڪي ستائن ڇو ٿا؟“

رام چيو، ”شاھوڪار ۽ غريب ڇو. پنهنجي ڇھن ڏينهن جي ڪچهري اُچار وساري ٿي ڇڏيئہ! خير، مان وري توکي سيکاريندس.“

پريميءَ کلي چيو، ”توهان اسانجي بستيءَ ۾ قدم رکيو ته وري سنئين لڳين ٻاهر نه نڪرين...“

يڪايڪ رام گنڀير ٿي پڇيو، ”تو مون تي ڪوڙو الزام ڇو مڙهيو؟“

پريميءَ منهن مٺي ڪري پاڻ ايئن ۽ پاڻ سان گڏ رام کي بيهاري، هن جي اکين ۾ اکيون وجهي پڇيو، ”ڪهڙو؟“

”چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر. منڪوءَ، شاهه جي مار نئي ان ڪري کاڌي...“

پريمي هلڻ لڳي، رام به گڏوگڏ هلڻ لڳو.

پريميءَ چيو، ”ان ڏينهن مان حد کان وڌيڪ نراس ٿي ويئي هيس...“

”۽ ان نراسائيءَ وچون...“

”نه، منهنجي دل جي پيڙا جو، ماءُ، ڳـ، نه گهر... ڳ ها، غلط مطلب ڪڍيو. هن مون کان پڇڻ ڌاران آءُ ئي وجي چيو: ۽ آئو! شاهه وٽ ويو سگهن ڪي، ڪن ڪهاڻي آيو...“

رام جي اندر واري آلاپيو، ”ڏس هن جي سچائي

۽ پيٽ ان کي پنهنجي...“

پريميءَ جي آواز هنکي ووڙڪ جي چنبي مان آزاد ڪرائي ڇڏيو. پريمي چئي رهي هئي، ”وري نه مونکي ڇڏي نه ويندين؟“

رام کلي چيو، ”مون جهڙي گانڌوءَ ۾ اها همت وري نه ايندي. هينئر نه مان هڪ اهڙي ڪم بابت سوچي رهيو آهيان جنهن ۾ تون مان گڏ هونداسين؟“

پريميءَ کڻائيندي چيو، ”تون پڙهيل ڳڙهيل ۽ مان صحيح اچار به نه ڪري ڄاڻان، تون پٽيسي واري جو پاڻ، شاهه سائينءَ جو خاص دوست ۽ مان وڻجاري نرڙن بازيگر جي ڌيءَ- اسان گڏجي ڪم ڪهڙو ڪنداسين، ۽ ڪئن ڪنداسين؟“

رام کي وڻجاريندي چيو، ”اوهانجي بستيءَ اڳيان، وائرڪورس جي پٽي پاسي واري بني، شاهه جي آهي نه!“

”پوءِ ڇا؟“

”ڪجهه نه... هاڻي دنيا جي ڪا شڪتي اسانکي الڳ نه ڪندي.“

”سچ پچ؟“

”تنهنجو قسم...“

پريمي بود ۾ اچي ويئي. هوءِ پاڻهن کي پنهنجي پاڻهن سان گڏ زور سان هيٺ مٿي لوڏڻ لڳي.

(٧)

"شرم ٻوٽي!"

پريمي واقعي شرمائجي ويئي.

"ھائو، ٻڌين ٿي نه، ته تون سچ پچ شرم ٻوٽي آھين؟"

پريميءَ اکيون مٽڪائي چيو، "اونھون..."

"مرد جي ھٿن ۾ جادو آھي. ھن جي صرف ھٿ پڪڙيندي عورت جي دل ٻھار ٿي ٿي وڃي، اُھا، شرم ٻوٽيءَ جيان ٽڙي ٿي پوي، نه؟"

پريميءَ وڏو ٽھڪ ڏنو ۽ چيو، "شرم ٻوٽي ته مرد جي ھٿ لڳڻ سان ڪومائجي ويندي آھي."

ھڪ استري ٻيءَ استريءَ کان سٺو آڻ مڃڻ واري نٿي ٿئي. چنبيليءَ شرارتي لھجي ۾ چيو، "عورت عجيب شرم ٻوٽي آھي. مرد ھٿ لائيس ته ٽڙي پوي. ۽ مرد رسي وڃي ته ڪومائجي وڃي. تون به ته پنج ڇھ ڏينھن ڪومايل ڪلي ھئينءَ ۽ اڄ گلابي گل بڻجي پيئي آھين!"

پريمي وري شرم وچان جھون رنگ ٿي ويئي.

چنبيليءَ چڙولتا سان چيو، "ڪٿن، عجب شرم ٻوٽي آھين نه! منھنجي ھٿ لڳڻ کان اڳ، صرف منھنجي اکيان اچڻ ٿي ٻوٽجڻ لڳي آھين مان ھٿ لائيندي سانءَ ته بلڪل ڪومائجي ويندينءَ. شايد، نه ڪومائجينءَ ماستر جي ياد ساڻ ڪٽي آھين نه، ٿڌھن ڪري."

پريميءَ ھن جو ھٿ پڪڙي چيو، "گھڻي جي

سامهون لون ۽...“

چنبيلي شرمائڻ لڳي پر فورا پاڻ سنڀالي جوابي حملو ڪيائين، ”اڄ ته لون نهيدين، نه؟ ٻستي وري جهومڻ لڳندي. مان ماستر کي ماڻهو ٿي مڃان. مان ٻڌڙاڪ وجائڻ سيکاريندس. لو جهڙيءَ سکيءَ جي سانگي مان اينتري همت ضرور ڪندس. هو وڏن شهرن مان ٿي آيو آهي. راڳ ته ايندو ٿي هوندس، نه؟ هو ٻڌڙاڪ وجائيندو، راڳ ڳائيندو ۽ لون نهيدين. ڪهڙو نه مزو ٿيندو!“ هوءَ تاڙيون وجائڻ لڳي.

پريميءَ کلي چيو، ”راڳ ۽ ناچ کان اڳ ئي، هان؟“

”لون نهيدينءَ نه؟“

”ضرور. لو جهڙيءَ سکيءَ کي ناراض ڪندس؟“

”ماستر کي ماڻهو مڃان نه؟“

”نه. مدهنجا قدم لڙ ڪڙائڻ لڳندا هنجي سامهون...“

”آهين نه، شرم ٿوئي؟ ڇو...“

”شايد.“ پريمي هڪ دفعو وري شرمائجڻ لڳي.

... ... ... ...

شاهه ۽ فيض محمد کي، رام کي گهرائڻ لاءِ، ماڻهو موڪلڻ جي ضرورت نه پيئي. هو پاڻ کان پاڻهي شاهه جي اوطاق اندر پهچي آيو.

شاهه رام جي دل جي خوشي هن جي چهري مان پاڻهي وڙلي. چيائين، ”نوڪريءَ جو ڪو انتظار ٿيو

آهي، ڪٿي؟“

رام خالي موڙي تي ويهي چيو، ”اڃا نه ٿيو آهي.“

شاهه پڇيو، ”پوءِ تنهنجي خوشيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

جواب فيض محمد ڏنو، ”ممڪن آهي، پر محبتي دلين جي غلطفهمي دور ٿي ويئي هجي.“

رام جو منهن ڪنهن حد تائين ڳاڙهو ٿي ويو.

شاهه ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ”خشڪ هاري حقدار به محبت جا داءُ پيچ جاڻي ٿو.“

فيض محمد مرڪي چيو، ”هاري حقدار انساني جذبن ۽ امنگن جا پارکو آهن...“

رام سنجيدگيءَ سان چيو، ”منهنجي پنڌ ختم ٿي آهي. مان پاڻ ڪي، تنهن ڪري هلڪو پيو پانيان.“

شاهه پڇيو، ”ڪهڙي پنڌ؟“

رام ٿهائين گنڀير تا سان وراڻيو، ”منهنجي سامهون منزل صاف هئي، پر راهه صاف نه هئي. اڄ...“

شاهه مرڪي چيو، ”ٺيڪ آهي؛ پلي پلي جاڻ آئي سا به نه پلي.“

فيض محمد چيو، ”آدرشي مقصد هوندي ڪا آدرش پسند راهه...“

”آدرشيءَ نه آدرشيءَ جو فيصلو ٿولي آهي،“ رام محڪم ارادي سان چيو، ”مون تنهنجي نقش قدمن تي هلڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

شاهه ۽ فيض محمد- ٻئي، عجب وچان رام جو چهرو تڪيندا رهيا. شاهه جي اوطاق جي ايوان ۾ ڪجهه وقت خاموشي طاري رهي.

ماٺ جي مهر شاهه کولي. چيائين، ”صبحان الله! هڪ هاري حقدار وڏيرو...“

رام اچا ۾ وڏيرڪ ڏي تا سان چيو، ”هاري حقدار جو نعرو بلند ڪرڻ کان اڳ مان هاري ٻڇي رهيو آهيان.“

شاهه جي زبان مان بي اختيار نڪري ويو، ”هاري!“

فيض محمد جي دل ۾ هڪ اميد ايري ٿي، اها يڪا يڪ پست ٿي ويئي. نراسائيءَ واري نوع ۾ چيائين، ”اهائي آدرش پسندي، اهوئي گانڌي مارڳ. منهنجا دوست! هاري حقدار جو نعرو بلند ڪرڻ جو مطلب اهو نه آهي ته هاري ٻڇي وڃي، پنهنجن هٿن سان هر هلائي، پوک ڪري. منهنجي نظر ۾ سڀني هاري حقدار لاءِ صرف اهو لازمي آهي ته هو پنهنجي قسمت هارين سان گڏيل ڇڏي، هنن سان سندن ڏک سک ۾ هم شريڪ ٿئي. ۽... ۽ سائين سندن بهتر زندگيءَ لاءِ جدوجهد ۾ پاڻهن پيلي تي بيهي. پڙهيل ڳڙهيل، دماغي طور ۽ عملي طرح هارين ۽ پورهيتن سان ساٿ ڏين ته ڪافي آهي.“

رام آهستي، مگر ڏي تا سان پڇيو، ”هارين سان گڏ هاري ٻڇي وڃڻ ۾ هرج نه آهي؟“

فيض محمد وراڻيو، ”هرج ڪونهي، ساڳئي وقت ضرورت به ڪانهي. تون پنهنجي علم ۽ عقل سان هارين جي جماعتبندي ۽ زميندارن خلاف هلچل ۾ حمايتي ٿي، ڪا به ڪي وڏيڪ هٿي ڏئي سگهندين. تنهنجو ڇا خيال آهي، شاهه صاحب؟“

”ٻئي عالم عاقل آهيو،“ ”شاهه مرڪي چيو، ”مان بلڪل ئي طرفدار آهيان. اوهان هڪ ٻئي کي سمجهائي سرچائي سگهو ٿا..“

رام چيو، ”مان سمجهانٿو ته مان هاريو ڪندي به علم ۽ عقل سلامت رکي سگهندس. منهنجو علم ۽ عقل تنهنجي ڪتب ايندو ته مان پاڻکي خوش قسمت سمجهندس.“

شاهه، فيض محمد کي چيو، ”باقي ڇا ڪهڻي؟“ پوءِ گهيرو ٿي رام کي چيائين، ”اڄ، جڏهن به اچي، ممڪن آهي، هارين کي ٻارن جو ڪين ڪري سمجهندو هجين. ڪيتي ڪرڻ، مکڻ جي شيءِ پڇائڻي آهي. توهن سکن جو پاليل، هارين جا ڏجها سهي نه سگهندين...“

رام چيو، ”شاهه صاحب، مون مس مس پنهنجي جيوت جو عملي مارڳ چونڊيو آهي. شروعات ۾ ئي دل شڪستو نه ڪريو. اوهان ٻنهي کي ته منهنجي حمايت ڪرڻ کپي. اوهان، هيڪاري، منهنجي ارادي جي ڪمر ٽوڙڻ لاءِ سندرو ٻڌي ويٺا آهيو.“

فيض محمد سنجيدگيءَ سان چيو، ”منهنجي ٻاري

۾ غلط فهميءَ جو شڪار نہ ٿيءُ. منهنجو مطلب تنوڪي دلشڪستہ ڪرڻ جو هرگز آهي. البت، مان آدرش پسند نظريہ مٿان حقيقت پسند نظريہ کي ترجيح تو ڏيان. ان جو بہ سبب آهي. آدرش پسندي گهڻو تڻو تنوس حقيقتن کي نظر انداز ڪري ٿي وهندي ڀنهن ڪري اها چئن ڏينهن جو چتڪوئي رهجي ويندي آهي. هارين جي حمايت لاءِ هاري بڻجي وڃڻ لاشڪ اعليٰ آدرشي جذبو آهي، پر تون اُن تي يا عمر عمل ڪندو وهندين، ان ۾ مونکي گهڻو شڪ آهي."

"مان ان تي عمل ڪري ڏيکاريان تہ؟" رام پڇيو.

فيض محمد ورايو، "مان خوش تہ ٿيندس ٿي، گڏو گڏ تنهنجي راهہ عمل کي داد بہ ڏيندس."

شاهہ فضا کي نمڪين ڪرڻ جي ارادي سان چيو، "اهو ڪهڙو 'خوش قسمت' زميندار آهي جنهن جي ٻنين تي اکـ، وڌي اٿيئي؟"

رام چيو، "بازيگرن جي بستيءَ اڳيان، واٽر ڪورس جي پيءَ پر اوهانجي ٻني آهي نہ؟..."

فيض محمد کلي چيو، "مون اڳيئي چاتو ٿي، اهو خوش قسمت شاهہ علي اڪبر کان سواءِ ٻيو ڪو ٿي نٿو سگهي."

"مان جيڪر خوشيءَ سان اهو ممتاز مرتبو قبول فرمايان،" شاهہ چيو، "ليڪن حقيقت اها آهي تہ منهنجي والد مرحوم اها ٻني مکي ٻولو مل وٽ گهر رکي هئي. مون

نہ اھا ڇڏائي آھي، نہ وري ويـاج ئي پريو آھي. ان ۾ کيتي ڪرڻ کان اڳ مکيءَ کان پڇڻو پوندو."

فيض محمد چيو، "۽ مکي اهڙي اجـازت رام جي حالت ۾ نہ ڏيندو، خاص ڪري ڪالھوڪي واقـع کانپوءِ."

شاهہ چيو، "مان تو لکي واھہ جي ٻئي پر واري ٻنين مان هڪ نمبر رام کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. بازيگرن جي بستيءَ جي سامهون واري ٻنيءَ ۾ بـازيگر سدائين پيا کونس ڪندا. اُن پڇمدو نہ راڄو واھہ ٻـرو ڏيئي ويندا..."

رام شاهہ کي اڌ ۾ ڪٽي چيو، "مان بـازيگرن جي بستيءَ واري ٻنيءَ ۾ ئي کيتي ڪندس. مان ان ۾ پاڻ سان گڏ بازيگرن کي بہ رنيائيندس. ايمانداريءَ جي پورهئي ملڻ بعد، بازيگر گناهہ پري جيوت کان ڪنارو ڪندا، اها مونکي پڪ آهي."

فيض محمد، اُساھت تي، جـذبي ۾ اچي، چيو، "سچ پچ تو صحيح راهہ پڪڙي تي ڏسجي. سنڌ ۾ ڪو آبرينو طريقي لي کيتي ڪرڻ جي اصـول کي، تنهجو اهو تجربو واقعي اوچ ڏيندو. مان توسان هـر ممڪن طريقي سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. شاهہ صاحب، تون بہ دل مـن نہ هڻ. ان ٻنيءَ جو قبضو نہ رام کي ڏيئي ڇڏ. مکيءَ جي اعتراض ۽ رڪاوٽن کي پوءِ ڏسي وٺنداسين."

يقينا اڳتي قدم، خاص ڪري جڏهن اهو قدم صحيح راهه تي اڳتي وڌڻ وارو آهي."

شاهه ڪي قدر ڏکوئل آواز ۾ چيو، "دوستو، مان پنهنجي وس آهر اوهانجي مدد ڪندس ٿي. اوهان صحيح راهه تي آهيو، اها به خاطري اٿم ۽ پوءِ به نجاڻا وسوسن پري دل بار بار مونکي انهن تي چوي ته مان اوهان جي حمايت ڪرڻ سان اوهانکي هيڪاري وڌيڪ بوهي ۾ وجهندو ٿو وڃان."

فيض محمد محڪم ارادي سان چيو، "شاهه صاحب، اهو تنهنجو وهم آهي. اسانکي ته چاهي ٿو جي سچيءَ ترقي پسند تحريڪ کي تنهنجي همدرديءَ ۽ حمايت جو قدر آهي. پر اها ڳالهه صحيح نه ٿي ٿي سگهي ته تون مدد نه ڪندين ته اسان پنهنجي اپنايل ڪم ڇڏي ڇانئين وانگ ٿان هٽي ويندا سين. منهنجي ٻاري ۾، مان ائين سمجهان، ته تنهنجي دل ڪڏهن اهڙي شاهدي پري هوندي. اڄ ته رام به مڪمل ريمت شيخ تي ويو آهي. هاڻ، هنجي مڪمل تبديليءَ جي عزت افزائي ڪرڻ لاءِ مرغي ته کاراءِ."

شاهه عثمان کي سڏي پڇيو، "حويليءَ ۾ ترڪاري ڪهڙي تيار ٿي آهي؟"

عثمان ورائيو، "ٻوڙ..."

"ٻوڙ ته هوندو ئي، ٻڪريءَ جو آهي يا..."

"سائين، ماڇين وٽان سبز مرغي آندي هيم."

فيض محمد چيو، ”تنهنجا ٻيا جيٽن، عثمان ...“

عثمان مرڪي چيو، ”مون اڃا شادي ئي نہ ڪئي آهي.“

”دلجاءِ ڪر، ميان!“ شاهہ چيو، ”فيضو لوڪي ڪا ڪلهوڙي وٺي ئي ڏيندو.“

فيضوءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”دلجاءِ ڪر. منهنجي هوندي تنهنجو ڏڙ ڏڪا ئي نہ ڪائيندو.“

شاهہ ٺٺوليءَ واري نوع ۾ چيو، ”عثمان جيڪڏهن گڏهہ هوندو تہ تنهنجي اِن دلجاءِ تي اعتبار ڪندو.“

عثمان چوڻ چاهيو، ”قبلا، مان ٻيو سڀ ڪجهہ ته سکهانئو، هڪ گڏهہ نہ.“ پر هنجي زبان مان نڪتو، ”قبلا، ماني آڻيان؟“

”نيڪي اور پوڇ پوڇ؟“ فيض محمد چيو. پوءِ شاهہ ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”جاڙي هٽڻ سان بہ شايد بک ۾ اضافو تو ٿئي.“

*　　　*　　　*　　　*

روٽي کائي ٽيئي دوست ٽنگون ساهڻ لاءِ اوطاق کان ٻاهر نڪتا.

شاهہ پڇيو، ”ونجوني راند ڏسڻ هلون؟“

فيض محمد وراڻيو، ”اڄوڪو ڏينهن مبارڪ آهي. هلو تہ راڳ ٻڌون ۽ ناچ ڏسون.“

رام اُنساهہ ۾ اچي چيو، ”ٻازيگرن جي بستيءَ ۾!“ اُنيئي اُنساهہ رهنڌ لهجي ۾چيائين،” اُني ڏيہ تي ويندي.

آمان اوسيڙي ۾..."

شاهه هنڪي اَڌ ۾ ڪٽي چيو، " اَمڙ جي اوسيڙي جو نٿيءَ مان اچ اونو تيو اٿيئي! بازيگرن کان ڇرڪين ٿو ته پوءِ هنن سان گڏ ڪر ڪئن ڪندين؟"

جواب فيض محمد ڏنو، " بازيگرن کان ڪو نه ڇرڪندو هوندو. هيءَ ڇرڪندو هوندو پريميءَ جي شوخ نگاهن ۽ چنچل ادائن کان." هن رام ڏانهن نهاري کلي پڇيو، " ڪئن مان ٺيڪ ٿو چوان نه؟"

رام ڪجهه نه ڪڇيو. شاهه مرڪي چيو، " دل ۾ هر ڪو، پاهران ڀڏ ٿو - محبت جون گتيون به عجيب آهن."

پوءِ ڪي قدر گنڀير ٿي چيائين، " بازيگر لوسان سات ڏيندائي ڪو نه. جن عمر وڃائي حرام جي مال همت ڪرڻ لي، تن جا هڏ حلال جي پورهئي لي هرندائي ڪو نه."

فيض محمد چيو، " شاهه صاحب، لون ان ۾ پلپل آهيو. انسان، حرام جي راهه ۽ گناهه جي وات مجبوريءَ کان شروع ڪري يا سهڻائيءَ کان اختيار ڪري پر هن ۾ ان کان بيزاريءَ جو ديبل يا اُپرپل احساس ڪڏهن نه ڪڏهن اچيوني وڃي ٿو. ممڪن آهي ته گهڻن بازيگرن ۾ اهو احساس اڃا نه اُپريو هجي، پر ۽ هنن ۾ اهو احساس ايندو ئي ڪو نه، مان اِئين مڃڻ وارو ڪين آهيان. هڪوار هنن ۾ اهو احساس پيدا ٿيو يا پيدا ڪيو ويو ته هنن جي رڳن ۾ نئون خون وري ايندو ۽ هو گهڻن

هوندو هو.

رٽائرڊ هيڊ منشيءَ، مسٽر لولو مل هن ڳالهه ڪي پري کان ايندو ڏسي چيو، "دنيا جا ٽي (ستالن، روز ويلٽ ۽ چرچل) جنگ، هلندي، امن امان قائم رکڻ جي ڳالهه ۾ ملندا هئا ۽ جنگ جاري رکڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪندا هئا، هي ٻه ٽي ٻڪوڙن به سماجي بهتريءَ جي ڳالهه ۾ ٽي جي شانتي نشت ڪرڻ لئي ڪمر ڪشي بيٺا آهن..."

رٽائرڊ سروير، مسٽر شوڪتراءِ هيڪ اڏ ۾ ڪئي چيو، "دائمي صلح کان اڳ، مولمار لڙائيءَ جي ضرورت آهي..."

رٽائرڊ انڪم ٽيڪس اگزامنر، مسٽر هيرانيءَ چيو، "شاهه، فيض محمد ڪي هشي ڏني آهي نه ته قاضيءَ جي پٽ جي چا مجال جو زميندارن ۽ سرڪاري عملدارن سان سيٺو ساهي؟..."

لولو مل چيو، "ڏهه شاهه ڪٺي فيضوءَ جي حمايت ڪن پر سرڪاري عملدارن سان سيٺو ساهڻ جو نتيجو يا جيل يا دائمي تڪليف..."

رٽائرڊ ٻي ڪميشيءَ، مسٽر ٽاراچند چيو، "فيض محمد ربّ آهي. هو جيل ويندو، تڪليفون سهندو پر... "

هن ڳالهه کان پاڻهي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

ٽه ٻاري واجهو اچي ويٺي هئي. سڀ اٿي بيٺا.

هيرانيءَ چيو، "شاهه صاحب! اچو، وهو..."

شاهه پنهنجن سائين کي چيو، ” اوهان هلندا ٿيو. مان بہ چئن منٽن ۾ اچي ٿو گڏجان ٿو.“

فيض محمد ۽ رام چپ چاپ ڪجهہ اڳيرو وڌي ويا. پوءِ فيض محمد چيو، ”مان هڪ ڳالهہ پڇان؟ تو اڳهرو ون چيو، ’ منهنجي پڊلر اچ ختم ٿي آهي.‘ اچ ڇا تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو خاص واقعو ٿيو آهي؟“

” تنهنجي نظر ۾ ’ خاص واقعو‘ ڪهڙو ٿي سگهيٿو، ان بابت مان ڪنهن ٿو چئي سگهان. اها ڳالهہ، جنهن منهنجي زندگيءَ کي موڙيو آهي، سا جيڪڏهن تنهنجي لاءِ خاص واقعو آهي تہ اچ بہ خاص واقعا ٿيا آهن. پهريون آهي، منهنجي پيءُ جي خط جو منهنجي نظرن مان لنگهي دل دماغ کي حرڪت ۾ آڻڻ جو واقعو...“

”هن اهڙي ڪهڙي ڳالهہ لکي جو...“

رام هنجي جملي پوري ٿيڻ جو انتظار نہ ڪري، وچ ۾ ئي چيو، ” انهن تہ هن مون لاءِ اسيمبلي ممبر ٿيڻ جي راهہ کولي آهي. سندس چئي پٺاندر هلندي، وقتي مان وزير بہ ٿيڻ وڃان. گڏو گڏ، هن توکي ضلع جي أمن أمان جو دشمن سڏيو آهي ۽ ڪانڊيجيءَ جي ٽرسٽيشپ جو واسطو وجهي مونکي توکان پري رهڻ جي صلاح ڏني آهي.“

فيض محمد هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ” هن آدرشواد جي اٿو هيٺ مون وٽان جو نقطو وساري ڇڏيو. هن،

توکي مون کان بدظن ڪرڻ لاءِ جلد بازي ڪئي ۽
عملي طرح توکي منهنجي طرف ڌڪي ڇڏيو. هڪ ڳالهه
ڪري ڇڳوني ٿيو...“

رام سنجيدگيءَ سان چيو، ”دادا جي خط منهنجي
دل دماغ ۾ ولوڙا ضرور وڌا ليڪن ڪو اوچتو انقلاب
ڪين آندائين. مان اڳ ۾ ئي تنهنجي ڪوشش کي عزت
جي نگاهه سان ڏسندو هوس...“

فيض محمد پنهنجي ثنا خوانيءَ کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو.
پڇيائين، ”اڄ بيو ڪهڙو واقعو ٿيو؟“

رام جي دل چيو،”تون محبت کي ايتري اهميت ئي
ڪانه ڏيندو هوندين؟ پوءِ تو سان ذڪر ڪري پاڻ کي
ڪلڻ هاب چو ڪريان؟“

فيض محمد، رام کي ڪو جواب نه ڏسي وري پڇيو،
”يمن توکي اهو ڏڙڪو ته نه ڏنو يا پيٽوني جي چئي
مطابق هل يا گهر مان...“

رام هنکي اڌ ۾ ڪٽي چيو، ”پانو اهڙو جلد باز نه
آهي.“

فيض محمد، لفظن تي ڪي قدر وڌيڪ زور ڏيندي
چيو، ”لڏهن پلا ڪٿن ڪاهه تي؟ ابراهيم جي گرفتاريءَ
۾ تنهنجي دماغ کي چوٽ نه رسائي.

”ابراهيم جي گرفتاريءَ جو مون تي اثر ضرور ٿيو
پر ان مونکي موڙيو ڪونه. ايمانداري اها آهي. مان
سمجهانٿو ته مون کان گهٽو وڌيڪ، تون ابراهيم ۽ ٻين

هارين جي عملي حمايت ڪري سگهين ٿو، ڪرين ٿو پيو. مان، اڳهرون، ڪنهن بي ذاتي گهٽنا جو ذڪر ڪري رهيو هوس. تنهنجي لاءِ، شايد، ذاتي گهٽنائن کي ڪا اهميت نه هجي. پر اهي ذاتي گهٽنائون، جيڪي بهتريءَ يا بدتريءَ طرف موڙيندڙ آهن، تون ان حقيقت کان، مان سمجهان ٿو، انڪاري نه هوندين."

"ان ڳالهه سان بازيگر ڇوڪريءَ پريميءَ جو واسطو هوندو."

"جيڪي هن ۽ منهنجي بابت ٻنهي ڳوٺن ۾ افواه ڦهليل آهن، انهن ۾ ڪا صداقت ڪانهي، اهڙو وشواس گهٽ ۾ گهٽ توکي هجڻ کپي. البت، هن کي مان..."

رام هٽڪي بيهي رهيو. پوءِ همت ڪري چئي ڏنائين، "هن مون سانگي پنڻ ڇڏي ڏنو آهي. مونکي سنديس سانگي ڪجهه نه ڪرڻ کپي."

فيض محمد اول نه ڪجهه نه ڪڇيو. ٿوري دير بعد چيائين، "مان ذاتي مسئلن جي زندگي تي اثر جي اهميت کان منڪر نه آهيان. پر اهترو ضرور سمجهان ٿو ته ذاتي مسئلا ڪڏهن ڪڏهن جذباتي حل به ٻڌائيندا آهن ۽ جذبات جي اثر هيٺ فيصلا ديرپا نه هوندا آهن. اهي، اڪثر، غلط به ٿيندا آهن. تون پنهنجي ۽ پريميءَ جي روزگار بنسبت جنهن نتيجي تي پهتو آهين، اهو غلط نه نه آهي. ليڪن تون گهٽا ڏيئي ان تي سڪم رهندين، ان جو دار مدار گهٽي پاڳي ان تي آهي ته تنهنجي

جذبات ۽ خيالن وچ اَڌ پل ڪيترو وقت ٿي جٽاءُ ڪري."

رام درديلا سان چيو، "منهنجي فيصلي ۾ منهنجي دماغ جو هٿ آهي. تنهن کان سواءِ شاهه جي مدد ۽ اُن کان وڌيڪ انهيءَ رهبريءَ جو ڏيڻ هر وقت رهندو. تنهن ڪري مان ننڍو سمجهان ته ڪو منهنجو من ڦري ويندو."

شاهه هن ٻيو ٽمندي چيو، "ارادو بازيگرن جي بستيءَ ۾ هلڻ جو ڪيو هوسين، اوهان ته اڳاٽي گهوٽ جي سڙڪ ڏيو پيا هلو."

نيٺ دوست ساڄي طرف هڪ بنيءَ ۾ لڙي ويا.

... ... ...

بازيگرن جي بستيءَ جو هر رات وارو شغل پنهنجي نالي سان هوندو هو. اڄ، ان شغل ۾ رنگين شدت اچي وئي هئي...

پريميءَ جا پير زمين تي نٿي پيا. ڍولڪ جي تال تي هوءَ، هوا ۾ نچي رهي هئي. هن جي گلي جي ڪونال ٻول ۾ اچي خوشيءَ جا نغما ڳائي رهي هئي. ڏسندڙ جهومي رهيا هئا، هن جي هر ادا تي سؤ وار صدقي ٿيڻ جا ٻول ٻولي رهيا هئا. شيامون، شراب جي شيشي هوا ۾ لوڏي مستيءَ ۾ جهمر هڻي رهيو هو. ڪهنو، لب جي سهاري، هڪ ٽنگ کي ٻيءَ ٽنگ پٺيان وڪڙ ڏيئي، بيٺو هو ۽ چنبيليءَ جي ڍولڪ وڄائڻ جي فن کي دل ئي دل اندر داد ڏيئي ڪنڌ جي اوڏ سان

پريميءَ جي راڳ ۽ ناچ تي واهه واهه ڪري رهيو هو. گلاب ڏاڏاڻي ورهيه اڳ ڪنهن چوريءَ هٿ آيل پراڻي وڄي کي وڄائي، پريميءَ جي راڳ ۽ ناچ کي تال بخشڻ جي ڪوشش ڪندو، نوان نوان سر ڪڍي رهيو هو. بڏي مومل پنهنجي جيوت جي خزان ۾ پهچي وساري پريميءَ جي زندگيءَ جي بهار جي اوت ۾ پنهنجون بهارون ياد ڪري گڏگڏ ٿي رهي هئي. چنبيلي، پريميءَ جي فن ۾ وري آيل نئين قوت جي پس منظر مان واقف هجڻ ڪري، ٻولڪ نهايت ليزيءَ سان ٿي هلائي ۽ راڳ ۽ ناچ سان اڄ تال ملائڻ هن لاءِ جڻ پوءِ لڳڻ ڪٺن ٿيندو ٿي ويو.

پريميءَ جي دل جي سموري خوشي هن جي هر لفظ ۽ هر ادا ۾ سمائجي لاءِ غضب جي شدت سان سرگردان هئي.

پار گڏ گڏ ٿي ٽاڙيون وڄائي رهيا هئا. اهي ٽاڙيون لڳڙيون، اچا ۾ لڳڙيون وچنديون ٿي رهيون... اچانڪ... ڪنهن رڙ ڪري چيو، ”ماستر تو اچي...“ ٻئي چيو، ”شاهه ۾ ساڳ ائس...“

پارن جون ٽاڙيون ٻڙيون ٿي ويون. ناچ ۽ راڳ، ان کان اڳ بيهي ويو. ٻولڪ وڄندي وڄندي رکجي ويئي. چنبيليءَ، پکهر سان شل پريميءَ کي چيو، ”شرم ٻوليءَ!“

پريميءَ ٿڪل قدمن، شرميلن نمڻن ۽ ڏڙڪندڙ دل

سان پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن رخ رکيو.

شاهه بستيءَ جي ڪڙهه پاسيري ڪري چيو، "اسان رنگ ۽ سڄا آيا آهيون، هت ته رنگ ۾ ڀنگ پئجي ويو."

فيض محمد ٽوڪ ڏيندي چيو، "تنهنجي شاهي مهانگي پئجي ويئي."

رام ڌڙڪندڙ دل جي مٺڙا نيندڙ جذبن جي وڪڙ ۾ اچي ڇرڪيل آواز ۾ چيو، "پراهي اهه ته سهين."

پر بهيءَ جا قدم رکجي ويا ۽ هن ڪنڌ اڌ پاسيرو ڪيو، وري منهن ڦيري جهڪائي ڇڏيو.

رام ۾ جذبي ۾ اچي سڏ ته ڪري ويٺو پر پنهنجن دوستن جي موجودگيءَ ۾ هنڪي همت نه ٿي جو اڳتي وڌي وڃي.

شاهه، رام جي دل جي جهجهڪ جو الٽو مطلب ڪڍيو. هن رعبدار آواز ۾ چيو، "اڳتي وڌ نه. منهنجي ڪنهن جي مجال آهي جو تنهنجي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي."

سڀ بازيگر مرد، استريون ۽ ٻار اڳ ئي هرامجي ويا هئا. وير شاهه جو بلند آواز ٻڌي هنن سڀني جا ڀيڙ ڀرا ٿي ويا.

رام کي ۽ شاهه جو اهو بي وقتو رعب اڳرو لڳو. هن جي همت لهائين پست پئجي ويئي...

فيض محمد، شاهه کي ڪي چوڻ لڳي هو پر غم کائي ويو.

مجسما ٻڌجي پر يميءَ جي پنبيان هنن طرف وڌي آيا هئا. هاڻ سيڻي جا پسه سڌوان ٿيا.

گلاب دادا رکائيءَ سان چيو، "آيا آهيو ڀاڪر ٻڌڻ، پوءِ به ٿا اسان تي دباءُ وجهو."

بستيءَ جي مکيءَ چنوءَ هن کي جهڻکيندي چيو، "تون چپ رهه." پوءِ به قدم اڳتي وڌي چيائين، "پلي آيا! اسانجو سر به اوهانجي ملڪ آهي."

فيض محمد دل ئي دل ۾ چيو، "ٻڌا، ان مروت ئي ته اوهانکي منو آهي."

بستيءَ جي پنڌر ۾ بستيءَ جي سڻي ۾ سڻي کت پڌارجي ويئي، ان مٿان نئون نڪور ولڊو وڇائجي ويو ۽ کير سان ڀريل ٿي وٽا اچي ويا.

فيض محمد دٻيل آواز ۾ پرسان ويٺل رام کي چيو، "هاڻي ئي ٿا ايڏي خوشامد ڪن، شادي تي رهڻ بعد نه معلوم ڇا ڪندا؟"

شاهه سر وٺائيندي چيو، "پوءِ ته اُها جاءِ ئي نه ايندن جو ڪٽي اسانکي وهارن."

رام چيو، "هيءَ خوشامد شاهه جي صدقي ئي رهي آهي."

ٿورو پرڀرو چنبيليءَ پريميءَ کي آهستي چيو، "وڏا ڏهنگهرو ڪٽي اچان، ٻيءَ طرح تنهنجا پير زمين تي نه پوندا."

پريميءَ وڏي واڪي چيو، "جيسين شاهه اڳهر ونڪي

ڏکيءَ لاءِ پڇتاءُ نه ڪندو ليسين منهنجو موچڙو به نه نهندو."

فيض محمد، شاهه ڏانهن نهاري چيو، "پڌي توُ؟"

شاهه جو منهن اچي گهڻي ويو هو. چيائين، "اوهان منهنجي وقار آڏو اچي رهيا آهيو نه ته مان هڪ هڪ جي جو نڪ مان ور لاهي سگهان ٿو."

رام ڪٿ تان لهي پرمي ڏانهن وڌي ويو.

فيض محمد شاهه کي چيو، "هن جي جرئت ڏمر جي قابل ته نه آهي."

"تون انهن جو نه چوندين؟ تون شاهه جو نه آهين."

فيض محمد خاموش رهڻ غنيمت سمجهيو.

رام جي ويجهي اچڻ تي چنبيلي پرلي کسڪي ويئي.

رام پرميءَ کي چيو، "ڇوڪري غصو ڇڏڻو آهي ته مون سان جيئڻ پيري ڇنڊ. شاهه جي حق ۾ ڪئو لفظ نه ڪڍ."

"تون هن کي ڇو ساڻ وٺي آئين؟"

رام هلکي ٺارڻ سانگي چيو، "تو ڪين ڏٺو هو جو چيو هو ته بازيگر مونکي بکڙيا وينا آهن. مونکي بستيءَ ۾ پير پائڻ نه..."

پرمي هيڪاري گرم ٿي ويئي. هنکي اڏ ۾ ڪئي چيائين، "منهنجي هوندي ڪو توکي هٿ هلائي وجي ها؟ جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته هيجي شاهه کي اٿاهه طاقت آهي ته مان پڌائي ٿي ڇڏ يانءِ، مان ڪاڏهن ڏجهڻ

واري ڪا نہ آھيان."

منگوءَ ويھو اچي چيو، "ڳالھيون پوءِ پيا ڪجو. ھت ھو ناچ لاءِ ترسيا ويٺا آھن. پر يمي، وري گھنگھرو ٻڌ نہ."

پر يميءَ چيو، "ھن ٽولي ھت ھلايو ھو نہ. تو ڪان اھا ڳالھ ايترو جلد وسري ويئي؟"

منگوءَ ويچارو ٻڌجي چيو، "ڏيءَ، بازَ جھرڪيءَ جو ڪھڙو مقابلو؟"

پر يميءَ ڏري نوع ۾ چيو، "مان جھرڪي نہ آھيان، ٻاز يگر ڇوڪري آھيان."

مکي چدو پڏڪو نيڪ ڪندو ھن وٽ آيو. چيا ئين، "ڇوري، ھوڏ ڇڏ. بستيءَ کي رک جي ٻه ٻر ٻڌجن ڪان ٻچانٽو اتيئي لـ گھنگھرو ٻـڌ. ڪٿي آھي گھني جي چنبيلي چنبيلي؟ ھن ڇوريءَ جو اڄ اگھ ٿيو آھي. سيکھ ٿيو. ڪٿي سانين نہ بگڙي وڃي."

رام ليلا نيندي چيو، "منھنجي سانگي، بستيءَ جي صدقي - مچ ڪٽي. سيان، مـون مان سـڀ ڪسرون ڪڍي وٺج."

رام جو سانگو، بستيءَ جو صدقو!

بن چٽن منٽن بعد فضا، گھنگھرن جي بلند مگر سريلي آواز سان گونجي اٿي.

[ ٩ ]

ٻئي ڏينھن ڇڏھن دربيلي مائنو جي ڪوٺيءَ ڀل ئي

رام ۽ پريمي گڏيا. تڏهن پريميءَ هن جو هٿ پڪڙي هن کي پنهنجي پرسان وهاريندي چيو، "رام، تنهنجي شاهه صاحب جو دماغ ٺڪاڻي لڳي ويو هوندو. ڪيس چڱيءَ پر خبر پئجي ويئي هوندي ته ڳوٺ ۾ ڪو آهي سندس پرواهه نٿو ڪري."

رام خشڪ آواز ۾ ورايو، "تو، شاهه جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهائي، سٺو ڪم نه ڪيو."

پريميءَ ڀرون تاڻي چيو، "تون پنهنجي دوست جو بدر ڇو نه ڪٺندين؟ هن جا توتي لک احسان آهن. هو ڀلي خواهه مخواهه روب (رعب) ڄمائي، بستيءَ جي والن مڙسان کي ٽڪرن ريڙن کان به گهٽ سمجهي، پوءِ به هو صحيح آهي. هو امير آهي، انهيءَ ڪري هن کي بنا سبب غصي ڪرڻ جو حق آهي، باقي غريب آهن، انهيءَ ڪري هو ڀڄندا وتن. اهو آهي اوهان جو انصاف؟"

رام دل ئي دل ۾ پريميءَ کي داد ڏنو، پوءِ به زبان سان چيائين، "رام، شاهه پنهنجي چوڪ محسوس ڪري ويو هو، تو پڇتاءُ ظاهر ڪرڻ جو ذاتيان شرط وجهي هن کي مهراڻي ڇڏيو. تنهنجي ليکي، تو بستيءَ جي عزت تي رکي، پر دوراند يشي نه ڪري، بستيءَ خلاف شاهه جي دل ۾ ڪنڊ آندو. خبر اٿئي، تنهنجي رالوڪي هوڏ توکي، مونکي ۽ ساري بستيءَ کي مهانگي پوڻ واري آهي."

ڳالھ جي ڳانئي کي وڌن. شاھ لوڻي، مونتي ۽ بستيءَ لي پنھنجي دليا جي کھڙي چاھ ھڻي تي چاھي جنھنجو مون وڇاري کي ڪو موقعو ني ڪونہ ڏنو؟“

”ھيءَ غيرآباد ٻيءِ ٻيٽي آھي نہ،“ رام شاھہ جي ٻيءِ ڏالھن ھٿ سان اشارو ڪندي چيو، ”اھا اسانجي تي وڃي ھا.“

پريميءَ عجيب معصوميت سان پڇيو، ”ان جي اسانکي کھڙي ضرورت آھي؟“

رام گنڀيرتا سان چيو، ”منھنجي روزگار جو بندوبست تي وڃي ھا، نوڪي عزت واري ڪرت ملي وڃي ھا ۽ بارڪر ايمانداريءَ جو پورھيو ڪرڻ لڳن ھا.“

”تون بہ استاد آھين،“ پريميءَ مرڪندي چيو، ”تنھنجو دوست بہ ڳوٺن جو شاھہ آھي تہ تون وري اسانجي بستيءَ لاءِ شاھہ ٿيڻ ٿو چاھين. اسين ٻين ھارين وانگر تنھنجي لاءِ ڳھون ۽ تون بالم ٻڌجي اڏ ڪان وڏيڪ اَن گھر ڪٽي وڃين. الين نہ؟ مان ڪٽي لولاءِ محنت ڪنديس، سڄي بستي تو لاءِ ڇو پورھيو ڪري؟ اسانجي بستيءَ جون زالون پڻ ۽ لاڏن ڳانڍ سان ھارين ڪان وڏيڪ اَن ھٿ ڪري سگھنديون آھن...“

”۽ اوھانجا مرد ڪاٽ ھڻڻ سان گھٽو ڪي حاصل ڪندا آھن،“ رام شرارتي لھجي ۾ چيو، ”بستيءَ جا باشندا نانيءَ لاءِ ھڏ ھڻندا تہ مھٽوڪو نہ لڳندن. چري، مون پاڻ اوھان سان گڏ ھارپي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

هو. شاهه زمين ڏٺي ها نه پاڻ ڏسي اُمين ٿين ها."

"مان صدقي وڃان،" پريميءَ پيار ڀري ٽٽولي ڪندي چيو، "ڪٿي اڌ مڻ جي پٿري نٿو سگهين! تون هارين وانگر سخت محنت ڪندين؟"

"مان تنهنجي پيار خاطر شيرين جي فرهاد جيان ٽڪر ٽاڪي نه سگهندس نه گهٽ ۾ گهٽ هارپو ضرور همت ڪري سگهندس. تون پڻ ۾ هڄ سهين، مون ۾ غضب جي طاقت اچي ويندي."

"ٻڌاءِ ٻين ڪي ۽ جڏهن تون پٿري نه ڪٿي سگهيو هئين تڏهن ته مان تنهنجي پرسان پيئي هيس."

"لوسان پڇڻ، منهنجي پيٽي نه آهي. ٻليءَ شيدهن پڙهايا ڦر ٻلي ڪون ڪانوڻ آيا. توسان ٻرميچڻ لاءِ شڪتي ڪٿان آئيان؟"

"روءِ نه. مان توسان گڏهر هلا نيندس، اَن چٽيندس، پوک جي ڪات ڪندس، لا بارو وجهندس، گاهه ڳاهيندس، واڙو ڪندس..."

"بس بس، گهڻو ٿيو. ليپي لوڙڪ ۽ ڪانه سڏ ون ٿيون ٿين پالڪ ني. زمين وڃايئه، هاڻ هارپي جو ٻوراڻ پڙهڻ وڃي آهين."

"دوست کي مڃائينس ڪٿي نه. چئين نه واٽ ۾ گاهه ۽ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي تنهنجي سامهون هلي هن اکيان نمان." اليٽي چوڻ لڳي، "ڪنهن اکيان نمي منهنجو موچڙو ۽ نه. الله جو پت پيو آهي. هوءَ اهو

ساڻ ڪٿي آيو هو؟ ساڻ ڪٿي ويندو؟ جڏهن پاڻ خود پوک نٿو ڪري تڏهن هن جو اُن تي حق ئي ڇو هئڻ کپي؟ بڌاء..."

رام گد گد ٿي چيو، "فيضو تنهنجون اهـوڪيون ڳالهيون ٻڌي نہ هوند خوشيءَ وچان ڦـوليو نہ سمائي. هنجو عقيدو آهي نہ زمين اُنهيءَ هجڻ کپي جو خـود آباد ڪري."

"جائي ٿو چوي. اِهو تنهنجو دوست مونکي سٺو لڳو."

"وري ڇو. مان تنهنجي سفارش ڪريانس؟ هو بہ چڱو چانڊ آهي،" رام ٽهڪ ڏنو.

پريميءَ منهن منهن ۾ چاڙهي چيو، "وري اهڙي ڳالهہ ڪنديئن نہ مان ڀڄي وينديس. وري سڄي عمر تنهنجو منهن بہ نہ ڏسان."

"ائين نہ ڪچ. مان مري وينديس." رام ڪليو. پريميءَ جي چپن تي مرڪ ڊوڙي آئي.

اوچتو پريميءَ گنڀير ٿي چيو، "ڪـوبہ دم آهي؟ ڏاندن جو هڪ جوڙو هٿ ڪري اچ. تون مان..."

رام جون واچون ٽڙي ويون. چيائين، "سچ! تون مان شروعات ڪنداسين نہ گهڻو، شيامون ۽ ٻيا پاڻهي اچي مددگار ٿيندا. تي سگهي تو، گلاب دادا! جهڙو ماٺهو بہ گناهہ جي زندگيءَ مان تنگ اچي اسانجو همراهہ ٿئي..."

"تون اچي هڪ ڀر ڇنڪيو آهين. پوء جي ڳالهين

کي پوءِ ڏنو ويندو. اول ٻڌاءِ ته تون جوڙو ڏاندن جو آڻي سگهندين؟"

"سولائيءَ سان. فيضوءَ جي مدد سان ڏاند، هر، هارپي جو ٻيو سامان به سميت هٿ ڪرڻ ڏکيو نه ٿيندو."

"تون مون سان ٻٽ تي بيهندين؟ چڱيءَ پر دماغ هلائي جواب ڏي. مائٽن جي طعنن، پاءَ جي جهڙڪين، شاهه جي ٺڳيءَ ۽ اهڙين ٻين ڳالهين جي ڪري تون مونکي اڌ ۾ ته نه، رولي ويندين؟"

رام ڪن ساعتن لاءِ سوچ ويچار ۾ ٻڏي ويو. پوءِ چيائين، "اسانجي راهه ۾ انهن رڪاوٽن ڪانسواءِ ٻيون به دقتون به اچي سگهن ٿيون. اها زمين مکيءَ وٽ گهڻي پيل آهي. هو ڪا ڪارروائي ڪري سگهيٿو، پوليس دست اندازي ڪري سگهيٿي..."

"بس، لنهنجي. همٿ ڀڄي ويئي؟..."

رام ديوتا سان چيو، "تون همٿ جو سندرو ٻڌي، ميدان ۾ هلي، اچين ۽ مان پٺتي هٽي ويندس؟ ناممڪن. مان اڄ ئي فيضوءَ سان ڳالهائو ٿيندس. پر جيڪڏهن ڏاندن جي جوڙي ۽ ٻين ضروري شين جو بندوبست اڄ نه ڪري سگهان ته غلط مطلب نه ڪڍج. فيضو آهي گهڻو ڪمو. اڄ هتي، سڀاڻ ڪنڊياري، پر ڏهينءَ نوابشاهه... هو مان سمجهانٿو ٻن ٽن ڏينهن ۾ وري ايندو. مکيءَ ۽ سرڪاري عملدارن سان ٺڳجي هارين

خلاف منصوبو سٽيو آهي..."

" لنهنجو شاهه صاحب به ضرور هنن سان شامل هوندو..."

" راءِ ٽائين هو فيضوءَ سان هو. لوهاڻن جي بستيءَ مان نڪتاسين ته چوڻ لڳو، ' مان لوهاڻن جي حمايت ڪري انهن ۽ پنهنجي لاءِ مصيبتون وڌايان ٿو. هاري، بازيگر ۽ ٻيا گوشت ذات وارا سڌرڻ جا ٿي ناهن. هو قابل ٿيندا ته بس انهن ۽ مون سان سينو ساهڻ ۽ اسان جي عزت وٺڻ لاءِ جڳهه اڳيان نمندا ۽ اسان مٿان اچي پوندا. هنن ۾ ڪا تُوم هجي ها ته پاڻ کان پاڻهي پنهنجي ترقيءَ جي راهه نه ڪولي وجهن ها؟ وغيره وغيره. هاڻ هو هارين ۽ زميندارن، هيٺين ۽ ڏاين جي لڙائيءَ ۾ ٻي طرفدار ٿي تماشو ڏسندو."

" چڱو دوست آهي، لنهنجو فيضو به اڳي پوءِ ڪنارو ڪري ويندو..."

" هو ٻيءَ مٽيءَ مان ٺهيل آهي. هن پنهنجي قسمت هيٺين ۽ هارين سان ڳنڍي ڇڏي آهي. هو هنن سان گڏ يا سوڀ حاصل ڪندو يا موت منجهي ويندو."

اُن وقت موچي موليڏنو پل ٽان منهن ٻئي پاسي ڪيو لنگهي ويو ۽ دربيلي ماڻهو جي ٻئي طرف لهڻ لڳو. هن هڪ پتر ٽان ٽاٻو ڪاڏو.

رام رڙ ڪري چيو، " موليڏنا، ذرا ترسجانءِ..."

موليڏني پاڻ سنڀاليندي پنيان نهارڻ ڏاران چيو،

"ديوان، جهاڪا اسان غريبن لاءِ آهن."

پريميءَ چيو، "مٺو، چوي سچ ٿو..."

"اچ جو سچ!" رام چيو، "سپاٽي، اهو سچ نه هوندو. سپاٽي... ۽ اهو سپاٽي ڪڏهن نه ڪڏهن اوس ايندو... نه ڪو غريب هوندو نه امير، نه ظالم هوندو نه مظلوم، نه اوچ ذات جو هوندو نه نيچ ذات جو ۽ جهاڪا ڪنهن لاءِ به نه رهندا..." هو يڪ ٽڪ در ٻيلي ماڻهر جي پاڻيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو.

پريميءَ هنڪي ڏونڌاڙيندي چيو، "ڪهڙو سپنو ڏسي رهيو آهين؟"

رام گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، "مان واقعي سپنو ڏسي رهيو آهيان. اهو سپنو نه، جو سچو نه ٿيندو آهي. منهنجو سپنو ساڀيا ٿي ٿي رهندو. تون مان گڏجي هر ٿي نه هلائيندا سين، هٿ هٿ ۾ ڏيئي ترقيءَ جي راهه تي منزلن پٺيان منزلون طيءِ ڪندا رهنداسين. تڪليفون اينديون، نه ڇا؟ آپدائون اينديون، نه ڇا؟ اسان ٻلنديون، اڃا به اُتاهيون ٻلنديون ڪي ڇهندا وينداسين، اُنهن ٻلنديون اڳيان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ جو ڇا، وزيريءَ جو به ڪو مقابلو ٿي نه سگهندو."

پريميءَ اکين ۾ شرارت ڀري چيو، "مان وچ وات ۾ هٿ ڇڏائي ڪوهي ڏيئي وڃانءِ نه..."

"ڪوهي ڏيئي وينديئن؟ ڏيئي وڃانءِ نه. مان پوءِ به پنهنجي راهه تي محڪم رهندس. پر تون اهين

ڪري ئي نہ سگهندا هئاسين. مان توکي چڱيءَ ريت تہ سڃاڻان."

"چڱيءَ ريت خاڪ تہ سڃاڻين. سڃاڻون ها تہ ائين هرگز نہ چوين ها. ائين تون اعتبار (اعتبار) نہ ڪندين..."

هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ پاڻ سان گڏ رام کي بہ اٿاريائين. هوءَ هنکي ساڻ وٺي در ٻيلي مانڊ جي ڪنڌي تان هلڻ لڳي.

رام پڇيو، "ڪيڏانهن ٿا هلون؟"

هوءَ جواب نہ ڏنائي، هنکي هڪ ننڍي گهيڙ ڏانهن گهلي وئي. پوءِ پاڻ سان گڏ هنکي پڻ ٻہ وهاري ساڄي هٿ ۾ پاڻي کڻي چيائين، "مان هن جل جو قسم کڻي ٿي چوان، مان مرڻ تائين توسان وفادار رهنديس، مرڻ بعد ٻئي جنم ۾ بہ توکي ڳولهي لهنديس..."

رام کلي چيو، "ٻئي جنم ۾ بہ منهنجو سر کائينديءَ!"

"کل نہ،" پريميءَ گنڀير ٿي چيو، "هيءَ کل جي گهڙي نہ آهي. تون بہ جل جي انجلي وٺ ۽ قسم کڻ."

"تنهنجو تہ مون ۾ پورن وشواس آهي نہ،" رام زبان سان ائين چيو پر ساڄي هٿ ۾ پريميءَ کان پاڻي ورتائين. پوءِ چيائين، "مان توسان گڏ جيئندس، توسان گڏ مرندس."

رام وري ٽهڪ ڏئي چيو، "تو تہ برهمڻ کي پري ڌڪي ڇڏيو." اليٽي گنڀير ٿي چيائين، "ٻن دلين جي انسنن ۽ ٻن زندگين جي ارادن ۾ برهمڻ يا ٻئي ڪنهنکي

دخل ڏيڻ جو حق به ڪوڙو آهي."

پريميءَ گنڀير ٿي چيو، "هائو، هڪ ٻئي کان ڦري وڃون نه پڳوان وٽ حساب ڏيڻو پوندو..."

"تنهنجي پڳوان وٽ حساب ڏيڻو پوندو، تنهنجي پڪ ڪانهي. باقي اِها سورنهن آنا خاطري آهي نه هڪ ٻئي کان ڦرنداسين نه وويڪ، اندر وارو، سک نه ڏيندو."

پريمي ٻانولي ٿي پيئي. مرڪندي سريلي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين:

رک صندليءَ تي پير، منهنجا مور لاڏا...

[ ١٠ ]

ٿن ڏينهن ڪانپوءِ...

فيضو وري ڏيري ۾ اچي داخل ٿيو. هو هن پيري شاهه جي اوطاق تي نه، ڪمال جلباڻيءَ جي گهر مقيم ٿيو ۽ اتان ئي ماڻهو منجهي رام کي پاڻ وٽ گهرايائين.

رام ايندي شرط چيو، "تون هتي لٿو آهين، علي اڪبر کي دل ۾ ڇيندو."

"مان هن وٽ لهي، سندس لاءِ وڌيڪ تڪليف پيدا ڪرڻ نه ٿو چاهيان. منهنجي راهه الڳ آهي، هنجي الڳ. صرف دوستيءَ جي سانگي گهڻو وقت همراهه ٿي هلي نٿو سگهجي. اتان ميها دا ڪيا ميلا؟ هن اڳ، منهنجي جيڪا حمايت ڪئي آهي تنهنلاءِ مرنکي سچيءَ دل سان قدر آهي پر مان غلط اثر هيٺ

هوس. مون سمجهو هو ته هن جي منهنجي ڪم سان سچي همدردي ٿيڻ لڳي آهي پر اُن ڏينهن صفا ظاهر ٿي پيو ته هو صرف دوستيءَ جو ننگ نباهي رهيو آهي. نه ته بازيگر ڇوڪريءَ جي جرئت ۽ خودداريءَ تي ٻڌڻ نه ٿي ها. مان ان جرئت ۽ خودداريءَ لـئي فخر وچان ڦوليو نـه پيو سمايان. مان دل سان توکي مبارڪون ٿو ڏيان. هن ۾ اها جرئت ۽ خودداري پيدا ڪرڻ ۾ توهانجو گهڻو هٿ نه هوندو."

"هوءَ هاڻ ته هيڪاري وڌيڪ جرئت واري ٿي ويئي آهي. شاهه جي مخالفت جي باوجود هوءَ ان زمين ۾ مون سان گڏ هر هلائڻ لاءِ تيار ٿي ويئي آهي. لـون ڏاندن جو جوڙو ۽ هر هٿ ڪري نه."

"ڏاندن جا جوڙا ۽ هر ڪيترا هٿ ڪري سگهجن ٿا. مونکي پيو ڊپ آهي. توهانجي محبت جي اثر هيٺ، جذبات وس ڪيل هنجو فيصلو ديرپا نه رهندو. پوءِ هنجي ڪم - همتي توکي به نه پنهنجي گرفت ۾ وڪوڙي وجي..."

"اڙي نه. هنجا سياڻپ جا بول تو نه ٻڌا آهن. مان پاڻ حيران آهيان ته هن طبقيوار سماج بنسبت هنکي اها چٽي شناس ڪٿان ملي؟"

اها ناممڪن نه آهي. جيڪي غريبيءَ، محتاجيءَ ۽ ذلت جي زندگي گهارن ٿا اهي پنهنجي شخصي آزمودي مان گهڻو ڪي پرائن ٿا. سندن ڏبيل احساسن کـي

دماغي شعور بخشجي ٿي، هو، ٿوڪان مون ڪان پڪا ٿي ويندا. ٿون مان دماغي طرح غريبن جا حامي بڻيا آهيون؛ اسين عين موقعي ٿي ڪين دغا ٻ ڏيڻي سگهون ٿا. پر اهڙا شخص ٿوڙ ٿائين ثابت قدم رهندا. هنن اڳيان، بهتر زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش، ٿنهنجي منهنجي پيٽ ۾، وڌ ۾ ڪ حقيقي، وڌ ۾ ڪ اهميت واري آهي. صبحان الله، ٿوهان ميدان ۾ ٿيو. سچي هاري لهر ۾ ڪ اوهانجي پٺ ويناهه ٿي رهندي. مان سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي صدر، ڪامريڊ قادر ڪي اچ ٿي ٿو لکان. هو، بسود ۾ اچي، ٻ وڙندو ايندو. هر هلائڻ جو افتتاح (مهورت) هُن ڪان ڪرايو ويندو. پهرئين ڏينهن، اسين ضلع جا سرگرم هاري حقدار، اوهان سان گڏ هر هلائيندا سون. ٿر جي هارين ۾ ڪهڙو نه الساهه اچي ويندو! هاري لهر ۾ ڪ جي ٿاريخ ۾ اهو ڏينهن سنگ ميل ٿي رهندو...“

رام چيو، ”ابراهيم جي ڪيس جو ڇا ٿيو؟“

”ابراهيم ۽ بين ستايلن جي عملي حمايت جو عملي روپ اِهو آهي- هارين جي جماعتبندي ۽ سندن الساهه وڌائڻ. ٿورن ڪي جان جون قربانيون ٻ ڏيڻيون پيون ٿ اهي افراد نه ويندا يون. شهيدن جو خون، اڳي پوءِ، رنگ لائيندو، منهنجا دوست!...“

... ... ... ...

عجيب نظارو هو!

دريپلي مائنر جو، ستيشن طرف وارو، ڪننو دور

رهيو آهي...“

ڪامريڊ قادر جو جذباتي آواز بلند ٿيو، ”ساٿيو، سڄي ديس جون نظرون، اڄ، هرهڪ نئين ڳوٺ جي هن ننڍي بيٺڪ ڏي کتل آهن. هتان، جا چنگاري نڪرندي، اها آگ جا شعلا بڻجي لوٽ کسوٽ، ظلم ۽ تشدد کي ناس ڪري ڇڏيندي. اسان اڳتي قدم کنيو آهي، جيستائين اسان ڪامياب نه ٿيا آهيون، تيستائين اسان پٺتي قدم نه کڻنداسين؛ چاهي اسان کي سوين تڪليفون ڏنيون وڃن، چاهي اسانجون جانيون وڙليون وڃن. انقلاب زنده باد.“

فضا ”انقلاب زنده باد“ نعري سان گونججي اٿي.

ڪامريڊ قادر هر ڪي همت لاٿو، نعرا تهائين فلڪ شگاف بڻجي پيا.

پوءِ، بازيگرن جي بستيءَ مان دهلن شرناين جو مڌر آواز شروع ٿيو ۽ فضا جي الساهه سان عجيب مسرت ۾ اچي شريڪ ٿي.

... ... ... ...

جڏهن سٽيشن ۽ دربيلي ڪمني جي وچ ۾ الساهه ۽ مسرت جي لهرن سان سرشار درياهه وهي رهيو هو، تڏهن...

شاهه، پنهنجي اوطاق ۾ پريشان دماغ ۽ مدهوشيءَ من سان پسار ڪري رهيو هو.

شيرو اوطاق اندر ڊوڙيو، پري کان ئي چوندو آيو،

”اڄ مهينم لوهانڪي. شاهه صاحب، اوهان حرفن مولڙ آهيو. ٻه دوستن کي حشي ڏيئي، اوهان سر زمين لاءِ عدم موجود رهي دنيا جي اکين ۾ ڏوڙ وجهي رهيا آهيو.“

شيوڪ موڙي لي وڃي وراڻيو چيائين، ”مان تو ٻڇان، اوهانکي اسانجي ٻڇڻ ڪانسواءِ هنن کي زمين جي قبضي ڏيڻ جو ڪهڙو حق هو؟ گروي نامي جي دستاويز ۾...“

شاهه هنکي اڌ ۾ ڪٽي چيو، ”مونکي دستاويز جي شرطن ياد ڏيارڻ جي ضرورت ڪانهي. مون هنن کي زمين جو قبضو نه ڏنو آهي.“

”هنن پاڻهي قبضو ڪيو آهي! هنن کي اهڙي مجال آهي؟“

شاهه تلخ آواز ۾ چيو، ”قبضوءَ جي جرئت کي سڄو ملڪ سڃاڻي...“

”نه هنن زوريءَ قبضو ڪيو آهي! هاڻ مان هنن سان پاڻيهي پڄندس. لوهان نه وچ ۾ نه ايندا؟“

شاهه پنهنجي ڪمت لـي وهندي خشڪ آواز ۾ چيو، ”تورا ڏينهن صبر ڪريو. مان اوهان جا پيسا وياج سميت موٽائي ڏيندس.“

”ٺيڪ آهي،“ شيوڪ نراسائيءَ سان چيو، ”لوهان دوستيءَ جي سانگي پل هنن کي سر تي چاڙهيو. پنهنجو پئسن سان ڪم. ڪڏهن ڏيندا، هفتي ڪن ۾؟“ هن

شاهه ڏانهن نهاريو.

شاهه گنڀيرتا سان چيو، ”هفتي ۾ ٻه ڏهن ڏينهن اندر پيسا ٻه ڏاماڻ ۽ ٻيو ڪو نمبر بدلي ڪري ڏيندو سائين...“

”ها، شاهه صاحب، ٻه اهڙا اسانجي ٻول ڪالهي پاڻ کي پئسا ٿي ڪهڻ.“

”چڱو... پيءُ ڪان رقم ۽ وياج جو حساب ڪتاب ونڻي اچ ٿي ڏيئي وڃج.“

”ضرور...“

”اچ ته شطرنج جي هڪ بازي کيڏيون.“

شيوڪ اٿندي چيو، ”ها، شاهه صاحب، ٻه هتان جو ملاڪڙو ڇڏي، شطرنج ۾ ڏيان ڪهاڻ آسان ٿا آهي. مونکي اي طرفداريءَ جو پونگ رچائڻو ڪولهي. ته جا سپ زميندار ۽ سرڪاري عملدار هاري حقدارن جو زور پيڙهڻ لاءِ صلاحون ڪري رهيا آهن ۽ مان هت ويهي رهان!“

”موليڏني ٿي چيو، ’همه ذايو اٿساهه آهي...‘

”هنن کي ڇا وچائڻو آهي جو خوش نه ٿيندا؟ توهان کان سواءِ ٻيا سپ زميندار مٽي ماڻڻ ٻيا مڙڻ وارا نه آهن. اسانکي ته دوستيءَ جو نمڪ نپائڻو نه آهي.“

شيوڪ اٿي ڪڙو ٿيو، چيائين، ”اسان اهڙن دوستن جي هوند حمايت نه ڪريون. اهڙن شيطانن کي اها سيکت ملڻ کپي جو عمر پر سيکائيندا وتن.“

شيوڪ هليو ويو.

شاهه، عثمان کي سڏي چيو، ”ميان، شطرنج جو بورڊ ۽ ساريون ته کڻي وٺ. ٿون مان ٿا راند ڪريون.“

”سائين، مون ڪڏهن شطرنج ڪئي ئي ڪانهي...“

”مان تو ٿوکي سيکاريان.“ پوءِ گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، ”مونکي ڊپ آهي ته اگر واندو ويٺس ته ڊوڙي وڃي ’هاري حقدارن‘ سان ملندس... هن شاهي ءَ جي وقار جي انسي کي لڳسي.“

... ... ... ...

اُن ڏينهن اڌ رات جو...

رام، ماءُ جي سڏائڻ تي، سٽيشن ٻاهران اڪيلي خيمن مان سائين کان موڪل وٺي، گهر آيو.

رام گهر اندر گهڙيو ته ماءُ رنندي اچي کيس چنبڙي.

ماءُ چيو، ”هيءَ کهڙي وات پکڙي اٿيئي؟ نوڪري نه ڪر ته نه سهين. جئن ۽ ٻاجيگرن سان ڏنڊ وڃي کڏج...“

ماءُ اچي سڏڪن ۾ چنڪي.

رام ماءُ کي ڀاڪر پائي کٽ ڏانهن وٺي ويو. هنکي پڌهجي ڀرسان وهاري، پنيءَ تي هٿ ڦيريندي چيائين، ”اَمان، مون کو پاپ جو ڪم نه ڪيو آهي.“

ماءُ سڏڪا ڀريندي چيو، ”ٿنهجو پيءُ سرڳي جيئرو هجي ها ته ٿوکي هر ڪاهڻ ڏئي ها. هيمن کسي اچي لڳي، ’نباب شاهه وٽ‘...“

”پاڻوءَ جو ڏوهه ڪونهي، نه دادا جوئي قصور آهي. درحقيقت قصور ڪنهجو به ڪونهي، امان. مون

چاڻي ٻجهي اِها راهه اپنائي آهي."

"جڳوءَ ڏاڏيءَ چيو پئي 'جميدار ۽ سرڪاري آفيسر رام کي جيل ۾ وجهندا.' ڦاجيءَ پٽ فيجو، ڪنو ڪوڙهيو..."

"امان، فيضوءَ کي چوڻي پارالا ڏنن؟ هو، اڄوڪي زماني جو وشي آهي. پراچين پارمعه جي رشين جيان ماڻهن جو ڪلياڻ ڪرڻ تو چاهي، زماني ڦرڻ ڪري هن جا ڪلياڻ ڪاري طريقا ڦريل آهن."

ماءُ جي اَڌ ۾ هردي کي ڪو سنتوش نه مليو. ڏکويل آواز ۾ چيائين، "ماءُ جي دل آهي چنڊي. ڪهڙي ماءُ چاهيندي ته هن جو پٽ وڃي هاري ٻچي، سکتيون سهي، قيد ۾ پوي؟ ٻڌاءِ..."

رام جذباتي ٿيڻ ۾ چيو، "ڪيتريون مائر آهن جي پاڻ هارپو ڪن ٿيون، پنهنجي اولاد کي هارپي جو ورثو ڇڏي وڃن ٿيون ۽ هو چاهن لوڙي نه چاهن، هين جا پٽ هارپي ڪرڻ، سختيون سهڻ لاءِ مجبور آهن، اَمان، ظالم سماج کي ڪنهن جي چاهڻ، نه چاهڻ جي رتي پر پرواهه نه آهي."

"مون مڙهيءَ جي صدقي، منهنجي موهه جي ڪالر، لون ياءُ وانگر رهه. ڏنڊو نه ڪرين ته نه ڪر، جهنجهٽن کان آجو رهه..." ماءُ وري اڇي رنڻ ۾ چڪي.

رام پابوهه سان چيو، "اَمان، توکي ڪڻ سمجهايان؟ هن سماج ۾ ڪن تورن کي ڇڏي ٻين لاءِ جيئڻ ني

جنجال آهي. آمان، لــون ٽڪاڻي ويندي آهين نہ؟ مهاڀارت جي وارتا ضرور ٻڌي هوندءِ. ڪورون- پانڊون جي لڙائي اڄ بہ جاري آهــي؛ البت ڦريل روپ ۾. ڪرشن، ارجن کي سچ ۽ انصاف جي لڙائي شروع ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي نہ! ماڻ جڏهن اڄ سچ ۽ انصاف جي فائدي ۾ لڙڻ لڳو آهيان تڏهن تون مونکي روڪڻ جي ڪوشش ڇوٿي ڪرين؟ پنهنجي پريم ۽ موهہ جو واسطو وجهي ڪمزور ڇوٿي ڪرين؟ گيتا جو گيان ياد ڪري پنهنجي پرائي جو تفاوت لهي ڇڏ..."

ماءُ پٽ وچر، جذبن ۽ دليلن جــي لڙائي هلندي رهي، ڪو ڪڙ ليل نہ نڪتو. نہ ماءُ سمجهي سگهي، نہ پٽ راهہ تان هٽڻ جو واعدو ڪيو.

ماءُ رات رئندي ڪاٽي، پٽ آئينده جي سپنن ۾ ڪوهجي ويو.

[ 11 ]

موليڏنو لڪڙيون وکــون کڻندو شاهہ جي اوطاق ڏانهن وڃي رهيو هو.

پيرومل حلوائيءَ چيو، "موليڏنا، ذرا ٻهڪي، اکيان جهاڪو اٿيئي!"

موليڏنو خاموش اڳتي وڌي ويو.

ڪومتراء پساريءَ چيو، "اڄ ڪلهہ هــن جي موج ڪر ٿي ويئي آهي..."

هيراڻيءَ چيو، "بازيگرن سان گڏ هاڻ هيءُ پٽ بہ

هارپو ڪري هليو آهي!"

سليمان ماڇيءَ چيو، "مڇُن مکڻ جو، جڏو ري ڇڏڻ جي. پيمن جي پاڻ جيان تاڙي هونداڻين ڪا بازيگر ڇوري."

جمن کاسائيءَ چيو، "رام ۽ فيض محمد مصيبت وقت پاڻ ڪيائي ويندا. پوندو بازيگرن پوڪن سان گڏ هيءَ گڏهه به کاڌي پر."

موليڏنو سهڪندو شاهه جي اوطاق اندر گهڙي ويو.

"قبلا، رام؟" موليڏنو وڌ يڪ چئي نه سگهيو.

شاهه انتظاريءَ مان پڇيو، "ڇا ٿيو آهي؟"

"بازيگرن جي بستيءَ کي پوليس گهيري ويئي آهي."

شاهه گهبرانجي چيو، "هو به نه ألي هوندو."

"هو ألي ناهي. پر پيمي‌ءَ مونکي هن کي ڪوٺڻ لاءِ موڪليو آهي."

شاهه پڇيو، "اڄ ڏيهن ڪهڙو آهي؟" جواب به پاڻ ڏنائين، "بڌر. مکيءَ سان مون جيڪو واعدو ڪيو آهي تنهن جي پوري ٿيڻ پر اڃا ڏينهن پيا آهن. مکيءَ ۽ هن جي طرفدارن کي ايترو صبر..."

"سائين، رام ڪٿي هوندو؟ گهر؟"

"جيڪڏهن فيضو هت آيل هوندو ته ٻئي ڪمال جلباڻيءَ وٽ هوندا!"

موليڏنو آيو هو ته ڏهن به شاهه کي پيرين نه پيو هو، ويو ته ڏهن به اورانگهي ويو.

شاهه جو ڏيان ه اُن ني اد ني ۽ ڏانهن نه ويو.

ڪمال جلباڻي ۽ جي گهر پهچي جڏهن ٻنهي دوستن کي هن بد خبر ٻڌائي تڏهن ٻئي هڪدم اُٿي کڙا ٿيا.

رام، فيض محمد کي ٻانهن کان وٺي وهارڻ جي ڪوشش، ڪندي چيو، ”تون همت نه ڪر. مان اڪيلو ئي ويندس.“

فيض محمد چيو، ”تون خطري ڏانهن ڌوڪي وڃين ۽ مان همت ويٺو رهان؟“

”ها، هاري تحريڪ جي پلاڻي ۽ جي اها تقاضا آهي. مان جهلجي ويس ته سانگو ناهي. تون ٻاهر رهندين ته ڪم ٿيندو رهندو.“

رام ٿورو اڳتي وڌي وري موٽي آيو. چيائين، ”شايد اسان ٻنهي لاءِ وارنٽ اڳ ۾ ئي تيار هجن. تون هتا دير هتان نڪري وڃ. تحريڪ جي پلي لاءِ زير زمين رهڻ جي ڪوشش ڪج.“

واٽ تي رام موليڏني کان پڇيو، ”پر پمي هراسيل ته نه ٿي ڏني؟“

موليڏني ورايو، ”ديوان، تون ته کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين! پر پمي ڏيپ مان جاڳي ئي ڪا نه. هوءَ ته سيدو ساهي ڪندي ياري مان آئل انسپيڪٽر سان ٺٽو ٻڌي پيٺي.“

رام پنهنجن اکين سان ڏٺو، پر پمي بڪايل شينهن ٻڌجي پيئي هئي.

گلاب دادا غائب ٿي ويو هو، پوليس ساري بستي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي هئي. پر ٻيءَ پوليس وارن ۽ انسپيڪٽر سان ڏنڊ ڏيئي رهي هئي.

شيامون، گهنو ۽ ٻيا جوان هٿڪڙين سان پوليس جي پهري هيٺ وينا هئا.

رام، ايندي شرط، پوليس انسپيڪٽر کان پڇيو، ”هنن کي ڇو گرفتار ڪيو ويو آهي؟“

”هنن کي سؤ ڏهين قلم هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي.“

”هي ئي سڀ بدمعاش آهن؟“ رام غصي کي دٻائيندي خشڪ آواز ۾ پڇيو، ”جنهن زميندارن جي حد ۾ رهن ٿا اُن هنن خلاف شڪايت ڪئي آهي؟“

انسپيڪٽر جي چپن تي شرارتي مرڪ ڊوڙي آئي. چيائين، ”سيد علي اڪبر شاهه هنن خلاف شڪايت ڪندو؟ ناممڪن. ڳوٺ جي ٻين مڙني هندو مسلمان زميندارن يڪ آواز هنن شيطانن خلاف شڪايت ڪئي آهي.“

رام تلخ آواز ۾ چيو، ”گناهه ته مون ڪيو آهي. گرفتار هنن کي ڇو ٿو ڪيو وڃي؟“

انسپيڪٽر چيو، ”بيگ مٿن، يو آر آلسو انڊر اريسٽ (نوجوان، توهان به گرفتار ڪيو وڃين ٿو.)“

”سؤ ڏهين قلم هيٺ؟“ رام غصي مان پڇيو، ”ڳوٺ جي زميندارن جي نظر ۾ مان به شيطان آهيان؟“

”توهانکي سيفٽي ائڪٽ هيٺ نظربند ڪيو وڃيٿو.“

”اها ڳالھ آهي!“ رام ٺٺوليءَ مان چيو، ”منهنجي ٻاهر رهڻ مان اُمن اَمان کي خطرو رسڻو آهي! ٺيڪ آهي. لڳايو هٿ ڪڙيون.“

”اوهان جهڙي ٻڍڙهيل ڏڙهيل کي هٿڪڙيون ڪئن هڻبيون؟“

”مان ۽ هنن شيطانن ۽ بدمعاشن جو ساٿي آهيان. اوهان کان اها ڳالھ ڪئن ٿي وسري وڃي، انسپيڪٽر صاحب؟“

ٻرِيمي انسپيڪٽر جي ويجهو وڃي چيو، ”مونکي ۽ هٿڪڙيون لڳاءِ.“

هڪ هيڊ ڪنسٽبل چيو، ”لسرس، تنهنجو وارو ۽ ايندو.“

پريميءَ چيو، ”اڄ چونه ٿا لڳايو؟“

رام چيو، ”جيل وڃڻ لاءِ اتاولي نه ٿيءُ. ڪم جيل کان ٻاهر آهي، نه جيل جي اندر.“

”پوءِ توُن ڇوٿو جيل وڃين؟“

رام کي ڪل اچي ويئي. چيائين، ”ڇري، مان رضا خوشيءَ ٿو وڃان؟“

انسپيڪٽر چيو، ”معاف ڪجو، مان توهان کان فيض محمد جو ڏس پڇي سگهان ٿو؟“

”هن خلاف ۽ وارنٽ آهي نه،“ رام چيو، ”پر هو اوهان کي ملي نه سگهندو. جيستائين هٿ جا هاري زنده آهن، ليستائين اوهان فيضوءَ جو وار ۽ ونگو نه

ڪري سگهندا. لڳايو هٿڪڙيون، ڪٿي مان به نه رفوچڪر ٿي وڃان."

انسپيڪٽر اڳي ئي هڪ هيڊ ڪنسٽيبل کي اشارو ڪري ڇڏيو هو.

رام جي وڏاين هٿن ۾ هٿڪڙيون پيون لـ پر ٻيءَ جو هنئون سسي ويو. رانٿهار ڪي آواز ۾ پڇيائين، "هيءَ لوڪي وٺي ويندا؟"

رام موڪي چيو، "هيءَ بازيگر ڇوڪريءَ جو آواز آهي؟"

"مان ڪنهنجي سهاري جيئندي هس؟"

"مان موٽي ايندس،" رام چيو، "ان وچ ۾ لـون ڪاريه جي سهاري جئج."

"مونکي ڇڏي تو وڃين؟"

"مان لوکي ڇڏڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو؟"

اُن وقت سيني جو ڏيان بي اختيار ٻستيءَ جي لنگهه ڏانهن کڄي ويو. علي اڪبر شاهه اندر گهڙي آيو هو.

شاهه ايندي شرط رعب مان انسپيڪٽر کان پڇيو، "رام جهڙي معزز شخص کي هٿڪڙيون ڇو وڌيون اٿو؟"

جواب رام ڏنو، "مون پاڻ گهري ورتيون آهن. مان بازيگرن مان پاڻن جهڙو ٻاءُ ٿيڻ ٿو چاهيان."

شاهه وري پڇيو، "رام جو ضامن لوهان ڪڍندا يا مونکي ڪنڌ ٻاري، ماجسٽريٽ وٽ وٺي هلندو؟"

انسپيڪٽر چيو، "اوهانکي ڪيڏانهن وڃڻ جي

تڪليف وٺڻي نہ پوندي. ھن جوان کي سيفٽي انڪمٽ هيٺ نظر بند ڪيو تو وڃي." پوءِ پنھنجي آڱالي ڏانھن منھن ڪري چيائين، "ھاڻ ھلو نہ ھلون. گلاب غنڊي کي پوءِ بہ گرفتار ڪري سگھجي ٿو. شيطان ڪيترو وقت لڪو ڦرندو؟"

شاھ جي دل پرچي آئي. ھن رام کي پاڪر پائي چيو. "مان ڪراچيءَ ڇڏي ٿو وڃان. ھوم منسٽر سان گڏجي..."

رام ھنکي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو. کلي چيائين، "شاھ صاحب، تنھنجا مون تي لک ٿورا آھن، ھڪ ٿورو وڌيڪ ڪجِ. مينھنجي پر پٽ منھنجي، 'شرم بوٽيءَ' جي بارعہ اٿيئي."

پريميءَ خشڪ آواز ۾ چيو، "منھنجي ڪنھنکي بارعہ نہ ڪر. مان پنھنجي سنڀال پاڻ ڪنديس."

شاھ پريميءَ طرف نھاريندي چيو، "توکي اڃا مونتي غصو آھي؟ مان اُن ڏينھن جي ڏمڪيءَ لاءِ معافي وٺڻلاءِ تيار ٿي آيو آھيان."

رام چيو، "اھو اٿيئي منھنجو دوست، جو دوستيءَ صدقي ڪجھہ بہ ڪري سگھندو آھي. ھاڻ مرڪ نہ! تنھنجو روسامي وارو منھن مونکي ڏاڍو ستائيندو."

پريميءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "پنھنجي چڱيلائيءَ جو خيال رکج. لھي ايندين نہ مان وڙھنديسانءِ."

رام مرڪي چيو، "مھنجي سر مٿي ملڻ اچڻءِ."

شاهه چيو، ”مان ساڻ وٺي ايندو سانس.“

انسپيڪٽر پڇيو، ”هلون؟“

رام ورائيو ”بلاشڪ!“

پريميءَ چيو، ”ڪن ترسو“ ائين چئي هوءَ ڊوڙندي پنهنجي ڇوڪريءَ ڏانهن ويئي.

مونيءَ ته هنجي هٿ ۾ هڪ سنڌر جي ڊبي. هن ڊبي کولي، ڪُنڪُون مٿي ڪري رام جي پيشانيءَ تي وڏو تلڪ ڏنو.

... ... ...

پريميءَ، روئندڙ چنبيليءَ ڏانهن وڌندي چيو، ”اڄ روئڻ اپسوڻ آهي. کل، خوشي ڪر...“

ٻڍيءَ مومل وچ ۾ ٻوڪ ڏنو، ”گذريل سال، کهڙو پڪڙيو هو ته چنبيليءَ هڪ ڳوڙهو ڪونه وهايو هو، هاڻ ٿي مرڪ ميڪ ڪري؟“

پريميءَ پنهنجي پوٽيءَ سان پنهنجي ساهيڙيءَ جون اکيون اگهندي چيو، ”هاڻ اسان تي جوابداري آهي. جيسين جوان مڙسالو ماڻ، ورن تيسين پوک جي لساٽ ڪرڻ اسانجي ڀلي آهي. اسان ڪجهه نه ڪيو ته هو اچي مهڻا ڏيندا...“

ٺيڪ اوڏي مهل بستيءَ جي ٻاهر ۾ وڏو ڌڪاءُ ٿيو. گلاب دادا وانگر ڪورس مٿان بينڊ پير جي وڄ لسان سڌو بستيءَ اندر ٽپو ڏنو هو.

پريميءَ نفرت ڀريل لهجي ۾ چيو، ”گيدي!... ٻيا

جوان مڙسالو خوشيءَ سان پوليس جا ڪنگڻ پهري ويا ۽ هيءَ مچو وڃي ٿي چڙهي ويو..."

گلاب دادا ان وچ ويجهو اچي وبوهو. چيائين، "مان گيدي ناهيان. مان ناحق جيل وڃڻ نٿو چاهيان. مون جڏهن لکرن جي مکيءَ کي ڪاٽ هنيو هو تڏهن مڙس ٿي جيل پوڳيو هوم. هاڻ جڏهن مون ڏوهه ئي نه ڪيو آهي تڏهن جيل ڇو وڃان؟ ٻڌاءِ! ڪيتي ڪرڻ ڏوهه آهي؟ ايمانداريءَ جو پورهيو ڪرڻ پاپ آهي؟ مان جيستري نه ٻيا ڏوهه جيل نه ويندس. وٺين نه مونکي گولي هڻي منهنجي لاش کي جيل وٺي وڃن. مان گهدو نه آهيان، شيامون نه آهيان، پڙهيل رام به نه آهيان؛ مان گلاب آهيان، گلاب دادا..."

پريميءَ لاڙيون وجائي چيو، "شاباس! هاڻ تون سچ پچ اسانجو دادو آهين..."

گلاب لکي آواز ۾ چيو، "هي انصاف آهي؟ جڏهن اسان چوري ڪندا هئاسين، تڏهن به پوليس جي اک ۾ هئاسين. هاڻي، گناهه نٿا ڪريون تڏهن به جيل ڏانهن موڪليا وڃون... انڌيڪر نگري چوپٽ راجا..."

چنبيليءَ چيو، "واهه ري دادا واهه! تو ۾ به عقل اچي ويو."

پريميءَ کلي چيو، "عقل نٿو اچي نه ٿو ڪي نٿو اچي..."

"مان به هاڻ نه رنديس..."

گلاب چيو، "اسان ڪيتي ڪندا ايندا سين، پر اسانکي

ماري، اسانجي لاش کي ٻيءَ مان ٻاهر ڪڍن.“

ٻريميءَ پڇيو، ”ڪاٽ هڻڻ چڱو يا ڦوڪ ڪرڻ؟“

گلاب چيو، ”اها ته پڇڻ جي ڳالهه آهي! ڦوڪ ڪرڻ ۾ ڪشالا وڏيڪ آهن، پر چوريءَ جو ان سان ڪهڙو مقابلو؟ ڦوڪ ڪرڻ جو مزو ئي اور آهي...“

ٻريميءَ اکين ۾ شرارت ڀري چيو، ”هاڻ ته مڇين تو نه ماستر ڪي؟“

گلاب ورايو، ”مان ماستر کي نٿو مڃان. مان هنجي همت کي سڃاڻان ٿو. نه ته ڇا لڳي پڙهيل ڳڙهيل، ناجن جو پاليل نيمگرات، ڇا هاري ٻڌجڻ. عن پدهجو علم سڄا ٻو ڪيو آهي.“

ٻريمي ڦوندجي چيو، ”چنبيلي، ڪٿن تي ياڻئين!“

چنبيليءَ چيو، ”مان ته گهڻي کي ماستر جهڙو ٻڌائيند يس.“

مومل نڪ کي موڙو ڏيئي چيو، ”ٻڌبو، ضرور ٻڌبو؛ ڪڏهن تي جانو گلاب اهڙو ٻڌبو؟“

ڪجهه وقت جي خاموشيءَ بعد چنبيليءَ آهستي ٻريميءَ کان پڇيو، ”سچ ٻڌاءِ، لوکي ماستر جي پڪڙجڻ جو ارمان ڪونهي؟“

”ڇري،“ ٻريميءَ ڀريل گلي سان چيو، ”مان ماٺهو نه آهيان. ڏک هنکي به هوندو. پر ڇا اسان عمر ڀر لاءِ الڳ رهڻ وارا آهيون؟ ڪو ڏينهن ضرور ايندو جو اسان وري اصل جدا نه ٿينداسين...“

چنبيليءَ ھنکي چيڙائيندي چيو، ”شرم بوٽي!“
”مان شرم بوٽي ناهيان،“ پريءَ منهن گھنجائي چيو. پوءِ ٿهڪ ڏيئي چيائين، ”مان آهيان، همت بوٽي!“
چنبيليءَ پڇا ڪئي، ”تون سچ پچ همت بوٽي آهين.“
”ءُ اهو هڪ جادوگر جو ڪم آهي،“ پريءَ چيو، ”جنهن پارس پٿر اوهه سان لڳي سون ٿي پوندو آهي، لڻ منهنجي جادوگر موکي شرم بوٽيءَ مان همت بوٽي بڻائي ڇڏيو آهي. سڀ پرولي، اهو جادوگر ڪير آهي؟“
چنبيليءَ چيو، ”ماستر.“
پريءَ اکين ۾ شرارت ڀري ۽ چپن تي مرڪ آڻي چيو، ”غلط. منهنجي جادوگر جو نالو آهي رام. ٻڌءِ؟“

**سمايت**

## نيو فيلڊس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ٠٢ | اڪي ايٽن هياس (يادگيريون) | فضل احمد بچاڻي |
| ٠٣ | پرهه ڪان پهرين (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب |
| ٠٤ | مڪليءَ ڪان ملاڪا تائين (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ٠٥ | ڌرتيءَ تي دوزخ (ڪهاڻيون) | نظير ميمڻ |
| ٠٦ | مهڻي ڌرتي (ناول) | پرل ايس بڪ |
| ٠٧ | بلنديون (ناول) | نجم عباسي |
| ٠٨ | تيرهون سج (ناول) | امرتا پريتم |
| ٠٩ | حليم بروهي مجموعو (ڪهاڻيون) | حليم بروهي |
| ٠١٠ | پرالو ماڻهو، نيون ڪهاڻيون | فضل احمد بچاڻي |
| ٠١١ | رات وچ ۾ (ناول) | برٽ هاليڊي |
| ٠١٢ | سورن سانيهاس (ناول) | وڪٽر هيوگو |
| ٠١٣ | ...........(ڪهاڻيون) | مرتب: شمشيرالحيدري |
| ٠١٤ | دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) | نجم عباسي |

### اطلاع عام

پڙهندڙ گهٽ ۾ گهٽ نيو فيلڊس جي ٻن ڪتابن جو آرڊر موڪلين. ايجنٽ حضرات گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڪتابن جو. ٻن ڪتابن جي صورت ۾ کين 25% ڪميشن ڏني ويندي. جواب لاءِ جوابي لفافو موڪلڻ ضروري آهي.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو هر مهيني شايع ٿيندڙ نئون ڪتاب گهر ويٺي وصول ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ايڊريس لکي موڪليو.

نيو فيلڊس جا شايع ٿيل ۾ بهترين ناول

## نجم عباسي جو ڀريون طويل ناول

# "پيار ڪهاڻي"

هڪ ڊاڪٽر جي پيار جي ڪهاڻي، ۾ نجم عباسي ٻڌائي ٿو:

* پيار، مرد ۽ عورت جو آدرشي ناتو آهي.
  روح ملندا نه آهن، روح خوش ٿيندا آهن. ملندا جسم آهن. پيار ۾ جسم ملندا آهن ۽ روح خوش ٿيندا آهن. جسم بنيادي شيءِ آهي، جسم کان سواءِ روح جو وجود ڪٿي!
* پيار لاءِ نظام بدلائڻو آهي، پيار لاءِ انقلاب آڻڻو آهي.
* قومي فرق جي حالت ۾ ۽ طبقاتي سماج ۾ صحيح معنيٰ ۾ نه پيار ٿي سگهي ٿو ۽ نه پوري طرح پروان چڙهي سگهي ٿو ۽ نه مڪمل طرح ماڻي سگهجي ٿو.
* پيار هڪ طرفو نه ٿيندو آهي. هڪ طرفي پيار کي پيار چئي نه ٿو سگهجي، پيار باهمي جذبي جو نالو آهي.
* پيار جو شعور نه هوندو ته پيار ماڻي نه سگهبو....
* ناول هڪ دفعو شروع ڪرڻ کان پوءِ ختم ڪرڻ کان اڳ دل نه چوندي. صفحا ۴۰۰ قيمت -/۲۵ رپيا.

---

الطاف شيخ جو پسنديده ڪتاب

## "هس سدا بهار چلبيلي"

بقول الطاف شيخ جي ته پيو دفعو پڙهڻ ... ۾ ڪهس ايترو ئي مزو آيو جيترو پهريون دفعو پڙهڻ وقت آيو هو.

خوبصورت ٽائيٽل - صفحا ۲۴۰ - قيمت -/۲۰ رپيا

## الطاف شيخ جو نئون شايع ٿيل ڪتاب

# "مس سدا بهار چنبيلي"

ڪتاب مان ڪجهه ڪنيل ٽڪرا:-

من پنهنجي سامهون دروازي وٽ هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏٺي جيڪا عمر ۾ سورهن سالن جي هڪ مس ٿيندي پر سونهن سوڀيا ۾ عاج جي گڏي ٿي لڳي جا ڪنهن فنڪار والڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهي هجي. سيتان جو من کي ڏسڻ سان وات پٽجي ويو.

پوءِ آهستگيءَ سان، هڪ دفعو وري دروازو کليو، سامهون نهارڻ سان سيتان کي من دفعي پنهنجين اکين تي يقين نه پئي آيو. من جي اڳيان عورت جي روپ ۽ سونهن ۽ سوڀيا جي هڪ ئي اهڙي مورت اچي بيٺي هئي جنهن مجسمي جهڙي سهڻي صورت من ڪڏهن نه ڏٺي هئي ۽ نه ٻڌي هئي. سيتان جڏهن ٽهڪيءَ اک سان سندس پير ۽ وينل من جپاني ڇوڪريءَ ڏي ڏٺو ته من کي اهو محسوس ڪري عجيب ڪيفيت ٿي ته هوءَ به من ڏي ڏسي رهي هئي. بلڪ سيتان کي ائين محسوس ٿيو ته ان مس موهڻيءَ جون نظرون سندس اکين مان پارتي سندس اندر جي آنڌ مانڌ ڇڪيءَ طرح پڙهي رهيون هجن.

نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل هڪ اهڙو دلچسپ ڪتاب جنهن کي پورو پڙهڻ کان اڳ ڇڏڻ تي دل نه چوندي.

■ جيڪڏهن ذهن آزاد آهي ته ماڻهو غلام ناهي ٿي سگهي پر ذهن غلام آهي ته جسماني آزادي ڪا به حيثيت نٿي رکي. ■ انسان جو مقصد آزادي حاصل ڪرڻ آهي ۽ انسان جو اهو مقصد اڃا پورو نه ٿيو آهي. اصل ڪم اڃا هاڻي شروع ٿيندو. ■ جنهن کي تلوار لڳي ٿي، رت جو ڦوهارو وهي ٿو نڪتو ■ هو سچي رت ۾ رنگيل هئي ۽ وار وکريل هئس. هن محسوس ڪيو ته سڀئي ڪيس جانورن وانگر ٽڪي رهيا آهن. ■ جڏهن کي رهڻ کي خبر هئي ته هتي پيٽل سڀ نيگرو هن عورت کي قابو ڪري پنهنجي هوس پوري ڪرڻ چاهين ٿا. ■ اهي رڳو شراب ۽ عورت جي ڳولا ۾ رهندا ۽ سندن خواهشون کين وحشي بنائي ڇڏينديون ■ گورو بدن ڏسي هن جون رڳون ڇڪجڻ لڳيون. سان اڄ رات هن جي گوري پيٽ تي مٿو رکي ننڊ ڪندس.

انگريزي جڳ مشهور ناول نگار ڪرسٽوفر نڪول جي

ناول "Ratoon" جو سنڌي ترجمو

# نيگرو، عشق ۽ بغاوت

سنڌيڪار: نصير اعجاز

هن جي سيني اندر هڪ ڌڙڪندڙ دل هئي، هن به پيار ڪرڻ ٿي چاهيو، پر....غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙڻ سندس زندگيءَ جو اولين مقصد هو.

ارڙهين صديءَ ۾ آفريڪا جي سرزمين تي

هڪ نوجوان نيگرو جي بغاوت جو داستان

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

ڊيو ڦيلڊس جو شايع ٿيل اڻلڀ نجاهون ڪتاب

# "سفر يورپ جي ڊائري"

مصنف: قاضي عبدالمجيد 'عابد'

**سفر نامي مان ڪجهه ڪليل عنوان هيٺ ڏجن ٿا:**

لنڊن يونيورسٽي، لنڊن ميوزيم، پڪاڊلي سرڪس، جانورن جو باغ، ٽاور آف لنڊن، ڪوهنور هيرو، دنيا جا ست عجائبات، تقرير جي آزادي، شهزادي مارگريٽ، حسينن اسٽر، لنڊن ۾ پهريون روزو، انگريزن جي دفن ۽ ڪفن جو مسئلو، بواءِ فرينڊس، گرل فرينڊس، ٽيڊي بوائز، هم جنس پرستي، انگريز ڇوڪرين جو نظر انتخاب، اگهاڙن جي ڪلب، خوبصورت اسڪاٽلينڊ، ڏيڍ لک پائونڊ جواهرات جي چوري، گناهن جي بستي، لنڊن جون ڪورٽون ۽ جيل، فرينچ رهڻي ڪهڻي، پئرس جون رنگين محفلون، عرب سياح ۽ پئرس جون حسينائون، نيپولين جي مزار، نيپولين جي سلطان صلاح الدين سان عقيدت، اسڪندر مرزا ۽ ناهيد مرزا، جنيوا ۾ پهچڻ، اقوام متحده جي عمارت، هني مون آئلينڊس، زيورچ ۽ رات جي دنيا، سئٽزرلينڊ جو تخت گاهه برن ۽ انهن کان سواءِ ٻيا گهڻا دلچسپ عنوان.

صفحا ٤٣٤ خوبصورت ٽائيٽل قيمت ٥-٢ رپيا

۰۲۱. دل جو بندر (ناول) مصنف: ائورل آئيويس ـ/۱۲
مترجم: نصير اعجاز
۰۲۲. رهيل قرض (ڪهاڻيون) ظفر حسن ـ/۱۲
۰۲۳. درد جي خوشبو (ناول) قاضي خادم ـ/۱۸
۰۲۴. ڪنهن سان سور سليان مرتب: فيروز احمد ـ/۱۲
۰۲۵. فڪر جي آزادي مصنف: آسٽيفن زويگ ـ/۲۰
مترجم: ابراهيم جويو
۰۲۶. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل الطاف شيخ ـ ۱۶
(اوچي هڪاپي)
۰۲۷. غلامن جو پيڙو (ناول) مصنف: ايرڪ ڪارڊر ـ ۲۰
مترجم: دوست محمد پيٽي
۰۲۸. سي ٿي جوين ڏينهن الطاف شيخ ـ/۱۲
۰۲۹. عاشي (ناول) مصنف: هينري رائيڊر هيگرڊ ـ ۲۵
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۰۳۰. سي پيڙيون رڪين ڀاڃهه سين الطاف شيخ ـ ۱۲
۰۳۱. سڌارٿ (ناول) مصنف: هرمن هيس ـ/۱۰
مترجم: فضل احمد بچاڻي
۰۳۲. جپان رس الطاف شيخ ـ/۱۵
۰۳۳. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي ـ/۱۰
۰۳۴. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف ـ/۲۰
۰۳۵. سانپاهو سمونڊ جو الطاف شيخ ـ/۱۳
۰۳۶. سورج هوندي مرجهايل نجم عباسي ـ/۱۵
۰۳۷. آسيه (ناول) مصنف: هينري رائيڊر هيگرڊ ـ/۲۰
(عاشي جي واپسي) مترجم: فضل احمد بچاڻي

٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) مصنف: قرة العين حيدر -/١٢
مترجم: مدد علي سنڌي
٣٩. الطاف شيخ جي ٽولبڪ تان الطاف شيخ -/١٢
٤٠. سزا جا سڪ مصنف: آسڪر وائلڊ -/١٢
مترجم: فضل احمد بچاڻي
٤١. بهترين سفرناما الطاف شيخ -/١٥
٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) نجم عباسي -/١٥
٤٣. ٽڪل سريت مصنف: البرتو موراويا -/١٢
(ڪهاڻيون) مرتب: ولهرام وليپ
٤٤. لنڊن تائين لفٽ الطاف شيخ -/١٢
٤٥. تصوير جو خون (ناول) مصنف: آسڪر وائلڊ -/٢٠
(پڪچر آف ڊورين گري) مترجم: فضل احمد بچاڻي
٤٦. حليم شو حليم بروهي -/١٥
٤٧. ٻارن جون آکاڻيون الطاف شيخ -/١٢
٤٨. سپون مصنف: خليل جبران -/١٢
مترجم: فضل احمد بچاڻي
٤٩. سفر يورپ جي ڊائري قاضي عبدالمجيد عابد -/٢٥
٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد -/١٦
٥١. چانڊيءَ جون ناريون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب -/١٦
٥٢. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ -/٢٠
٥٣. بهار ڪهاڻي نجم عباسي -/٢٥
٥٤. نيگرو، عشق ۽ بغاوت مصنف: ڪرسٽوفر نڪول -/١٦
مترجم: نصير اعجاز

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.

## سنڌي ڪتابن جو مرڪز

# نيو فيلڊس ڪتاب گهر

حيدرآباد ۾ سنڌي ڪتابن جو واحد مرڪز. جنهن ڪان گهر ويٺي V.P پوسٽ ذريعي ڪتاب گهرائي سگهو ٿا.

’نيو فيلڊس ڪتاب گهر‘ ڪان نيو فيلڊس پبليڪيشنس، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، مڪتبہ اسحاقيہ، زيب ادبي مرڪز، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، سهڻي پبليڪيشن، آڪـم پبليڪيشن، منصور پبليڪيشن، وغيره جا ڪتاب ملي سگهن ٿا.

ڪتابن ڪان علاوه اسٽيشنري وغيره بہ مناسب قيمت تـي ملي سگهي ٿي.

پڙهندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٢٥ رپين جي ڪتابن جو آرڊر موڪلين.

ايجنٽ حضرات گهٽ ۾ گهٽ ٧٥ رپين جي ڪتابن جو آرڊر موڪلين.

حيدرآباد اچو تہ نيو فيلڊس ڪتاب گهر ضرور اچجو.

**نيو فيلڊ س ڪتاب گهر**

دڪان نمبر ٦٦ لبرٽي مارڪيٽ

سامهون سول اسپتال حيدرآباد.

آگسٽ ۱۹۸۴ع ۾ شايع ٿيندڙ ڪتاب

# اڳي ايئن هياس....

(ساروڻيون)

فضل احمد بچاڻي

* اهي ساروڻيون، جن کي سارڻ ته سولو آهي پر دلچسپ پيرائي ۾ قلمبند ڪرڻ ايترو سولو نه آهي....
* اهي ساروڻيون، جيڪي جيتوڻيڪ هڪ ٻن شهرن سان تعلق رکن ٿيون پر سڄي سنڌ جي وائي منڊل جي سماجي ۽ ثقافتي تصوير کي چٽو پيش ڪن ٿيون....
* اهو ويجهو ماضي، جنهن سان حال ۽ ويجهي آئندي جو پڌرو نقشو پسجي....
* هر هڪ بيان ۾ هڪ دلچسپ ڪهاڻي — هڪ ڪتاب ۾ انيڪ سچيون ڪهاڻيون....
* اهي ڳالهيون جن ۾ لکڪ پنهنجي ڏک سک جي بدران پنهنجن جي ڏک سک جي اپٽار ڪئي آهي....
* پراڻيون ڳالهيون جي نيون به آهن....
* ويجهي ماضيءَ جون اهي جهلڪيون، جي يا ته تمام ڏوراهين ماضيءَ جا دلچسپ قصا پائنجن يا نئين نسل لاءِ حيران ڪندڙ پر ياد رکڻ جهڙا پراڻا قصا بڻجڻ وارا هجن....
* پراڻيون ڳالهيون جي نيون آهن....
* بيان به نرالو ۽ بيان جو انداز به وڻندڙ — جو پڙهندڙن کي گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري....